# مهراڻ

ABC CERTIFIED

نمبر 3/2021ع



سنڌي ادبي بورڊ



## هيءَ جا لات ”لطيف“ جي

ويڄَنِ ويٺي ئِي، دوستُ پيهي دَرِ آئيو
صِحَتَ جِي سَرِيرَ ۾ ڪَلَ ڪَرِيين پيئِي
پِيڙَ پَري ويئِي، اَچَڻَ سانڱُ عجِيبَ جي.

(سُر يمن)

***

**سمجهاڻي:**

طبيبن جي هوندي ئي منهنجو سڄڻ سائين پاڻ منهنجي (خبر لهڻ واسطي) گهر اچي نڪتو. هن جي اچڻ سان منهنجو تن بدن ٺيڪ ٺيڻ لڳو ۽ پڌل ڦٽ مڙئي پرجڻ ۽ ٺيڪ ٺيڻ لڳا. دلبر دوست جي اچڻ سان درد ۽ سُور سڀ غائب ٿي ويا.

(شاهه جو رسالو) محقق: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
شارح: ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو
ڇاپو پهريون: 2016ع، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو

سائين سدائين
ڪرين
مٿي سنڌ
سڪار
دوست
تون دلدار
عالم سڀ
آباد ڪرين



# ڏهو محرم ماهه

معمور يوسفاڻي
عمرڪوٽ

## حسين ابن عليؑ

دنيا جي حياتي کي ڇڏي دين ڏي هليو،
عزت جو طلبگار حسين ابن علي هو.
طاغوت جي لشڪر سان لڙي، ڳُسُ ڏسي ويو،
اسلام جو آڌار حسين ابن علي هو.

## فيصلو

خاندانن جي لڙائي ڪين هئي،
معرڪو هي حق ۽ باطل جو هو.
حق جا ساٿي شهادت کي رسيا،
باطلن تي مينهن لعنت جو وسيو.

## سهڻو سبق

رهڻ گڏ حق ۽ باطل جو مشڪل ۽ محال آهي،
ڪيو جن سچ جو سودو اهي ڪوڙن سان ڪيئن لهندا
ملي ٿو هي سبق سهڻو محرم جي ئي مهيني کان،
پلي باطل ڪري ٻڙ ٻڙ، ڪسڻ وارا ڪسي رهندا.

## نتيجو

سڄو سچ "سچن صحيفن اڳيان،
رهي هيچ ٿو ڪوڙ وارو ڪتاب"
امامن جي عزت ڏينهان ڏينهن وڌ،
يزيدي سدائين خوار ۽ خراب!

## صلواتون سلام

ڪجي وصف ڇا شاهه شبير جي؟
"خدا جو پيارو اسان جو امام"
لنا تنهنجي 'معمور' ڪهڙي ڪري؟
شب و روز جنهن تي صلواتون، سلام!!

ABC
CERTIFIED

ٽماهي

# مهراڻ

[سنڌي ادبي بورڊ جو ٽماهي علمي، ادبي ۽ ثقافتي دستاويز]

جلد 71 — جولاءِ- سيپٽمبر 2021ع — نمبر 3

**سرپرست اعليٰ**

**مخدوم سعيد الزمان 'عاطف'**

چيئرمين

**ايڊيٽوريل بورڊ:**

**ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ**

**ڊاڪٽر نواز علي شوق**

**ڊاڪٽر اسد 'جمال' پلي**

**سيڪريٽري**

**سيد سڪندر علي شاهه**

**ايڊيٽر**

**ثمينه ميمڻ**

سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو، سنڌ




# ٽماهي مهراڻ

(Regd No. NS-20)

سنڌي ادبي بورڊ جام شورو، سنڌ

The "Mehran" Quarterly
Vol: 71, No 3/2021
(Established in 1955)


• An age old leading journal of Scholarship in Sindhi Language, Acknowledged in all Literary circles of Pakistan and Abroad.

• Contemporary Creative writings, History, Civilization Education, Music, Folklore, Archaeology, Lexicography, General Culture of Sindh and Translations from world Literature are the main topics of Material Usually Published in this Periodical.


• Published by *SINDHI ADABI BOARD*



• Publication Contact:
Editor, 'Mehran' Quarterly
Sindhi Adabi Board,
Jamshoro Sindh, Pakistan
Tele: 022-2907074
022-9213425
Fax: 022-9213422
E.mail: sindhiab@yahoo.com
Website: www.sindhiadabiboard.org

Subscription contact:
Manager
Sindhi Adabi Board's Kitab Ghar
Tilak Incline Hyderabad,
Sindh, Pakistan
Telephone: (022) 2633679

خريداريءَ لاءِ رابطو:
مئنيجر، سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر، تلڪ چاڙهي، حيدرآباد، سنڌ


ساليانو چندو: اٺ سؤ روپيا    فون نمبر: 022-2633679    في پرچو: ٻه سؤ روپيا


Printed and Published by Secretary Sindhi Adabi Board, at the Board's Printing Press, Sindh University New Campus, Jamshoro, Sindh, Pakistan.



پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

# سوچ-لوچ

## بورڊ آف گورنرس جو اجلاس:

مخدوم سعيد الزمان 'عاطف'، چيئرمين سنڌي ادبي بورڊ مؤرخہ 16- جولاءِ 2021ع تي بورڊ آف گورنرس جي اجلاس جي صدارت ڪئي. اجلاس ۾ بورڊ جي تازو گذاري ويل ميمبرن سيد ارشاد شاهہ، سيد حاڪم علي شاهہ ۽ عبدالقادر جوڻيجو جي ايصال ثواب لاءِ دعا گهري وئي، اجلاس ۾ مالي سال 22-2021 جي بجيٽ پيش ڪئي وئي، جيڪا بورڊ آف گورنرس جي ميمبرن اتفاق راءِ سان منظور ڪئي، اجلاس ۾ رکيل ايجنڊا جي مختلف اسمن تي غور ويچار ڪيو ويو، بورڊ آف گورنرس جي اجلاس دوران بورڊ جي ميمبر ڊاڪٽر ڏر محمد پٺاڻ، سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين مخدوم سعيد الزمان 'عاطف' صاحب، طرفان بورڊ اندر ڪرايل خوبصورتي ۽ ترقياتي ڪمن کي واکاڻيو جنهن جي تائيد ڪندي ڊاڪٽر عبدالغفار سومري خراج تحسين پيش ڪيو ۽ اهو پڻ چيو تہ بورڊ آف گورنرس طرفان اهڙو ٺهراءُ رڪارڊ تي آندو وڃي. چيئرمين سنڌي ادبي بورڊ، مخدوم سعيد الزمان 'عاطف' طرفان بورڊ جي بجيٽ جي واڌاري لاءِ ڪراچي ۾ رهندڙ ميمبر صاحبن کي هدايت ڪئي تہ اهي پنهنجي قيمتي وقت مان ڪجهہ وقت ڪڍي بورڊ طرفان سنڌ سرڪار سان ٿيندڙ لکپڙهہ بابت واسطيدار سيڪريٽرين ۽ وزيرن سان لهہ وچڙ ۾ اچي بورڊ جي ساليانې گرانٽ ۾ واڌارو ڪرائي پنهنجو ڪردار ادا ڪن.

## پبليڪيشن ڪميٽيءَ جي گڏجاڻي:

مؤرخہ 27- آگسٽ 2021ع تي چيئرمين ڊاڪٽر ڏرمحمد پٺاڻ جي صدارت هيٺ پبليڪيشن ڪميٽيءَ جي گڏجاڻي ٿي. هن گڏجاڻيءَ ۾ ڪميٽيءَ جي ميمبرن ڊاڪٽر نواز علي شوق، ڊاڪٽر اسد جمال پلي صاحب ۽ مهراڻ سرتيون ۽ گُل ڦُل جي ايڊيٽرن ۽ پبليڪيشن ڪميٽيءَ جي انچارج دبير مرزا ۽ رفيق جماليءَ شرڪت ڪئي، هن گڏجاڻيءَ ۾ ڪتابن ڇپجڻ ۽ ٽنهي رسالن جي باري ۾ اهم فيصلا پڻ ڪيا ويا.

## ڪجهہ ڇوڙي پنڌ پيا:

### هيرو شيوڪاڻي



ڪهاڻي نويس، ماهر مضمون نگار ۽ صفِ اول جو نقاد پروفيسر هيرو شيوڪاڻي تاريخ 21- جولاءِ 2021ع تي سنڌو نگر (ڀارت) ۾ گذاري ويو. سندس جنم 6- جنوري 1935ع ۾ ٿيو هو. شروعاتي دؤر ۾ ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي هاءِ اسڪول احمد آباد ۾ ماستر هئا، ان کان پوءِ سنڌو نگر ۾ آر.ڪي تلريجا ڪاليج ۾ تعليمدان طور خدمتون سرانجام ڏنائون. سنڌ سرڪار طرفان ۽ ساهتيہ اڪيڊميءَ ڪين ايوارڊ سان پڻ نوازيو. ۽ گذريل سال اين.سي.پي.ايس.ايل طرفان هنن کي لائيف ٽائيم اچيومينٽ ايوارڊ پڻ ڏنو ويو. هنن جا تمام گهڻا ڪتاب پڻ شايع ٿيل آهن، هيروشيوڪاڻيءَ جو آخري ڪتاب سندس آتم ڪٿا 'سچ بنام سوچ' شايع ڪيل آهي.

### واسديو موهي



سنڌ ۽ هند جو ناليوارو سنڌي غزل، نئين ڪويتا جوڙو شاعر ۽ نقاد واسديو وينسي مل سناڻي 27- آگسٽ 2021ع تي 77 ورهين جي ڄمار ۾ دبئيءَ ۾ ديهانت ڪري ويو. 2- مارچ 1944ع ۾ سنڌ جي شهر ميرپورخاص ۾ جنم وٺندڙ واسديو وينسي مل سناڻي، ادبي نالي واسديو موهي سان مشهور هو. پاڻ سنڌي ٻوليءَ سان گڏ هندي، گجراتي ۽ انگريزي ٻوليءَ جو بہ وڏو ڄاڻو هو. سندس شاعري ۽ ڪهاڻين کان علاوه ٻين موضوعن تي ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن. ورهاڱي کان پوءِ سنڌي غزل جو هينڊ بڪ، چونڊ سنڌي شاعري جو انتخاب ورهاڱي کان پوءِ سنڌي غزل جي چونڊ تنقيد ۽ آزاديءَ کان پوءِ غير افسانوي سنڌي ادب شامل آهن. واسديو موهي ايم.اي، ايم.ايل.بي تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ انڊين هاءِ اسڪول دبئيءَ ۾ انگريزيءَ جو ليڪچرر مقرر ٿيو.

تازو اسان جا بہ محقق، تعليمدان ۽ ادبي ڪارڪن اسان کان وڇڙي ويا آهن. انهن بنهي متعلق هتي اسين بورڊ آف گورنرس جي مانواري ميمبر ڊاڪٽر اسد جمال پلي جون لکيل تحريرون شامل ڪيون ٿا.

# چوليون


## لافاني ڪلام

- حضرت مخدوم نوح سرورؒ-سيد ثابت علي شاهه 10
- محمد فقير کٽياڻ - سيد صاحب ڏنو شاهه
- پير ابراهيم جان خليل سرهندي 11
- مرزا مراد علي بيگ ”بيدل“
- محمد حيات شاهه ”حافظ“
- سيد قطب علي شاهه ”قطب“
- عبدالحئي ”سليم“ هالائي - حافظ محمد ”احسن“ چنا 12
- سيد ذوالفقار راشدي - عبدالجبار ”عابد“ لغاري
- جهنڊل فقير ڪورائي - مومن مليرائي 13
- حسين بخش ’خادم‘ سروري- عبدالرحمان هليپوٽو

## تحقيق

- بخاري شريف ۽ ان جون شرحون -مخدوم سليم الله صديقي 15
- فتحنامه يا چچنامه جي اصليت -ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو 18
- مولانا رومي ۽ اينميري شمل -ڊاڪٽر غلام محمد لاکو 24
- مولوي احمد ملاح جي شاعريءَ ۾ تجنيس اشتقاق- مرڪب -ڊاڪٽر الطاف جوکيو 33
- مخدوم عثمان المرونديءَ جي سوانح حيات نئين تحقيق جي روشنيءَ ۾ -ناسف علي شيراز 40
- مخدوم ابوالقاسم نقشبندي ٺٽوي -قاضي غلام علي 54
- مخدوم محمد اسماعيل پريالوي -شاهد علي صوف ابڙو 58
- پريت جا پيچ: مرليٽر جيٽلي جا عبدالڪريم سنديلي ڏانهن لکيل خط (سرسري مطالعو) -ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو 72
- سنڌ جو تاريخي قبرستان- آمري -زاهد ڪنيار 78
- صوفي صديق محمد ”صادق“ فقير جي ڪلام جو فني مطالعو -ڊاڪٽر اسد جمال پلي 85
- ڪَڪرالا جو جاگرافيائي ۽ تاريخي پَسمنظر -حافظ حبيب سنڌي 91
- مولانا عبدالغفور سيتائي -پروفيسر ڊاڪٽر محمد اشرف سمون 103

## شاعري

- شبير هاتف/ پير مجدد 109
- سرفراز راڄڙ/نياز پنهور 110
- مشتاق سچلروي/ سيف الله خالد يوسفاڻي 111
- ثناءُ سرهندي/ ادل سومرو 112
- سڄاڳ پلي/ خليل عارف سومرو 113
- ’جمال‘ مراد گبول/ فضل الله ’فدا‘ چانڊيو 114
- گلبدن جاويد 115
- شاهه مردان شاهه/ قمر مورائي 116
- منظور علي شاهه لڪياري/ اقبال شاهين 117
- مايا ساگر اوڏ/ روبينه ابڙو 118
- فخرالدين شاهه/ بيتاب ناپر 119
- امر اقبال/ يوسف سولنگي 120
- فقير محمد بخش ’ضامن‘/ اسد ’جمال‘ پلي 121
- نسرين الطاف / بانو محبوب جوکيو 122
- ولي محمد وفا هوت/ اُداس لنڊ 123
- الهه بچايو مشتاق آريسر/ زاهد ڪنيار 124
- بشير هليپوٽو/ عبدالغني ’غني‘ هليپوٽو 125
- عاجز ڪريم پوري/ ’عادل‘ چوهاڻ 126
- قائم الدين قائم ماڇي/ طالب پنيرو 127
- مخلص چانڊيو/ ’مصروف‘ چانڊيو 128
- سليم رضا / بشير احمد ڪنيار 129
- علي اظهار/ نذر عباس 130

سنڌ ۾ بيت جي تاريخ بہ ڪافيءَ وانگر اختلافي مسئلو آهي. اسان جي عالمن جو خيال آهي تہ ’شاهہ ڪريم‘ موجدِ آهي. ڪن جو خيال آهي تہ ’قاضي قاضن‘ بيت اول لکيا آهن- حالانڪ اوليت جي حيثيت سان ’ماموئي فقيرن جا بيت‘ اڳاٽا آهن. باقي رهيو فهم ۽ معانيءَ جو سوال، تہ ان حيثيت سان ’غوث الحق مخدوم نوح رحہ‘ جا بيت ان صنف جي نمائندگي ڪن ٿا، ۽ اصول فن هيئت موضوع ۽ مواد جي حيثيت سان سڀ کان اوليت جو شرف رکن ٿا. شاهہ ڪريم رحہ بہ سندن مصاحبن ۽ معتقدن مان هو. اول ان بزرگ تاثر قبول ڪيو، ۽ پڻ سٽن ۾ سادا ۽ پختا بيت لکيا. ’شاهہ‘ ان صنف ۾ تجربو بہ ڪيو، ۽ اضافو بہ ڪيو، ۽ ان فن کي ’هيئت‘ جي لحاظ سان ڪمال تي پهچايو.

مخدوم نوح رحہ جو هي بيت نموني طور پيش ڪريان ٿو- اهو بيت، ٺٽي ضلعي جي مشهور عارف ۽ عالم ’مولانا محمد هاشم سومري‘ (جو سؤ کن ورهين جو بزرگ اهي) مون کي ٻڌايو، جو مون بروقت لکي ورتو- بيت هي آهي:

اُپٽيان تان انڌيون، پوريون پرين پسن،
آهي اکڙين، عجب ٻرِ پَسڻُ جي.

ان طرح حضرت مخدوم نوح رحہ جو ٻيو بيت آهي:

ماڪ مَ ڀانيو ماڻهئا، پيئي جا پرڀات،
روئي، رڙهي، رات، ڏسي ڏکوين کي.

مٿيان بيت، ’فن ۽ مواد‘ جي حيثيت سان، ’نغمگي ۽ شيرينيءَ‘ جي لحاظ سان ’هيئت ۽ اسلوب‘ جي خيال سان ’بيت‘ جي صنف ۾ اوليت رکن ٿا. منجهن تجنيس حرفي بہ آهي، ۽ ’چند وديا‘ جي اصولن موجب لفظن جي تراش خراش، جوڙجڪ ۽ بيهڪ سٽاءُ ۽ جڙاءُ بہ آهي تہ قافيئي جو صحيح التزام بہ آهي، ۽ صرفي ۽ نحوي بندش بہ آهي. هن دور ۾ ’بيت‘ جنهن معيار تي پهتو آهي، اهو اظهر من الشمس آهي.

اصل ۾ ’ڪافي ۽ بيت‘ جي ڪمال جو سبب سنڌي زبان آهي. سنڌي زبان جي جزالت ۽ لطافت، لفظن جي لوچ ۽ نرمي، انداز بيان جي ميناج ۽ رس، قافيہ دار لفظن جي فراوانيءَ ۽ محاورن جي ندرت، ۽ اصطلاحن جي ڪثرت مان اهڙيون تہ شيرين ۽ دلنشين بندشون ۽ ترڪيبون پيدا ٿيون آهن، جن ۾ نہ فقط تصوف جا دقيق ۽ عميق مسئلا ۽ معاملا اچي وڃن ٿا، پر هن دور جديد جي سماج جا انوکا ۽ اٽانگا معاملا بہ، استعاري سان، تاويل ۽ تعبير جي گرفت ۾ اچي وڃن ٿا.

**غلام محمد گرامي**

(ڪتاب: ’وڻجارن وايون‘ مصنف: عبدالڪريم ’ڪريم‘ پلي جي مقدمي تان ورتل)

# لافاني ڪلام

اها جيڪا اڳين سنڌ جي تاريخ آهي، اُن بابت ڪيتريون ساريون غلط فهميون پيدا ٿيون آهن، پر ڳالهه آهي تہ ڪير انهن جو مطالعو ڪري ۽ انهن کي صاف ڪري! مثلاً: چين جي سياح ”شُوان سَينگ“ جي ”هند“ ۾ اچڻ جو جيڪو سفرنامو آهي، تنهن کي آثارِ قديمہ جي محققن، خاص طرح ”ڪننگهام“ مرتب ڪيو آهي، پر هن جيڪي نتيجا ڪڍيا آهن، تن سان اسان جو اتفاق ڪو نهي. هن جي خيال ۾ چيني سياح لکيو آهي تہ ”سنڌ شودرن جو ملڪ آهي“، انهيءَ غلط نظريي کي پوءِ وٺي گهڻو وڌايو ويو آهي تہ سنڌ ۾ شودر رهندا هئا، پر قديم آثارن مان ظاهر آهي تہ سنڌ جي وڏي تهذيب هئي. شودرن جو تہ ڪو سوال ئي نہ ٿو اٿي. ان اڳئين دور بابت بہ ٿوري گهڻي روشني سنڌ ۾ ساساني ايران جي تعلقات مان ملي ٿي. انهن لاڳاپن بابت اسان موسيقيءَ جي سلسلي ۾ ۽ ٻين سلسلن ۾ تحقيق ڪئي آهي، تہ اتان ڪجهہ ٿوري گهڻي روشني ملي ٿي. اجا بہ جيڪا اڳ جي تاريخ آهي، تنهن کي اسان ’قبل تاريخي دور‘ (Pre History Period) چئون ٿا، اُن دور ۾ موئن جي دڙي جي لکت تي ڪم ٿئي پيو. موئن جي دڙي جي تهذيب ڪيئن پوءِ ٻئي هنڌ پکڙي، تنهن جا آثار ڪوٽ ڏيجيءَ مان يا هندستان جي ڪن قديم آثارن (لوٿل وغيره) مان مليا آهن. سنڌ جي موجوده حدن اندر اهڙن ’قبل-تاريخي دور‘ جي آثارن جي تلاش بابت مون مقالو لکيو آهي تہ انهن کي ڪيئن ڳولجي. هڪ ’خاص سروي‘ جي ضرورت آهي، خاص طرح سان ”رَوَرستم“ وارين ايراضين جي. سنڌونديءَ جا پراڻا وهڪراءِ شاخون قديم آثارن جي ڳولا لاءِ ڪارگر آهن. ڇاڪاڻ تہ گهڻو اڳ جيڪي بستيون هيون، سي پاڻيءَ سان ٻڌل هيون. سنڌونديءَ جو جيڪو الهندي طرف وارو پاڳو آهي، تنهن جي ڪن قديم بستين جي اسان کي خبر آهي، مثلاً آمري هئي ۽ موئن جو دڙو هو. پر ”اپرنديون نارو“ جيڪا هڪ نهايت پراڻي ندي آهي، تنهن لڳ جيڪي آثار آهن، تن تي توجهہ ڪانہ ڏني آهي. مون پنهنجي هڪ مضمون ۾ اها ڳالهہ سمجهائي آهي تہ اپرنديون نارو جيڪو ڪنهن وقت هڪ وڏي ندي هئي، تنهن سان لاڳو جيڪي آثار آهن، تن کي اسان ڳولي ڏسون. اهڙو هڪ خاص قديم آثار ”نَهَتو“ آهي، جيڪو عمرڪوٽ تعلقي جي مهراڻي سان آهي، جنهن جو مون گهڻو مطالعو ڪيو آهي. اُتان مون کي جيڪي شيون مليون، تن مان موئن جي دڙي جي مُهرن جهڙي هڪ مُهر ملي آهي. بهرحال، اسلام جي آمد کان اڳ وارو جيڪو زمانو آهي، سو وڏو ڏکيو آهي. اُنهيءَ جا مسئلا بہ گهڻا آهن ۽ هر علم ۽ ذوق واري ماڻهوءَ جو ڪم آهي تہ اُن جو مطالعو ڪري. آءٌ بہ پنهنجي حال موجب ڪيان پيو.

**ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ**
رسالو مهراڻ 1985/3ع تان کنيل

# تحقيق

**مخدوم سليم الله صديقي**
پاٽ شريف



# بخاري شريف ۽ ان جون شرحون

علم حديث جي دنيا ۾ بخاري شريف کي منفرد مقام حاصل آهي. حديث جي هر محقق ان کي هنياءَ سان هنڊايو ۽ رهنمائي ورتي، امام بخاري رح جي حديث گڏ ڪرڻ واري ڪاوش کي "فنا في الحديث" جو عنوان ڏجي ته وڌاءُ نه ٿيندو.

هِجي ٿي حديث، اوڏڻ ٿيو اسوه،
محمد سندي فتوه، موڙي ماڳ ملائي.
(سليم)

امام محمد بن اسماعيل بخاري (194هه-656هه) هڪ جيد عالم ابو عبدالله محمد بن اسماعيل بن ابراهيم جي گهر ۾ بخاره ۾ جنم ورتو. سندس والد حديث جي ثقه راوين مان هو. امام بخاري اڃان صغير هو جو والد گذاري ويو. پوءِ سندس پرورش نيڪ سيرت والده ماجده ڪئي.

سندس ابتدائي تعليم جن استادن وٽ ٿي سي پنهنجي دور جا جليل القدر استاد هئا، جن ۾ محمد بن سلام بيڪندي، محمد بن يوسف بيڪندي، عبدالله بن محمد مسندي ۽ ابراهيم بن الاشعث جا نالا قابل ذڪر آهن. پاڻ طالب علميءَ جي زماني ۾ ڪجهه ايام بغداد ۾ رهيو. جنهن دوران پندرهن هزار کان وڌيڪ حديثون حفظ ڪيائين.

امام سڳوري حصول علم لاءِ شام، مصر ۽ جزيره جا ٻه دفعا ۽ بصره جا چار دفعا سفر ڪيو. پاڻ ڇهه سال مڪي مڪرمه ۾ قيام پذير رهيو. ڪوفي ۽ بغداد ۾ سندس اڪثر اچڻ وڃڻ رهيو، پاڻ هڪ هزار کان وڌيڪ شيوخ کان حديث مبارڪ لکي ۽ ڇهه لک حديثون جمع ڪيائين.

سندس ذهانت ۽ علم جو اعتراف نه رڳو يندڙ دورن ۾ ٿيندو رهيو، پر همعصر مشائخ پڻ ان جو اعتراف ڪيو ۽ کيس قدر جي نگاهه سان ڏسندا هئا، ابن حجر عسقلاني ته کيس حديث ۾ دنيا جو امام قرار ڏنو آهي، حديث گڏ ڪرڻ ۽ ٻين کان حاصل ڪرڻ، سندس احتياط ۽ تقويٰ پڻ انتهائي هئي.

بخاري ڪنيو بار، پلو تنهن پاڳ،
اهڙو ٿيس جاڳ، جرڪي اٿيو جهان.

—

اڪر اڪر اوتيائين، اڃي پهتو هت،
ذري ذري وٽ، ڇڏيائين ڪونه ڇيڳرن لاءِ.
(سليم)

امام بخاري رح نه صرف حديث جي موضوع تي ڪم ڪيو، پر ان کان علاوه ٻه سندس تحريرون قدر جي نگاهه سان ڏٺيون وڃن ٿيون.

(1) ڪتاب الضعفاء (2) ڪتاب الڪني (3) التاريخ الڪبير (4) التاريخ الاوسط (5) التاريخ الصغير (6) الادب المفرد (7) رفع اليدين في الصلواة (8) القرأة خلف الامام (9) ڪتاب الاشربة (10) ڪتاب العلل (11) ڪتاب البهة (12) برالوالدين (13) الجامع الڪبير (14) التفسير الڪبير (15) المسند الڪبير (16) خلق افعال العباد (17) قضايا الصحابة والتابعين (18) ڪتاب الفوائد (19) ڪتاب المسبوط (20) اسامي الصحابة (21) الجامع الصحيح (22) ڪتاب الوحدان.

يقيناً سڀني ڄاڻايل ڪتابن ۾ صحيح بخاري جي اهميت ۽ انفراديت هر اهلِ علم جي نظر ۾ واضح آهي. ان اهم ڪتاب جي تاليف جو سبب ڄاڻائيندي شاهه عبدالعزيز محدث دهلوي لکي ٿو: هڪ ڏينهن امام بخاري اسحاق بن راهويه جي مجلس ۾ موجود هو. جتي دوران بحث اها ڳالهه آئي ته "ڪيڏو نه ڀلو ٿئي جيڪڏهن ربّ ڪريم جلشانه

(ديبالپور) ۾ هو جو سليمان نئون اموي خليفو ٿيو جيڪو حجاج جو سخت مخالف هو. جيتوڻيڪ حجاج هڪ سال اڳ 95هجري ۾ مري ويو هو پر نئين خليفي محمد قاسم کي معزول ڪري گرفتار ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيو. اهو سال 96هجري هو. چچنامي جي لکڻ موجب محمد بن قاسم کي جيئري کل ۾ سبي دارالخلافه بغداد موڪليو ويو. محمد بن قاسم سنڌ ۾ ڪُل ٽي سال ۽ ڪجهه مهينا رهيو.

چچنامي مان معلوم ٿئي ٿو ته محمد بن قاسم ڪوبه ننڍو توڙي وڏو قدم حجاج جي اجازت کانسواءِ نه ڪندو هو. هو هر مشڪل مسئلي بابت خط لکي اجازت وٺندو هو ۽ ستن ڏينهن اندر کيس جواب ملي ويندو هو. اهوئي سبب آهي جو چچنامي ۾ مجموعي طور چاليهارو خطن جو مواد موجود آهي، جن مان ڪي نهايت مختصر ته ڪي تفصيلي قسم جا آهن. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته حجاج تاريخ ۾ هڪ ظالم شخص ٿي گذريو آهي، پر اها به حقيقت آهي ته سنڌ ۾ محمد بن قاسم ڏانهن لکيل خطن ۾ هو هر وقت کيس مقامي ماڻهن سان ممڪن حد تائين صلح صفائي ۽ امن سان رهڻ جي هدايت ڪري ٿو. جڏهن محمد بن قاسم کانئس اهو سوال پڇيو ته فتح حاصل ڪرڻ کان پوءِ سنڌ جي هندن ۽ ٻوڌين سان ڪهڙو سلوڪ ڪجي ته کيس لکيائين سنڌ جا اهي ماڻهو اهلِ ڪتاب يعني يهودي، عيسائي ۽ مجوسين جي برابر آهن، يعني اهي ذمي آهن جنهن جو مطلب آهي ته اهي اسان جي حفاظت ۾ آهن جنهن لاءِ هنن کان جزيه کان سواءِ ٻيو ڪوبه ٽئڪس يا محصول نه ورتو ويندو. ساڳئي وقت اهو به لکيائين ته ڪنهن به ماڻهوءَ کي پنهنجي مذهب تي هلڻ کان روڪڻ نه گهرجي. بلڪ جڏهن برهمڻ آباد جي شمنيءَ پنهنجي عبادتگاهه جي مرمت واسطي اجازت گهري ته حجاج محمد بن قاسم کي جواب ۾ لکي موڪليو ته جڏهن هنن اسان جي اطاعت قبول ڪئي آهي ۽ ذميءَ جي حيثيت ۾ خراج ڏيڻ قبول ڪيو آهي ته پوءِ اسان کي هنن جي مذهبي آزادي تي ڪا پابندي مڙهڻ نه گهرجي. هن سلسلي ۾ اها ڳالهه خاص طور قابل ذڪر آهي ته حجاج طرفان اهڙين هدايتن تحت ئي برهمڻن کي ڏن وصول ڪرڻ جي اجازت ملي هئي ۽ سندن آمدني تي جزيه لاڳو نه هو، جنهن جو اقرار جادوناٿ سرڪار جهڙي هندو مؤرخ پڻ ڪيو آهي. چچنامي مان اهو به واضح ٿئي ٿو ته حڪومت جي انتظام هلائڻ خاطر مقامي ماڻهن تي پورو اعتماد ڪيو ويو. اهوئي سبب هو جو راجا ڏاهر جي وزير کي ماليات جي عهدي تي برقرار رکيو ويو، بلڪ برهمڻ آباد ۾ ڍلن جي وصوليءَ جو اختيار چئن برهمڻن جي حوالي ڪيو ويو.

فتحنامي ۾ حجاج جي خطن مان اهو پڻ اندازو ٿئي ٿو ته هو راجا ڏاهر جي بهادري ۽ سندس لشڪر کان باخبر هو جنهنڪري هن پوريءَ ريت تياري ڪئي هئي. جو ته هن کان اڳ سنڌ- هند جي ساحل ڏانهن جيڪا پيش قدمي ٿي هئي ان جا ڪي سٺا نتيجا نه نڪتا هئا. خاص طور عبيدالله ۽ بُديل جي ناڪام مهمن بعد حجاج کي گهڻو فڪر لاحق هو، انڪري هاڻي حجاج اها سموري مهم پنهنجي نگرانيءَ ۾ مڪمل ڪرڻ گهري ٿي. هن پنهنجي خاندان جي نوجوان فرد محمد بن قاسم جو انتخاب به انڪري ڪيو جنهن تي هو مڪمل اعتماد ڪري سگهيو ٿي ۽ کيس سنڌ ۾ موڪلڻ کان اڳ شيراز ۾ آزمائي چڪو هو. اهوئي سبب هو جو وقت بوقت محمد بن قاسم کي خطن ذريعي هدايتون ڏيندو رهيو ته اڳيون قدم ڪهڙو کڻڻ گهرجي. انڪري لشڪر جي تياريءَ ۾ سُئي سڳي کان وٺي حجاج پاڻ ان جي ضرورتن جو خيال رکيو. هن کي راجا ڏاهر سان سخت مقابلي جو چڱيءَ ريت احساس هو، انڪري هو هر مرحلي تي محمد بن قاسم جي رهنمائي ڪندو رهيو ۽ محمد بن قاسم پڻ هڪڙو قدم به سندس منظوريءَ کان سواءِ نٿي کنيو. وڏي ڳالهه ته حجاج ٽپال جو اهڙو انتظام قائم رکيو جو ستن ڏينهن جي اندر خط جو جواب پهچي ويندو هو، خطن ۾ هو اهو به ٻڌائيندو هو ته سنڌو دريا کي ڪٿي ۽ ڪيئن پار ڪرڻو آهي جنهن لاءِ اڳواٽ ٻيڙين جي پل تيار ڪرڻ جهڙا حڪم به شامل هوندا هئا. اهڙيءَ طرح لشڪر جي ترتيب ۽ خندقون کوٽڻ وغيره جا فيصلا به هو پاڻ ڪندو هو.

خطن مان اهو پڻ ظاهر ٿئي ٿو ته حجاج محمد بن قاسم کي گهڻو گهرندو هو ۽ هر لحاظ سان سندس ڪاميابيءَ جو خواهان هو، بلڪ هن جي

ڪاميابيءَ کي پنهنجي ڪاميابي ٿي سمجهيائين چو ته هن ايڏي خطرناڪ مهم جي ذميواري پنهنجي سِر تي کنئي هئي. هڪ مرحلي تي جڏهن محمد بن قاسم ٿوري سستيءَ کان ڪم ورتو ۽ ڪيترا ڏينهن دشمن تي حملو نه ڪيو ته حجاج تنبيه ۽ فهمائش وارو خط لکيس ته جيڪڏهن تون ائين ويٺو رهندين ته لڙائي جو خرچ وڌي ويندو. ازانسواءِ تون سيني کي امان ڏيڻ شروع ڪئي آهي، اها ڪمزوريءَ جي نشاني آهي جنهن سان دشمن توکي ڪمزور سمجهندو. توکي حڪومت ۽ سياست جو طريقو هٿان نه ڇڏڻ گهرجي، تلوار کي عقل سان گڏ ڪٺي هل!

محمد بن قاسم ڏانهن حمران ڪاتب هٿان لکرايل هڪ خط ۾ ڪيس پنج وقت نماز، تقويٰ ۽ عاجزيءَ جي تلقين ڪيائين، ڏاهر سان مقابلي تي اُسهڻ کان اڳ پنهنجي آزمايل وظيفي يا دعا جا الفاظ به لکي موڪليائينس ته انهن جو ورد ڪندو رهه. اها دعا قرآن جا الفاظ منتخب ڪري خدا سان خطاب ۽ ڪاميابي جي گهر تي مشتمل آهن. انهيءَ خط جو ڪاتب به حمران ۽ سال 93هجري ڄاڻايل آهي.

خطن تي تفصيلي روشنيءَ مان اهو ڏيکارڻ مقصد آهي ته حجاج محمد بن قاسم جو انتخاب ان لاءِ ڪيو ته سندس خاندان جو اهو نوجوان ئي سندس هر قسم جي هدايتن تي عمل ڪرڻ وارو هو. بلڪ انڪري هن ڄاڻي واڻي ڪنهن وڏي عمر واري تجربيڪار سالار کي ان مهم جي اڳواڻي نه ڏني هئي جو ته هو ايتري فرمانبرداريءَ جو مظاهرو نه ڪري ها. مطلب ته انهن خطن مان اهو چڱيءَ طرح واضح ٿئي ٿو ته سموري پاليسي ۽ سڀ اقدامات حجاج جا هئا ۽ محمد بن قاسم هڪ فرمانبردار ڪمانڊر وانگر انهن تي پوريءَ ريت عمل ڪندو رهيو.

هتي اهو واضح ڪرڻ تمام ضروري آهي ته حجاج ۽ محمد بن قاسم درميان اها خط و ڪتابت ڪٿي ڪنهن تاريخي ڪتاب ۾ نٿي ملي. بلاذري ۽ طبريءَ جهڙا مؤرخ صرف ان ڳالهه جي تصديق ڪن ٿا ته ٻنهي درميان خط و ڪتابت هئي ۽ ان جو هڪ آڌ حوالو ڏين ٿا. ان جو مطلب ٿيو ته خطن جو واحد ذريعو اهو ثقفي خاندان هو جنهن جي مورث اعليٰ کي محمد بن قاسم الور جو قاضي مقرر ڪيو ۽ انهن جو پونير قاضي اسماعيل هو جنهن کان اهو اصل مواد عربيءَ ۾ علي ڪوفيءَ کي مليو جنهن کي هن فتحنامي ۾ گهڻي ڀاڱي جيئن جو تيئن ترجمو ڪري پيش ڪيو. انڪري قليچ بيگ جي ان راءِ جي تائيد ڪري سگهجي ٿي ته عربي ڪتاب جو مصنف ثقفي خاندان جو مٿين پيڙهيءَ ۾ ڪو فرد هو. هن سلسلي ۾ ڊاڪٽر دائودپوٽي جي راءِ پڻ وزني آهي جڏهن هو لکي ٿو ته چچنامه 215-255 هجري ڌاري تصنيف ٿيو. اهڙو گمان 'تاريخ معصوميءَ' جي هن عبارت مان پڻ ٿئي ٿو. 'در تاريخ فتح سند قاضي اسماعيل بن علي بن محمد موسيٰ بن طائي چنين آورده' يعني سنڌ جي فتح جي تاريخ ۾ قاضي اسماعيل پٽ علي محمد پٽ موسيٰ پٽ طائي لکي ٿو.

هاڻي اچو ته انهيءَ پس منظر ۾ منان آصف جي ان مفروضي يا دعويٰ جو تنقيدي جائزو وٺون، جڏهن هو چوي ٿو ته فتحنامو علي ڪوفيءَ جي، پنهنجي تصنيف آهي جيڪو تيرهين صديءَ ۾ لکيو ويو ۽ اهو ڪنهن عربي ڪتاب جو ترجمو ناهي. ٻيو هو چوي ٿو ته فتحنامو تاريخ کان وڌيڪ سياسي نظريي ۽ رياستي حڪمت عمليءَ جو بيانيه آهي.

ٿوري دير لاءِ جيڪڏهن اهو مفروضو تسليم ڪجي ته اهو ڪتاب علي ڪوفيءَ پاڻ اُچ ۾ ويهي لکيو ته پوءِ هنن مشڪل سوالن جا جواب ڏيڻ لازمي ٿي پوندا. پهريون هو اُچ کان بکر ڇا لاءِ آيو؟ بکر ۾ ثقفي خاندان جي قاضين سان ملڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي؟ حالانڪ هو پاڻ تسليم ڪري ٿو ته هن اصلي ڪتاب ان خاندان جي ان وقت جي سربراهه اسماعيل قاضيءَ وٽ ڏٺو جنهن ڪيس اهو پڻ ٻڌايو ته اهو ڪتاب ورثي طور خاندان ۾ هلندو اچي. دراصل انهيءَ خاندان جو وڏو موسيٰ نالي شخص محمد بن قاسم سان گڏ سنڌ ۾ آيو هو جنهن کي پوءِ الور جو قاضي مقرر ڪيو ويو ۽ اسماعيل قاضي ڏهن پيڙهين تائين پنهنجو خانداني شجرو علي ڪوفي کي ٻڌايو جيڪو هن چچنامي ۾ هن پاڻ ڏنو آهي.

ٻيو فتحنامي جو شروعاتي حصو راءِ گهراڻي ۽ برهمڻ گهراڻي جي ٻن سوَ سالن کان وڌيڪ گڏيل

عربي شعرن سان سينگاريو آهي. ليڪن عربي زبان ۽ ادب طرف، سندس گهڻو لاڙو، هن جي ديوان جي ذريعي معلوم ٿئي ٿو. ان ڪري ديوان ۾ ڪٿي هڪ مصرع فارسيءَ ۾، ۽ ٻي مصرع عربيءَ ۾ آهي. ڪجهه غزل ته مڪمل عربي زبان ۾ آهن. مولانا جي مستند ديوان کي، انتشارات فردوس تهران (ايران) شايع ڪري چڪو آهي(3).

روميءَ جي نثري ڪلام ۾، سندس ڪتاب "فيه مافيه" کي خاص درجو حاصل آهي. هن ڪتاب جي مواد کي سندس شاگردن ۽ مريدن مرتب ڪيو. اصل ۾ سندس خطبن ۽ فرمودات، توڙي هن کان پڇيل سوالن جي جوابن تي مشتمل، هي ڪتاب معرفت جو هڪ خزانو آهي. هن ڪتاب جو "ملفوظات رومي" جي نالي سان اردو ترجمو ٿيو آهي. ترجمو ڪندڙ ملفوظات جي پيش لفظ ۾، برابر هي ڄاڻ ڏني آهي ته "فيه مافيه" ڪا باقاعده تصنيف نه آهي. اصل ۾ هي مولانا جي ملفوظات جو مجموعو آهي. سندس علمي تبحر (علمي بلندي، عظمت) جي شهرت، مولانا جي زندگيءَ ۾ ئي، پري پري تائين پهچي چڪي هئي. ويجهي توڙي پري کان علم جا ڳولائو، سندس مجلس ۾ ڇڪجي ايندا هئا، ۽ اچي پنهنجا پنهنجا مسئلا پيش ڪندا هئا. مولانا انهن مسئلن تي پنهنجي راءِ ڏيندو هو، ان ڪري نه رڳو سوال ڪندڙ مطمئن ٿيندو هو. بلڪ اتي ويٺل ٻيا ماڻهو به فائدو حاصل ڪندا هئا. انهن علمي مجلسن ۾ مولانا جو ڪجهه چوندو هو، سندس پُٽ سلطان بهاءُالدين انهن کي محفوظ (لکندو) ڪندو رهندو هو. انهن نڪتن جو مجموعو "فيه مافيه" جي نالي سان آهي. ملفوظات ۾ خاص طرح سان مولانا، پنهنجي خاص مريد معين الدين پرواني سان مخاطب آهي. معين الدين وزيرِ سلطنت به هو. ان کان سواءِ هو ٻين ماڻهن سان به هم ڪلام آهي(4).

ان کان علاوه مولانا جي خطبن جو مجموعو، جنهن کي "مجالس سبعه" يا "هفت خطابہ" چيو وڃي ٿو، مرتب ٿي ڇپجي چڪو آهي. انهن خطبن جو رنگ عوامي آهي. اهي خطبا قرآني آيتن، رسولِ پاڪ جي حديثن، صوفياءِ ڪرام، خاص ڪري سَنائي، ۽ عطارد جي شعرن، حڪايتن ۽ تمثيلن سان ڀريل آهن(5).

مولانا رومي ان وقت رائج علمن جي حاصلات کان پوءِ، پڙهڻ ۽ پڙهائڻ جي ميدان ۾ مشغول ٿي ويو. ليڪن شمس تبريزيءَ سان ملاقات، سندس زندگيءَ ۾ هڪ تمام وڏي انقلاب جو سبب بڻي. شمس سان ملڻ کان پوءِ، تصوف طرف سندس لاڙو وڌي ويو. مولانا درس تدريس ۾ مشغول هجي، يا تصوف جي دنيا ۾ مشغول، عوام سان سندس تعلق ڪڏهن به ختم نه ٿيو. پاڻ دنياوي ڏيک ويک کان ضرور پري رهيو. ان هوندي به، نه ماڻهن سان ميل ملاقات بند ڪيائين، ۽ نه وري جهنگ ڏي ڀڄي، رهبانيت جو رستو اختيار ڪيائين. مولانا ڀرپور عوامي زندگي گذاري. ماڻهن کي وعظ ۽ نصيحت سان گڏ، انهن جي ڏک درد ۾ به شريڪ رهيو. انهن جي مسئلن جي حل لاءِ، جو ڪجهه ٿي سگهيو ڪيائين. عوام جي زندگين جي آسودگيءَ لاءِ، حڪومتي ڪارندن کي خط به لکيائين. مولانا جا لکيل خط به ڇپجي چڪا آهن. هي خط رومي اڀياس ۾ خاص اهميت رکن ٿا(6).

اينميري شمل جو نالو مشرقي علمن ۽ روحانيت (معارف) جي حوالي سان ڪنهن به رسمي تعارف جو محتاج ڪونهي. پاڻ 07 اپريل 1922ع تي جرمنيءَ جي شهر "ارفرٽ" ۾ پيدا ٿي. سندس تربيت هڪ اهڙي گهراڻي ۾ ٿي، جتي فلسفي ۽ تصوف جهڙن عنوانن تي بحث ٿيندو هو، جنهن ۾ سندس والد پال شمل خاص ڪري دلچسپي وٺندو هو. شمل ۾ مشرقي ٻولين ۽ اسلامي علمن ۽ فن طرف رجحان، عمر جي اوائلي حصي ۾ پيدا ٿي چڪو هو. ان پس منظر ۾ مختلف استادن کان، پاڻ عربي، فارسي ۽ ترڪي ٻوليون سِکي ورتائين. ان طرح اسلامي علمن ۽ معرفت جا دروازا، سندس آڏو کُلندا ويا.

اينميري شمل 1941ع ۾ ڊاڪٽريٽ (PhD) جي ڊگري ورتي. هن کي وزارت خارجه ۾ مترجم طور مقرر ڪيو ويو. ڪجهه وقت هتي نوڪري ڪرڻ

۾ آمريڪا رواني ٿي. سال 1992ع تائين هن عهدي تي رهندي، پاڻ ڏکڻ ايشيا جي مسلم دور جي تاريخ ۽ ثقافت پڙهائيندي رهي. بعد ۾ ڊاڪٽر شمل آمريڪي رهائش واري عرصي کي غريب الوطني (غربت الغربيہ) جو دور سڏيندي هئي. ٽيهن جي قريب انعام، هڪ سئو کان وڌيڪ ڪتابہ ۽ اڻ ڳڻيا مقالا ۽ مضمون لکندڙ، هن بي انتها ذهين اسڪالر 26 جنوري 2003ع تي وفات ڪئي.

شمل کي تصوف سان لاڳاپيل ادب سان گهري دلچسپي هئي. سندس لکيل ڪتاب ۽ ترجمن (جرمن ۽ انگريزي) جو تعداد هڪ سئو جي قريب آهي. انهن مان زياده تر ڪتاب: اسلام جي صوفيانہ روايت، جرمني ۽ ڏکڻ ايشيا جا ثقافتي لاڳاپا (جرمن ٻوليءَ ۾)، جرمن ادب ۾ مشرق شناسيءَ جا اهم نالا: گوئٽي، فريڊريغ روڪرٽ، ۽ مولانا جلال الدين روميءَ جي باري ۾ آهن(8).

شمل کي ترڪيءَ ۾ تدريسي فرض نڀائيندي، مسلم دنيا کي ويجهو اچڻ جو موقعو مليو. خاص ڪري هن کي پاڪستان ۽ ايران کان سواءِ، دنيا جي آبرومند مسلمان عالمن ۽ اسڪالرن سان ملاقات جا گهڻا موقعا مليا. سندس پنهنجي قول موجب: "آءٌ پهريون ڀيرو 1953ع ۾ گرم موسم ۾ انقره پهتيس. 1959ع ۾ ترڪي ڇڏيم، پر پوءِ بہ اچڻ وڃڻ جاري رهيو. سال 1996ع ۾ مون کي ترڪي سرڪار: آرڊر آف ميرٽ آرٽس ۽ سائنس، عطا ڪيو."(9) ذاتي اپياس ۽ مسلمانن سان، سڌي طرح ميل جول جي ڪري، شمل ۾ مشرق شناس اسڪالرن وانگر، روايتي تعصب نالي جي ڪابہ ڳالهہ نہ هئي. شمل هڪ معتدل مشرق شناس طور شهرت حاصل ڪئي. ان طرح پاڪستان سميت، ڪيئي مسلمان ملڪن جي قومي اعزازن سان هن کي نوازيو ويو. ايتري تائين جو ڊاڪٽريٽ جي پهرين اعزازي ڊگري بہ، شمل کي پاڪستان مان ملي. هن جي لکت موجب: "منهنجي تحقيقي ڪاوشن جو عروج تڏهن سامهون آيو، جڏهن مون کي حيدرآباد يونيورسٽي (سنڌ يونيورسٽي)، پاران ڊاڪٽريٽ جي اعزازي ڊگري ڏني وئي. بعد ۾ مون کي اسلام آباد، ۽ پشاور يونيورسٽين بہ اعزازي ڊگرين سان نوازيو"(10).

اينميري شمل کي مسلمان ملڪن، خاص ڪري پاڪستان سان خاص محبت هئي. ان لاءِ ڪيئي سبب هئا، جو تہ علامہ اقبال جو تعلق هن سرزمين سان هو. ڪيس پاڪستان سان گهڻي محبت هئي. ايتري تائين جو پاڻ هن ملڪ کي پنهنجو ٻيو گهر سمجهندي هئي. شمل کي پاڪستان ۾ جهجهي محبت ملي. هن کي پاڪستان جي نئين تختگاهہ "اسلام آباد" جو ان وقت اعزازي شهري قرار ڏنو ويو، جڏهن اهو اڃا قائم بہ نہ ٿيو هو. ان باري ۾ پاڻ لکي ٿي:

"منهنجو پاڪستان جو پهريون دورو، سال 1958ع ۾ بهار جي مند ۾ ٿيو. اڄ اهو هڪ خواب لڳي رهيو آهي. سال 1998ع ۾ منهنجي چاليهين سالگرهہ ملهائي وئي(1). ان وقت ٻين اعزازن سان گڏ، مون کي اسلام آباد جو اعزازي شهري بڻايو ويو. جڏهن تہ ان وقت اڃا اسلام آباد جي رٿابندي بہ نہ ٿي هئي"(11).

وڌيڪ لکي ٿي:

"انهن سالن ۾ هڪ رشتو قائم ٿيو، جنهن جا گهرا اثر مرتب ٿيا، انهيءَ تعلق بعد ۾ منهنجي زندگيءَ کي هڪ رُخ ڏنو. آءٌ اقبال جي شاعري پڙهندي رهيس. سال 1957ع ۾ مون سندس فارسي ڪلام "جاويد نامہ" جو ترجمو ڪيو. هي ڪتاب مولانا روميءَ جي صحبت ۾، شاعر جي آسماني سفر بابت آهي"(12).

مولانا روميءَ جهڙي باڪمال ۽ گهڻ رُخي شخصيت جي باري ۾، ان ريت لکڻ تہ سندس حياتي ۽ فڪر جي عملي تصوير، سامهون اُڀري اچي اهو ڪو آسان ڪم نہ آهي" (13).

اينميري شمل پنهنجي ڪتاب: The Triumphal Sun- A study of the works of Jalaloddin Rumi ۾ اهڙو ڪارنامو ڏسڻ ۾ اچي ٿو(13). هن

---

(1) ڊاڪٽر شمل جي ڄم جو سال 1922ع آهي. ان حساب سان سال 1998ع غلط آهي. سندس چاليهين سالگرهہ 1962ع ۾ ملهائي وئي. ان دور ۾ اسلام آباد جو نئون شهر اڏجي رهيو هو (مترجم).

ڪتاب کي "روميءَ جي احوال ۽ فڪر" بابت نئين اصطلاح ۾ هڪ مڪمل هڙ (A complete Package) سڏيو ويو آهي. احسان يار شاطر "مطالعات روميءَ" جي باري ۾ شمل جي دلچسپيءَ بابت لکيو آهي ته: سندس شمار اسلامي تصوف جي هڪ مکيه ۽ ڄاتل سڃاتل عالمن ۾ ٿئي ٿو. ان ريت پاڻ مسلم دنيا جي ادب جي به هڪ مڃيل اسڪالر آهي (هئي). هن پنهنجي زندگيءَ جو وڏو حصو، روميءَ جي اڀياس لاءِ وقف ڪيو، ۽ مولانا روم جي نظمن جي خزاني مان چڱي طرح فائدو حاصل ڪيائين. پاڻ مسلم تصوف ۽ فارسي شاعريءَ جي پنهنجي ڳوڙهي فهم کي، روميءَ جي تصورن، خيالن، ۽ ان جي جمالياتي شعور کي، عام ماڻهن تائين تصوف جي طرف رهنمائيءَ لاءِ ڀرپور انداز ۾ ڳولي لڌائين. تصوف ۽ فارسي شاعريءَ جا شاگرد، پروفيسر اينميري شمل جا شڪرگذار آهن، جو ته پاڻ هڪ منفرد انسان جي زندگي، فڪر، ۽ شعري تمثيل نگاريءَ کي نروار ڪيائين(14).

شمل پنهنجي عمر عزيز جو وڏو حصو، روميءَ جي اڀياس لاءِ وقف ڪيو. ڪيئي ڏهاڪن تي محيط پنهنجي مطالعي ۽ مشاهدي کي، جامعيت سان پنهنجي ڪتاب "The Triumphal Sun" ۾ بيان ڪري ڇڏيائين. هي ڪتاب ڇهن ڀاڱن، ۽ چوويهه حصن ۾ تقسيم ٿيل آهي. ابتدا ۾ روميءَ جي سوانح جو هڪ جامع خاڪو ڏنل آهي. هي هڪ عمدي تحقيق وارو ڪتاب آهي، جنهن ۾ ضروري حوالن ۽ حاشين جو اهتمام ڪيو ويو آهي. ڪا به ڳالهه حوالي کان سواءِ ڏنل ڪونهي. ڪتاب جي آخر ۾ مددي مواد جي فهرست به ڏنل آهي. روميءَ جي حياتي ۽ آثارن (ڪتابن)، بابت مختلف ٻولين ۾، هن وقت تائين، ڪيئي ڪتاب ڇپجي چڪا آهن. هن عنوان تي انگريزي زبان ۾، شمل جي هن ڪتاب کان وڌيڪ ڪو به ٻيو ڪتاب بهترين ۽ جامع انداز ۾ اڃا تائين نه ڇپيو آهي. انگريزي شمل جي مادري زبان نه بلڪ جرمن هئي. هي ڪتاب پاڻ انگريزيءَ ۾ لکيائين. جيئن ته پاڻ انگريزي ٻولي سکي هئائين، ان ڪري هن ڪتاب ۾ بهرحال اهل زبان وارو مزو ڪونهي. ڪتاب ۾ اڪثر جاين تي طويل جملا آهن، ۽ ڪٿي ته ايترا طويل آهن، جو هڪ جملو پيراگراف جي صورت اختيار ڪري ويو آهي. ڪتاب جي تياريءَ وقت، شمل جي ذهن ۾، پڪ سان اولهه جو پڙهندڙ هوندو. ان ڪري هن روميءَ جي شعر کي فقط انگريزي ترجمي جي صورت ۾ پيش ڪيو آهي. ساڳيءَ ريت قرآن مجيد جي آيتن، نبوي حديث، ۽ ٻين فارسي لکندڙن جي شعري، ۽ نثري ٽڪرن جا به انگريزي ترجما ڏنا اٿس.

ڊاڪٽر شمل کي مولانا جي حياتي ۽ ڪتابن، خاص ڪري سندس ڪلام ۽ فڪر سان ايتري ته دلچسپي آهي، جو صوفياڻي تحريرن جي لاءِ، رومي سندس لاءِ مرڪزي عنوان جي حيثيت رکي ٿو. ان ريت اسان ڏسون ٿا ته مولانا رومي واحد صوفي آهي، جنهن متعلق شمل وڌ ۾ وڌ لکيو آهي. هن مختلف ٻولين ۾ روميءَ تي 16 ڪتاب ۽ 49 جي لڳ ڀڳ مضمون ۽ مقالا لکيا آهن. انهن ۾ سندس ڪتاب "The Triumphal Sun" کي خاص اهميت ملي. هن ڪتاب جي ذريعي انگريزي پڙهندڙ دنيا کي، روميءَ جي فڪر (فلسفي) کي ويجهو اچڻ جو موقعو مليو. هي ڪتاب بي پناهه مقبوليت جي ڪري، فارسي زبان کان پوءِ اردو ٻوليءَ ۾ به ترجمو ٿي چڪو آهي. ڪتاب جو فارسي ترجمو حسن لاهوتي "شڪوهه شمس" جي نالي سان ڪيو آهي. سخن مترجم جي عنوان سان، مترجم ٻارهن صفحن تي مشتمل مقدمو لکيو آهي. جڏهن ته سيد جلال الدين آشتيانيءَ، ان جو مفصل ديباچو لکيو آهي، جيڪو 68 صفحن تي مشتمل آهي. ديباچو ستن حصن ۾ تقسيم ٿيل آهي، ۽ ان جي آخر ۾ خاتمو ڏنو ويو آهي، جيڪو ٻن حصن تي مشتمل آهي. هي ترجمو (شڪوهه شمس) ايران مان ڇپيو آهي(15).

هن ڪتاب جو اردو ترجمو ڊاڪٽر جاويد مجيد "نيرتابان- مولائے روم" جي نالي سان ڪيو آهي. اردو ترجمي جو جامع مقدمو مشهور رومي شناس، ترڪ اسڪالر ڊاڪٽر درمش بلگر لکيو آهي. هي ترجمو لاهور مان 2017ع ۾ ڇپيو آهي(16).

تبريزي ۽ پير شمس ملتانيءَ جي وچ ۾، سچائيءَ يا هڪ جهڙائيءَ وارو پراسرار تعلق (جيئن ڪجهه ماڻهن جو خيال آهي)، ڪيترن بحثن جو موضوع به رهيو آهي. ان حوالي سان مرحوم سلطان محمد آغا خان (ٽيون)، جي فرمانن جو اڀياس به مفيد ثابت ٿيندو. انهن فرمانن ۾ مريدن کي روميءَ جو اڀياس ڪندي، احتياط جي هدايت ڪيل آهي.

هلندڙ سالن ۾ رومي اڀياس ۾، وڌيڪ اهم تاليف سئٽزرلينڊ جي اڻ ٿڪ اسڪالر فرز ميئر جو ڀاري ڀرڪم ڪتاب آهي، جنهن جو نالو "بهائے ولد" آهي. هي ڪتاب لائيڊن مان 1989ع ۾ ڇپيو آهي. هي ڪتاب مولانا جي والد گراميءَ جي حياتي ۽ آثارن (تحريرن) جو قدر جوڳو تجزيو آهي. ان ذريعي خود مولانا جي شروع واري زندگيءَ بابت معتبر ڄاڻ ملي ٿي. ميئر جي تحقيقات جي پس منظر ۾، منهنجي هن ڪتاب جي شروع وارن صفحن ۾ تبديليءَ جي گنجائش پيدا ٿي آهي. خلاصو هي آهي ته بهائے ولد بلخ جو رهاڪو نه هو. بلڪ هوآمو درياءَ جي اُتر ۾ جنهن کي هاڻي تاجڪستان سڏجي ٿو، هڪ ننڍي ڳوٺ وخش ۾ رهندو هو. اهو بلخ جي ماتحت علائقو هو (سندس پٽ جو هي چوڻ ته پاڻ بلخ مان آيو هو، ائين آهي جيئن اڄ ڪو آمريڪي هي چوي ته، هو نيارڪ سان تعلق رکي ٿو، ڀلي اهو نيويارڪ جي اُترين علائقن يا لانگ آءِ لينڊ ۾ پيدا ٿيو ۽ وڏو ٿيو هجي). ميئر جي تحقيق موجب هي به ثابت ڪري سگهجي ٿو ته، بهائے ولد ۽ سندس پٽ، ڪجهه وقت سمرقند ۾ گذاريو، جڏهن 1212ع ۾ خوارزم شاهه شهر جو گهيرو ڪيو هو. ان طرح "فيه مافيه" ۾ گهيري جو قصو، حقيقت ۾ مولانا جي ننڍپڻ جو سچو واقعو آهي. گنڀير ٿيندڙ سياسي صورت حال، گهٽيون جنگيون، ۽ انتقامي ڪارروايون، وڌيڪ هي ته مشهور ڪلامي عالم فخرالدين رازيءَ جي شهرت، جيڪا بهائے ولد کان وڌي چڪي هئي (هن ڳالهه مونڊڙ وهيءَ جي مبلغ (عالم) کي ظاهر آهي ته پريشان ڪيو هوندو. انهن سببن بهائے ولد کي خلافت جي اوڀر وارن علائقن کي، هميشه جي لاءِ الوداع چئي اولهه جي علائقن ڏي لڏپلاڻ جي لاءِ تيار ڪيو هوندو. هن حالت جي تشريح، پيشه ورانه برابري يا مخالفت جي صورت ۾ ڏسي سگهجي ٿي. ان هوندي به بلخ کان لڏپلاڻ جي قطعي تاريخ کي ثابت نه ٿو ڪري سگهجي. هي ڳالهه ياد رکڻ جي لائق آهي ته، بهائے ولد پنهنجين روزانه يادگيرين موجب جي "معارف" ۾ شامل آهن، روايتي معنيٰ ۾ صوفي نه هو. هن کي صوفي سلسلي ۾ ڏسڻ جي ڪوشش، جيڪا احمد غزالي (وفات: 1126ع) جي طرف وٺي وڃي ٿي، بلڪل بي فائده آهي. ائين ٿو لڳي ته سندس مغرب طرف سفر ڇڱو نه رهيو هو، جيئن پوئين دور جي سوانح نگارن بيان ڪيو آهي. بزرگ عالم دين کي گهڻو عرصو، هيڏي هوڏي گهمندي ڦرندي ۽ طويل مشڪلات کان پوءِ اناطوليه ۾ رهڻ نصيب ٿيو. قونيه جي سفر جي ڪشش رکندڙ ڪهاڻين سان، ڇڱو خاصو اختلاف ڪرڻو پوي ٿو. انهن تفصيلن جي لاءِ اولياءَ تي لکيل ڪتاب پڙيا پيا آهن.

تڏهن به هڪ ڳالهه ۾ شڪ ڪونهي. بهائے ولد جو فڪر ۽ ان جو بلا جهجهڪ- معي- چوڻ، يعني خدا منهنجي دل ۽ دماغ ۾ آهي، نه بلڪ جسم جي هر حصي ۾ آهي. هن- معي- روميءَ جي اعليٰ روحاني تجربن کي ڇنو بيان ڪرڻ ۾ گهرو اثر ڇڏيو. جوانيءَ جي زماني ۾ هڪ کان ٻئي ملڪ ٽائين، بي آراميءَ سان ڀٽڪڻ مولانا روميءَ جي حياتي، خاص ڪري فڪري زندگي توڙي روحاني زندگيءَ جو هڪ اڻ کٽ سفر آهي. خدا جي حضوريءَ جي ڳولا، جنهن کان پاڻ مڪمل آگاهه هو (تصوف جو فلسفيانه اصطلاح استعمال ڪرڻ کان سواءِ) مٿس اثرانداز ٿيو. سندس سفر ڪڏهن به ختم نه ٿيو. جيئن وليم چيٽڪ پنهنجن ٻن تازن ڪتابن ۾ ڏيکاري ٿو:

1. The Sufi Path of Love
2. Not the Sufi Path of Knowledge

مولانا رومي ۽ سندس دوست صدرالدين قونوي، شارح ابن عربي ۽ متبنيءَ ۾ ٿيل بحث ٻڌڻ جي قابل آهن.

ڪن شجرن يا نسب نامن ۾ مخدوم عثمان جي والد جو نالو حسن ڪبيرالدين لکيل آهي، جو اصل ۾ شمس سبزواريءَ جي والد جو نالو آهي. مخدوم صاحب جي والد جو صحيح نالو سيد ابراهيم آهي. مختلف تذڪرن مان مخدوم عثمان جو اختلافي نسب نامو يا خانداني شجرو هيٺ ڏجي ٿو:

**1. تذڪره مشايخ سيوستان:**

"تذڪره مشايخ سيوستان" موجب تيرهين پيڙهيءَ ۾ سندس شجرو حضرت امام صادق جعفر رضي الله عنه سان ملي ٿو جيڪو هن ريت آهي:

(1) شيخ عثمان، بن (2) سيد ابراهيم الملقب سيد ڪبير، بن (3) سيد شمس الدين، بن (4) سيد نورشاه، بن (5) سيد محمود شاه، بن (6) سيد احمد شاه، بن (7) سيد هادي شاه، بن (8) سيد مهدي، بن (9) سيد منتجب، بن (10) سيد غالب، بن (11) سيد منصور، بن (12) سيد اسماعيل، بن (13) سيد امام جعفر صادق رضي الله تعاليٰ عنه(6).

**2. تذڪرة الانساب:**

"تذڪرة الانساب" جي صاحب "سلسلة السادات" جي حوالي سان هيٺيون شجره نسب ڏنو آهي، جنهن ۾ يارهين پيڙهيءَ ۾ سندس نسب امام جعفر سان ملي ٿو:

(1) "لعل شهباز قلندر سيد عثمان سيوهاڻي بن (2) سيد حسن ڪبيرالدين بن (3) سيد شمس الدين بن (4) سيد صلاح الدين بن (5) سيد شاه بن (6) سيد خالد بن (7) سيد محب بن (8) سيد مشتاق بن (9) سيد نورالدين بن (10) سيد اسماعيل بن (11) حضرت سيدنا امام جعفر صادق رضي الله عنهم(7) ".

**3. معيار سالڪان طريقت:**

"معيار سالڪان طريقت" جي مؤلف مخدوم عثمان جو شجرو مختصراً هيٺن لکيو آهي :

"مخدوم عثمان مروندي عرف لعل شهباز قدس سره بن سيد ڪبيرالدين بن سيد صدرالدين هيءُ اسماعيل بن امام جعفر صادق عليه السلام جي اولاد مان هو.(8)

**4. تحفة الڪرام:**

مير علي شير قانع، "تحفة الڪرام" جي پنهنجي دستخطي نسخي جي ٻهرئين صفحي تي سندس نسب نامو هن طرح ڏيکاريو آهي، جيڪو تيرهين پيڙهيءَ ۾ امام صادق سان ملي ٿو جنهن ۾ ڪي نالا پڙهڻ ۾ نٿا اچن :

(1) "مخدوم عثمان عرف لعل شهباز مروندي بن (2) سيد ڪبير بن (3) سيد شمس الدين بن (4) محمد يحيٰ بن (5) سيد ......بن (6) سيد محمود شاهه بن (7) سيد احمد شاهه بن (8) سيد هادي بن (9) سيد مهدي بن (10) سيد غالب بن (11) سيد منصور بن ......(12) بن (13) امام الجن والانس محمد جعفر الصادق عليه السلام(9) "

**5. لب تاريخ سنڌ:**

"لب تاريخ سنڌ "ءِ" حيات نامه قلندريءَ "جي مولفن مخدوم عثمان جي نسب جو شجرو تذڪره مشايخ سيوستان تان ورتو آهي، جيڪو هيٺن آهي:

(1) "حضرت عثمان مروندي بن (2) سيد ڪبير الدين بن (3) سيد شمس الدين بن (4) سيد نور شاه بن (5) سيد محمود شاهه بن (6) سيد احمد شاهه بن (7) سيد هادي بن (8) سيد مهدي بن (9) سيد منتجب بن (10) سيد غالب بن (11) سيد منصور بن (12) سيد اسماعيل بن (13) امام جعفر صادق عليه السلام(10) .

**6. خزينة الاصفياء:**

ڪتاب "خزينة الاصفياء" ۽ "اخبار الاولياء" جي حوالي سان هيٺيون شجرو ڏنل آهي، جنهن ۾ چوڏهين پيڙهيءَ ۾ سنڌس نسب حضرت امام حسين سان ملي ٿو:

(1) "لعل شهباز بن (2) سيد حسن ڪبيرالدين بن (3) سيد شمس الدين بن (4) سيد صلاح الدين بن (5) سيد شاه بن (6) سيد خالد بن (7) سيد محب بن (8) سيد مشتاق بن (9) سيد نورالدين بن (10) سيد اسماعيل بن (11) سيد امام جعفر صادق بن (12) امام محمد باقر بن (13) امام زين العابدين علي (14) بن سيد الڪونين امام حسين رضي الله عنه(11) ".

**7. تذڪره مشاهير سنڌ:**

"تذڪره مشاهير سنڌ" جي مؤلف، مولانا دين محمد وفائيءَ، "اخبار الاولياء" ۽ "گنج تاريخ" جي حوالي سان هيٺيون شجرو لکيو آهي:

(1) " سيد عثمان مشهور لعل شهباز قلندر بن (2) سيد حسن ڪبيرالدين بن (3) سيد شمس الدين بن (4) سيد صلاح الدين بن (5) سيد شاهه بن (6) سيد خالد بن (7) سيد محب بن (8) سيد مشتاق بن (9) سيد اسماعيل بن (10) سيد امام جعفر صادق بن (11) امام محمد باقر بن (12) امام زين العابدين علي بن (13) امام حسين بن (14) امام علي بن ابي طالب رضي الله تعاليٰ عنهم اجمعين(12) ".

**8. نياز حسين همايوني:**

محترم نياز همايوني صاحب (1930-2003ع) مختلف ڪتابن مان مخدوم لعل شهباز جا هيٺيان ٽي شجرا ڏنا آهن:

1. مخدوم عثمان) قلندر شهباز (بن سيد ڪبير بن سيد شمس الدين بن سيد نور شاهه بن سيد محمود بن سيد احمد شاهه بن سيد هادي بن سيد مهدي بن سيد منتخب بن سيد غالب بن سيد منصور بن سيد اسماعيل بن سيد جعفر بن سيد عبدالحق بن سيد اڪبر بن سيد ابراهيم بن سيد امام حسين بن سيد حضرت علي رضي الله تعاليٰ عنه(13) .
2. مخدوم عثمان قلندر شهباز بن ابراهيم بن سيد شمس الدين بن سيد نورالدين بن سيد محمود بن سيد احمد بن سيد هادي بن سيد مهدي بن سيد منتخب بن سيد غالب بن سيد منصور بن سيد عبدالجليل بن سيد دائود بن سيد ضياء الدين بن سيد خير الدين بن سيد عبدالجليل ثاني بن سيد عبدالغني بن سيد صالح بن سيد عيسيٰ بن سيد زين الدين بن سيد صلاح الدين بن سيد بهاء الدين بن سيد غياث الدين بن سيد بهاء الدين ثاني بن سيد عبداللطيف بن سيد عمر بن سيد زين العابدين. (14)

(3) سيد عثمان ملقب 'شمس الدين لعل شهباز قلندر' بن سيد حسن بن سيد شمس الدين بن سيد صلاح الدين بن سيد شاهه بن سيد خالد بن سيد محب بن سيد مشتاق بن سيد اسماعيل بن سيدنا امام جعفر صادق رضي الله تعاليٰ عنه(15) .

**9. انساب سادات پاڪستان:**

سلطان العارفين حضرت سيد عثمان الحسيني المروندي المعروف ۽ مخدوم لعل شهباز جو شجره نسب بحواله "انساب سادات پاڪستان" هيٺ ڏجي ٿو. هي شجرو پين ڪان ڪجهه بهتر لڳي ٿو، ان متعلق تحقيق سيد محسن ڪاظمي الحميدي جي ڪيل آهي:

"السيد عثمان (1) بن السيد ابراهيم الڪبير (2) بن السيد شمس الدين (3) بن السيد نورالدين (4) بن السيد محمود (5) بن السيد احمد (6) بن السيد هادي (7) بن السيد محمد المهدي (8) بن

السيد منتخب الله (9) بن السيد عبدالمجيد سبزواري (10) بن السيد علي ملقب غالب الدين (11) بن السيد محمد الثاني ملقب منصور (12) بن السيد اسماعيل الثاني (13) بن السيد محمد العريضي (14) بن السيد اسماعيل الاعرج الاكبر (15) بن حضرت امام جعفر صادق عليه السلام(16) ".

**10. فقير غلام علي مسرور:**

مخدوم عثمان جو هي شجرو، فقير غلام علي مسرور، مخدوم عثمان جي شان ۾ چيل منقبت جي حاشيي تي ڏنو آهي:

(1) حضرت عثمان مروندي، (2) بن سيد ابراهيم، (3) بن سيد شمس الدين، (4) بن سيد نورشاه، (5)بن سيد محمود شاه، (6) بن سيد احمد شاه، (7) بن سيد هادي، (8) بن سيد مهدي، (9) بن سيد منتخب، (10) بن سيد غالب، (11) بن سيد منصور، (12) بن سيد اسماعيل، (13) بن امام جعفر صادق، (14) بن امام باقر، (15) بن امام زين العابدين، (16) بن سيد امام حسن، (17) بن حضرت علي المرتضيٰ رضي الله عنه(17) .

**11. مخدوم عثمان مروندي:**

حڪيم مخدوم محمد مراد صديقيءَ (1925-1999ع) پنهنجي ڪتاب "مخدوم عثمان مروندي" ۾ مخدوم صاحب جو هيٺيون شجرو ڏنو آهي جيڪو پنڌرهين پيڙهيءَ ۾ امام جعفر صادق سان ملي ٿو:

(1)"شيخ عثمان بن (2) سيد ڪبير بن (3) سيد شمس الدين بن (4) سيد نور شاه بن (5) سيد مشتاق شاه بن (6) سيد محمود شاه بن (7) سيد احمد شاه بن (8) سيد هادي شاه بن (9) سيد مهدي شاه بن (10) سيد منتظر بن (11) سيد غالب بن (12) سيد منصور بن (13) سيد نورالدين بن (14) سيد اسماعيل بن (15) امام جعفر صادق عليه السلام(18) "

**12. الشهباز:**

محترم جليل سيوهاڻيءَ 1913-1995ع) پنهنجي اردو ۾ سنڌي تصنيف، "الشهباز: سوانح قلندر شهباز" ۾ مخدوم عثمان جو شجرو سورهين پيڙهيءَ ۾ امام جعفر صادق سان هن طرح ڏيکاريو آهي:

(1)" سيد عثمان بن (2) سيد ابراهيم ڪبيرالدين بن (3) سيد شمس الدين بن (4) سيد نور شاه بن (5) سيد محمود شاه بن (6) سيد احمد شاه بن (7) سيد هادي شاه بن (8) سيد مهدي شاه بن (9) سيد منتخب بن (10) سيد عبدالمجيد بن (11) سيد غالب الدين بن (12) سيد محمد بن (13) سيد اسماعيل ثاني بن (14) سيد محمد عرضي بن (15) سيد اسماعيل عرج اڪبر بن (16) امام جعفر صادق عليه السلام(19) ".

**13. مدرڪ الطالب في نسب آل ابي طالب الموسوم به معارف الانساب:**

ڪتاب "مدرڪ الطالب في نسب آل ابي طالب الموسوم به معارف الانساب" مان سيد عثمان مروندي شاه حسين المعروف سخي لال شهباز قلندر رح جو شجره نسب هيٺ ڏجي ٿو:

"السيد عثمان مروندي (1) بن سيد ابراهيم الڪبير (2) بن سيد شمس الدين (3) بن نورالدين (4) بن محمود (5) بن احمد (6) بن هادي (7) بن سيد محمد مهدي (8) بن سيد منتخب الله (9) بن سيد عبدالمجيد سبزواري (10) بن علي الملقب غالب (11) بن محمد (12) بن اسماعيل ثاني (13) بن محمد (14) بن اسماعيل الاعرج (15) بن امام جعفر الصادق (16) بن امام محمد باقر (17)بن امام زين العابدين، (18) بن امام حسين (19) بن امام علي رضہ(20) "

سبزواريءَ جي ولادت 560 هجريءَ ۾ ٿي آهي. ينهي جي ولادت ڇهين صديءَ ۾ ٿي آهي. ۾ مخدوم عثمان جي شجري ۾ هن جو نسب پندرهين پيڙهيءَ ۾ امام جعفر سان ملي ٿو، جڏهن ته پير شمس الدين سبزواريءَ جي شجري ۾ ٽيوهين پيڙهيءَ ۾ امام جعفر صادق سان ملي ٿو، جيڪو هڪ وڏو تضاد ظاهر ڪري ٿو. انهن شجرن کي ڏسڻ کانپوءِ لڳي ٿو ته مخدوم عثمان جو شجرو ساڳيو ئي پير شمس الدين وارو آهي.جنهن مان سمجهجي ٿو ته مخدوم عثمان پڻ اسماعيلي دائيءَ هو، جيڪو اسماعيلي تبليغ لاءِ ملتان آيو. قياس آهي ته پير شمس الدين سبزواريءَ جي چوڻ تي اسماعيلي مذهب جي تبليغ لاءِ سنه 675 هجريءَ ۾ سنڌ جي شهر سيوستان پهتو. شجري مان ايئن لڳي ٿو ڄڻ مخدوم عثمان پير شمس الدين سبزواريءَ جو ڪو ويجهو عزيز آهي.

انٽرنيٽ تي هڪ مقالو، "نسب خليفہ نخست فاطمي از نگاه نسب شناسان" جي نالي سان فارسي ٻوليءَ ۾ لکيل آهي. پڙهندڙ هن مقالي جو مطالعو ضرور ڪن، جنهن ۾ امام اسماعيل جي نسب تي تمام سٺو بحث ڪيل آهي. هيٺ ان جو لنڪ ڏجي ٿو.

(http://mazaheb.urd.ac.ir/article_9507_74709aad0c1c9804576c53c7c907bc86.pdf)

هيٺ فاطمي سلطنت جي پهرين خليفي عبيدالله المهدي جو شجرو مثال طور ڏجي ٿو:

حضرت ابي طالب - حضرت علي رضي عنه- امام حسين- امام زين العابدين- امام باقر- امام جعفر صادق- امام اسماعيل- امام محمد- امام اسماعيل ثاني- احمد- اسماعيل ثالث- احمد- عبيدالله المهدي) خليفہ اوّل فاطمي سلطنت(25).

- عبيدالله المهدي) خليفہ اوّل فاطمي سلطنت (بن (2) احمد بن (3) اسماعيل ثالث بن) 4 (احمد بن (5) اسماعيل ثاني بن (6) امام محمد بن (7) امام اسماعيل بن (8) امام جعفر صادق بن (9) امام باقر بن (10) امام زين العابدين بن (11) امام حسين بن (12) امام علي بن (13) ابي طالب .

هن شجري جو اگر تجزيو ڪجي ته معلوم ٿيندو ته ، حضرت علي رضي عنه جي وفات 40 هجريءَ ۾ ٿي آهي ۽ امام عبيدالله المهديءَ جي ولادت سنه 260 هجريءَ ۾ ٿي آهي. انهن جي وچ ۾ ٻن سون سالن جو عرصو آهي جنهن ۾ ٻارهن پيڙهيون ٿيون آهن. شيخ عثمان المروندي جي ولادت سنه 583 هجريءَ ۾ ٿي آهي ۽ امام عبيدالله المهدي جي وفات 322 هجريءَ ۾ ٿي آهي. انهن ٻنهي جي وچ ۾ به تقريباً ٻن سون سالن جو عرصو آهي، جنهن ۾ به يقيناً ٻارهن پيڙهيون ٿيڻ گهرجن. ان حساب سان شيخ عثمان مرونديءَ جو نسب چووهين پيڙهيءَ ۾ حضرت امام اسماعيل سان وڃي ملندو، باقي تيرهين پيڙهيءَ ۾ مخدوم عثمان جو نسب امام اسماعيل سان ملڻ ناممڪن آهي. مخدوم عثمان جي شجرن ۾ اختلافي نالن جو ذڪر محترم مشتاق مسرور ٻاريچي صاحب به ڪيو آهي. مشتاق صاحب لکي ٿو:

> "قلندر نامي، "لب تاريخ سنڌ" ۽ "تاريخ ڪنزالانساب" جي شجرن ۾ سيد محمد شاهه کي سيد نور شاهه جو والد ڏيکاريل آهي، جڏهن ته ڪتاب "تعارف هندي" ۽ "تحفة الڪرام" ۾ ڏاڏو لکيل آهي. ڪتاب "تعارف هنديءَ " جي مصنف سيد نور شاهه جي والد جو نالو سيد مشتاق لکيو آهي. ڪن شجرن ۾ سيد منتخب جي جاءِ تي سيد محب لکيل آهي. ڪتاب "تعارف هندي" ۽ "لب تاريخ سنڌ" جي شجرن ۾ سيد مهدي جي ڏاڏي جو نالو سيد غالب ۽ پڙڏاڏي جو نالو سيد منصور درج آهي. جڏهن ته "ڪنزالانساب" ۾ سيد مهدي جي والد جو نالو سيد محمد لکيل آهي"(26).

مخدوم عثمان جي انهن مختلف نسب نامن ۾ جيڪي اختلافات نظر اچن ٿا ان بنياد تي چئي سگهجي ٿو ته اهي نسب نامہ يا ته صحيح لکيل ناهن يا انهن ۾ تحريف ڪئي ويئي آهي. يا ٿي سگهي ٿو ته اڃا مخدوم صاحب جو صحيح نسب نامو ملي نه سگهيو آهي. بهرحال اصل حقيقت ڇا آهي تنهنجي خبر خدا کي آهي.

**تاريخ ولادت:**

مخدوم لعل شهباز مرونديءَ جي ولادت جي تاريخ ۾ بہ گهڻو اختلاف آهي. مختلف تذڪرن ۾ سنس ولادت جا سال جدا جدا لکيل آهن. هيٺ ڪجهہ تذڪرن مان ڇهہ جا سال ڏجن ٿا:

**1. قلندر نامو سنڌي:**

حڪيم فتح محمد سيوهاڻيءَ "قلندر نامو" ۾ حضرت لعل شهباز جي ولادت جو سن 538 هجري مطابق 1144ع ڏنو آهي. (27)

**2. لب تاريخ سنڌ:**

لب تاريخ سنڌ جي مصنف، خانبهادر خداداد خان، مخدوم عثمان مرونديءَ جي ولادت جو سنہ 583ھ مطابق 1187ع ڏنو آهي. (28)

**3. لاڙڪاڻو گزيٽيئر:**

"لاڙڪاڻي گزيٽيئر" جي مؤلف هڪ قطع تاريخ موجب مخدوم عثمان جي ولادت جو سنہ 538 هجري ڄاڻايو آهي. (29)

**4. سوانح قلندر:**

ميمڻ عبدالمجيد سنڌي صاحب پنهنجي ڪتاب 'سوانح قلندر' ۾ لکيو آهي تہ 'بستان العارفين' جي مؤلف لعل قلندر جي ولادت جو سن 565 هجري ڏنو آهي. (30)

**5. لعل شهباز آف سيوهڻ شريف:**

جناب انعام محمد پنهنجي ڪتاب ۾ سنڌن ولادت جو سنہ 573 هجري) مطابق 1177عيسوي ( ڏنو آهي. انعام صاحب اهو سن اعجاز الحق قدوسيءَ جي ڪتاب "تذڪره صوفياء سنڌ" تان ورتو آهي. (31)

**6. تذڪره صوفياء سنڌ:**

"تذڪره صوفياء سنڌ" جي مولف، اعجاز الحق قدوسيءَ ولادت جي تاريخ تہ "لب تاريخ سنڌ" تان ورتي آهي مگر انگ اکر غلط ڏيکاريا اٿس. يعني 573 ھ بمطابق 1177ع، جڏهن تہ لب تاريخ سنڌ ۾ ولادت جو سن 583ھ/1187ع لکيل آهي. (32)۽

**7. حيات نامہ قلندر:**

"حيات نامہ قلندري" جي مصنف، فتح محمد سيوهاڻيءَ ڪنهن شاعر جا چند هيٺيان شعر پيش ڪيا آهن جن مان لعل سائين جي عمر، سن ولادت ۽ وفات جا سال نڪرن ٿا:

بجو تاريخ شمس الدين عثمان، بدرڪن" رنج "از" فلڪ ڪرامت"

538 = 253 - 791

سن عمرش" ولي الله "وفاتش، سروش غيب مي گويد" برحمت(33)."

112 650

ان مطابق سنڌن ولادت 538ھ ۾ ڏيکاري وئي آهي. گهڻن تذڪرن ۾ ولادت جو سال 538ھ ڄاڻايل آهي. "پاڪستان مين صوفيانہ تحريڪين" جو مؤلف ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي لکي ٿو تہ مختلف تذڪرن ۾ ولادت جا سال 538ھ، 552ھ ۽ 573ھ ڄاڻايل آهن. (34) مخدوم عثمان مرونديءَ جي ولادت جو صحيح سال "لب تاريخ سنڌ" جي مصنف 583ھ/1187ع ڏنو آهي، جيڪو ٿي وڌيڪ مستند ۽ صحيح معلوم ٿئي ٿو. لڳي ٿو تہ ڪاتبن جي سهو ڪري ولادت جي سال جا انگ آڪر اڳيان پويان ٿي ويا آهن. اصل ۾ سال 583ھ هوندو پر ڪاتبن ان کي 538ھ لکي ڇڏيو. انگن جي ان تبديليءَ جا ٻہ مثال ڏجن ٿا. "حديقة الاولياء" جي مصنف پريي ويرداس جو سنہ وفات 930 هجري لکيو آهي، جڏهن تہ مير علي شير "قانع" وفات جو سال 903 هجري لکيو آهي، اهائي ڪاتبن جي سهو آهہ "حديقة الاولياء" جي مصنف راڄو ستيه دل جي وفات جو سال 979 ھ لکيو آهي، انکي مولانا دين محمد وفائيءَ

غلام رباني صاحب جي ڳالھ اکين تي، سندس راءِ ۾ وزن آهي ۽ ڪنهن حد تائين رباني صاحب جو اهو اصول صحيح بہ آهي تہ ’اثر‘ مان ’اثرادي‘ لفظ ٺهندو ۽ مرو مان مروندي لفظ ٺهندو. اها ڳالھ پنهنجي جاءِ تي، پر اردو زبان جي اوئلي گرامر لکندڙ شاعر انشاءالله خان جي هيءَ ڳالھ تمام وزندار لڳي ٿي، جو لکيائين تہ جيڪي لفظ عربي، فارسي يا ٻين ٻولين جا جڏهن اردو زبان ۾ داخل ٿين ٿا تہ پوءِ اها اسان جي مرضي آهي تہ انهن کي اسان ڪهڙي طريقي سان بہ اچاريون. ڳالھ لک جي ڪئي اٿس، اهو ساڳيو اصول سنڌي ٻوليءَ سان بہ لاڳو ٿئي ٿو. ڌارين ٻولين جا جيڪي لفظ اسانجي سنڌي ٻوليءَ ۾ داخل ٿيا آهن تہ پوءِ اها اسانجي مرضي آهي تہ انهن کي اسان ڪيئن بہ اچاريون. مثلاً، عربي لفظ مصالح آهي ان کي اسين مسالو چئون ٿا. هاسپيٽل انگريزي لفظ آهي ان کي اسين اسپتال اچاريون ٿا. ٻولين جي اکرن جي مٽا سٽا جو اهو هڪ قدرتي عمل آهي، جنهن سان ٻوليءَ ۾ لفظن جو واڌارو ٿئي ٿو ۽ نوان لفظ وجود ۾ اچن ٿا. اهڙيءَ طرح مرند جو بہ لفظ آهي، هاڻ اسان جي مرضي آهي تہ ان کي صحيح اچار مرند سان اچاريون يا ان کي مروند چئون. فارسي ٻوليءَ جو لفظ اسانجي ٻوليءَ ۾ اچي ويو تہ اسان انکي مروند ڪري ڇڏيو. هاڻ اهو ٺٺون لفظ اسانجي ٻوليءَ جو ٿي ويو ۽ اسان ان کي پنهنجو ڪري ڇڏيو. پر اصل ڳالھ اها آهي تہ اڳاٽي دور ۾ مرند کي مروند چيو ويندو هو، انڪري ڪيس مروندي چوڻ بلڪل درست آهي. جيتوڻيڪ ”تذڪره مشايخ سيوستان“، ”مآثرالڪرام“ ۽ مولانا محب علي ٺٽويءَ جي تحريرن ۾ مرند لکيل آهي، سو پڻ صحيح آهي.

**حوالا:**


(1) گرامي، غلام محمد، ”قلندر لعل شهباز جو سلسله طريقت“، شامل: قلندر شهباز — هڪ مطالعو. نگران :اڪبر لغاري. مرتب: نفيس احمد شيخ، دادو، ڄامشورو: شهباز ميلا ڪميٽي، ڊسٽرڪٽ گورنميٽ، آگسٽ2007 ع، ص 26.

(2) ساڳيو، ص 26

(3) گرامي، غلام محمد، ”حضرت لعل شهباز قلندر: سلسله طريقت“، مهراڻ، جلد 11 ، نمبر 2 ، 1962 ع، ڄامشورو، دادو: سنڌي ادبي بورڊ، ص 1 (انٽرنيٽ ايڊيشن)

(4) ٻاريچو، مشتاق مسرور، ”ديوان قلندر: حضرت قلندر لعل شهباز کا فارسی کلام اردو ترجمے کے ساتھ“، ڇاپو ٻهريون. حيدرآباد، سنڌ: اسد بک ڊپو، قدم گاهہ مولا علي، 2010 ع، ص 14

(5) سيد، محسن ڪاظمي الحميدي (محقق)، مرڪز تحقيقات انساب سادات پاڪستان ( 15- آڪٽوبر 1215 ع).
(https://m.facebook.com/ansaabsadaatpakistan/posts/902091229880831/?_rdr)

(6) سيوستاني، عبدالغفور بن حيدر، ”تذڪره مشايخ سيوستان“، بتصيح: پير حسام الدين راشدي، معرفي: ڊاڪٽر غلام محمد لاکو، مترجم: نياز حسين همايوني، ڄامشورو، سنڌ: ڪميٽي جشن لعل شهباز، ضلع حڪومت ڄامشورو سنڌ، 2010 ع ، ص 3

(7) سيد، امام الدين نقوي گلشن آبادي، ”تذڪرة الانساب“، دهلي، انڊيا: افضل المطابع، 1322هه/1906ع، ص 100

(8) قانع، مير علي شير، ”معيار سالڪان طريقت“، سنڌي ترجمو، (مترجم: شيخ محمد حسن ٽريچاٽوي، مقدمو و حواشي: مخدوم سليم الله صديقي، ڄامشورو، سنڌ: سنڌي ادبي بورڊ، 2010 ع، ص 424

(9) قانع، مير علي شير ٺٽوي. ”تحفة الڪرام“ سنڌي ترجمو، (مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، مترجم: مخدوم امير احمد، ايڊيشن پنجون، ڄامشورو، سنڌ: سنڌي ادبي بورڊ، 2004 ع، حاشيو1، ص 349 (انٽرنيٽ ايڊيشن: سنڌي ادبي بورڊ آن لائين لائبريري).

(10) ميرڪ، يوسف، ”تعليقات: مخدوم لعل شهباز“، شامل: تاريخ مظهر شاهجهاني، مترجم: نياز حسين

احمد آباد ۽ سورت بندر ۾ به مخدوم ابوالقاسم نقشبنديءَ جا گهڻي کان گهڻا مريد هئا. سنڌ جي قديم شهر عمرڪوٽ پرسان به ميان ابوالحسن خشت نالي هڪ الله وارو نيڪ بزرگ رهندو هو، ان بزرگ جي اها عادت هئي ته ڪنهن نيڪ بزرگ جو ٻڌندو هو ته ان وٽ هلي ويندو هو ۽ وٽس وڃي چلو ڪڍندو هو، جڏهن مخدوم ابوالقاسم نقشبنديءَ جي هاڪ ٻڌائين ته وٽس روحاني فيض لاءِ آيو، مخدوم صاحب هن کي ٻن ڏينهن اندر سڀ روحاني منزلون طئه ڪرايون ۽ کيس خلافت جو خرقو عطا ڪري روانو ڪيو. مخدوم ابوالقاسم جي فيض مان ڪيترا بزرگ مستفيد ٿيا، جن مان ڪجهه بزرگ سنڌ جي ٻين علائقن طرف جا هئا.

مخدوم سائين ابوالقاسم نقشبنديءَ کي ٻه فرزند مخدوم ابراهيم نقشبندي ۽ مخدوم فيض احمد نقشبندي تولد ٿيا. سندن چار نياڻيون به هيون، شلباس آهي پير سائين حماداالله سرهندي مجددي کي جنهن وڏي محنت ۽ ڪوشش وٺي سائين جن تي ڪتاب ڇپرايو آهي. اهو ڪتاب مخدوم ابوالقاسم نقشبندي تي سنڌي ۾ ڇپيو آهي. مخدوم ابوالقاسم نقشبنديءَ جو هجرو مبارڪ جنهن کي هجره حضوري به سڏين ٿا، اهو هجرو مبارڪ اڄ ڏينهن تائين ٺٽي شهر جي نقشبندي محلي نزد شاهجهان مسجد ٺٽو ۾ هر ايندڙ ويندڙ لاءِ فيض جو مقام رکي ٿو ۽ هتي هر دعا الله جي فضل و ڪرم سان قبول ٿئي ٿي. راقم الحروف جا جيڪي به بزرگ نقشبندي سلسلي ۾ داخل ٿيا اهي اڄ ڏينهن تائين هن هجري مبارڪ ۽ درگاهه سان وابسته آهن، شيخ محمد اعظم ٺٽوي ڪتاب تحفته الطاهرين ۾ ٺٽي جي هڪ قديم بزرگ حضرت شاهه مسڪين رحمته الله عليه بابت روايت آندي آهي ته ٺٽي ۾ حضرت شاهه مسڪين هڪ وڏو ڪامل اولياءِ الله ٿي گذريو آهي. سندس اهڙي روايت درگاهه شريف جي ڪتبي مٿان فارسيءَ ۾ لکيل آهي، مخدوم ابوالقاسم نقشبنديءَ جي وفات جو سال 1138هجري آهي.

مخدوم ابوالقاسم نقشبنديءَ جي فيض مان ڪيترائي بزرگ سهراب ٿيا، جن مان ڪن جا تفصيلي نالا ۽ ڪرامتون ڏجن ٿيون:

**(1) مخدوم معين ٺٽوي:**

هيءُ پنهنجي وقت جو هڪ وڏو جيد عالم ٿي گذريو آهي، پاڻ مخدوم عنايت الله جو شاگرد هو، حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمته الله عليه جو دوست هو، حضرت شيخ جلال محمد ڪڪرالي واري علامه شيخ سعدالله پوربيءَ کان به علمي استفادو حاصل ڪيائين. مخدوم معين نقشبندي سلسلي ۾ مخدوم ابوالقاسم نقشبندي جو مريد ۽ وڏو خليفو هو پاڻ گهڻو وقت مخدوم صاحب جي خدمت ڪيائين. مخدوم معين 1161هجري ۾ وفات ڪئي.

سندس وفات تي شاعر محسن ٺٽوي هن طرح شاعري ڪئي آهي:

قطره در بحر واصل شد

1161هجري

معين دين احمد وقت صد حيف

1161هه

**(2) مخدوم مقيم:**

مخدوم محمد مقيم بن ميان سعدالله قدري بنوري پرڳڻي جي جهيجا ڳوٺ جو ويٺل هو. هيءُ به مخدوم ابوالقاسم جو خليفو هو، مولانا دين محمد وفائي سندس جڳ مشهور تصنيف ڪتاب تذڪره مشاهير سنڌ ۾ هن جون ڪرامتون بيان ڪيون آهن.

**(3) ميان محمد يعقوب:**

هي ذات جو سمو هو ڪبر ڳوٺ جو رهاڪو هو. حال ۽ قال جو واقف هو، نقشبندي طريقي کي تمام گهڻو زور وٺرايائين.

**(4) شيخ يحيٰ:**

هيءُ عرب جو باشندو هو، هن بزرگ مديني پاڪ ۾ نقشبندي سلسلي کي زور وٺرايو.

**(5) سيد سلطان شاهه هندي:**

هيءُ ٺٽي جي نواب خليل خان جو پاٽيجو هو، مخدوم ابوالقاسم جو مريد ٿيو، انتهائي مرتبي کي رسيو، ماڻهن جي رجوعات ڏانهس گهڻي ٿي.

**(6) مخدوم ضياءالدين ٺٽوي:**

مخدوم ضياءالدين 1038هجري ۾ ٺٽي ۾ ڄائو، ٺٽي جي وڏي عالم مخدوم عنايت الله وٽان تعليم




هي دستاويز مخدوم ابوالقاسم نقشبندي جي پوٽي محمد ابراهيم خليل نقشبندي جو هٿ لکيل 16- فيبروري 1898ع تي، جيڪو راقم الحروف جي پڙڏاڏي ميان، قاضي فضل الله کي سائينجن پنهنجي حياتي ۾ ڏنو هو. هي بزرگ هن خاندان جو آخري فرد هو.

**شاهد علي صوف ابڙو**
ڪراچي



# مخدوم محمد اسماعيل پريالوي

مخدوم محمد اسماعيل ابڙو ان وقت جي ولي ۽ درويش مخدوم ميان آجد رحمة الله عليه جي (1) بهاول نگر لڳ 'سرو' ڳوٺ واري گهر ۾ اک کولي، بنيادي تعليم پنهنجي والد محترم ۽ ان وقت جي عالمن ۽ استادن کان حاصل ڪئي ۽ بعد ۾ ان وقت جي برک ڪامل بزرگ حضرت قطب بهاؤالدين ذڪريا رحه جي خدمت ۾ ملتان وڃي بيعت قبول ڪئي ۽ سلسله روحاني نقشبندي جي تعليم حاصل ڪئي ۽ سخت جفاڪشي ۽ پنهنجي ڪامل مرشد جي دعائن سان وڏي اوج تي پهتو ۽ حقيقت ۽ معرفت جو اعليٰ عهدو حاصل ڪيو علمي منزلون مڪمل ٿيڻ کان پوءِ مرشد جي حڪم سان هجرت ڪري ڏوڪري تعلقي جي ڳوٺ ٽڳڙ باغبان ۾ اچي وينو ۽ اسلام جي تعليم پکيڙڻ لڳو. سن 1200 هجريءَ ۾ تبليغ اسلام خاطر پريالو شريف ۾ سڪونت اختيار ڪيائون ۽ اسلامي تعليم جو فيض ورهائڻ لڳا، سندن فيض ۽ علم جي هاڪ هوندي هئي. سنڌ جي مشهور خاندان پيران پير پاڳارو رحمة الله عليه جي (2) هڪ ڪامل بزرگ ۽ عالم عالي مقام حضرت سيد محمد بقا شاهه شهيد (ولادت 1135 هجري وفات 1198 هجري) پڻ مخدوم محمد اسماعيل پريالوي جي مريدي قبول ڪندي سلسله نقشبنديءَ ۾ اعليٰ اوج حاصل ڪيو ۽ هن درويش جي دعائن سان پاڳاري خاندان جي اولاد حقيقت ۽ معرفت ۾ اعليٰ درجو ماڻيو. مخدوم محمد اسماعيل شريعت جو سخت پابند هوندو هو، سندس ڪيترائي معجزا ۽ ڪرامتون پڻ مشهور آهن، پاڻ بت پرستيءَ جو سخت مخالف هوندو هو، سندن همعصر مخدوم عبدالرحمان شهيد ڪهڙن وارو به شريعت جو سخت پابند هوندو هو ۽ شرعي پيچڪڙي ڪندڙن کي سخت تعزير ڏيندو هو ۽ مخدوم محمد اسماعيل رح ۽ (3) مخدوم عبدالرحمان شهيد هڪ آواز هوندا هئا.

مخدوم محمد اسماعيل پريالوي ذات جو ابڙو ۽ پاڙو جوٽيجو ائس. سندس اصل رهائش موجوده پنجاب جي بهاولنگر لڳل سرو ڳوٺ آهي، جتي ميان آجد ابڙو رحمة الله عليه جي وڏي درگاهه به موجود آهي ۽ آجداڻي ابڙا خاندان به موجود آهي، بعد ۾ ڏوڪري تعلقي جي ٽڳڙ ڳوٺ ۾ وينو ۽ بعد ۾ اُتان لاڏي وڃي خيرپورميرس ضلعي جي پرالو ڳوٺ (پريالوءِ) ۾ پنهنجي مرشد سڳوري حضرت سيد حاجي جمال الله شاهه وٽ رهيو. حضرت سرتاج اولياءِ مخدوم محمد اسماعيل رحه کي ٽن فرزندن جو اولاد عطا ٿيو، سندن وڏو فرزند ميون عيسيٰ رحه به وڏو بزرگ ۽ عالم ۽ صوفي شاعر ٿي گذريو آهي. مخدوم صاحب جو خاندان پنهنجي جد امجد ڏاڏي ميان آجد رحه جي نسبت سان آجداڻي سڏجن ٿا ۽ هن خاندان جا فرد هن وقت 'سرو' ڳوٺ بهاولنگر پنجاب، مانجهند، کاٽوٽ، هالا، پريالو ۽ ٽڳڙ ڳوٺ ڏوڪري تعلقي ۾ آباد آهن. عظيم اولياءِ، بزرگ ۽ صاحب ڪرامات مخدوم محمد اسماعيل ابڙو جا هزارين شاگرد علم حقيقت ۽ معرفت جو فيض پرائي ويا، اڄ به سندن فيض جاري وساري آهي، سندس درگاهه تي روزانو سوين ماڻهو حاضري ڀري فيض حاصل ڪري رهيا آهن. سندن وصال 1174 هجري بمطابق 1760ع ۾ ٿيو سندن آخري آرامگاهه پريالو شهر ۾ آهي.

ولي، ڪامل، عالم، عامل، فاضل جليل مخدوم محمد اسماعيل جوٽيجو ابڙو سنڌ ۾ نقشبندي طريقي جو امام ٿي گذريو آهي، تصوف ۽ عرفان سان گڏ هُو بزرگ ظاهري علمن جو به وڏو عالم هو، هميشه ظاهري علم جي درس جو سلسلو جاري رکندو

اينلو هو. هُو خوشخط بہ هڪ ٿي هو. معقول ۽ منقول جا سمورا درسي ڪتاب پنهنجي قلم سان لکي پنهنجي ڪتب خاني ۾ جمع ڪيا هئائين، مريدن کي فيض، تلقين ڏيڻ ۽ درس پڙهائڻ سان گڏ روزانو ڪنهن نہ ڪنهن ڪتاب جي هڪ يا ٻہ جز لکندو هو. روايتن موجب تہ پاڻ ڏينهن جو آرام ڪندو هو تہ سندس قلم خودبخود لکندو رهندو هو. مخدوم محمد اسماعيل پريالوي جو لقب عبدالرسول هو، سڄي ڄمار الله تعاليٰ جي عبادت ۽ خلق کي دعوت ۽ ارشاد ۾ گذاريائون، متد اول درسي ڪتاب سڀ جو سڀ پنهنجي هٿن سان لکيائون ۽ انهن تي مفيد حواشي بہ لکيائون، سڄي ڄمار قرآن ڪريم جي لکڻ ۾ صرف ڪيائون، جڏهن بہ قرآن شريف لکندا هئا تہ ان جي پهرين صفحي تي اسماء الحسنيٰ ڳاڙهي مس سان لکندا هئا. مخدوم صاحب جي سلسلي جي سند شيخ احمد سرهندي مجدد الف ثاني رحمة الله عليہ سان چئن واسطن سان ملي ٿي.

مخدوم محمد اسماعيل مريد آهي. مخدوم جمال الله سنڌي پريان لوئي واري جو، اهو حافظ ايوب سنڌي جو، اهو شيخ محمد سعد لاهوري (وفات 1152) اهو شيخ سيد آدم بنوري (وفات 1034) جو مريد هو. مخدوم محمد اسماعيل صاحب سنڌ جي اڪثر مسلمانن جو ڏاڏا پير ۽ مرشد آهي. اهو ان ڪري تہ سنڌ ۾ اڪثر درگاهن ۽ خانقاهن جو سلسلو حضرت مخدوم صاحب تي پهچي ٿو. مثلاً امروٽ شريف، پرچوندي شريف، هاليجي شريف، سوئي شريف، بائيجي شريف، ٽريچاٽي شريف وغيره انهن سڀني درگاهن جي پيرن جا پير حضرت سائين محمد راشد (روضي ڌڻي) رحمة الله عليہ آهي. حضرت سائين محمد راشد روضي ڌڻي وري فيض ورتو سراج الساڪين محبوب العارفين حضرت مخدوم محمد اسماعيل پريالويءِ رحمة الله عليہ کان. ان مان معلوم ٿيو تہ مخدوم محمد اسماعيل صاحب سنڌ جي اڪثر مسلمانن جا پير ۽ مرشد آهن (1) سندن خلفاءِ مان محمد بقا شهيد هاشمي والد ماجد حضرت محمد راشد روضي ڌڻي رحمة الله عليہ آهي. پير سائين سيد محمد راشد روضي ڌڻي رحمة الله عليہ جو والد محترم پير سيد محمد بقا شهيد مخدوم صاحب جي اجازت لڌل خليفن ۽ مريدن مان هو، نقشبندي طريقي ۾ سڀ ڪجهہ اتان حاصل ڪيو هئائين. هر سال سياري جي موسم ۾ افغانستان جا مريد بہ مخدوم صاحب وٽ ايندا هئا ۽ ٽي مهينا رهي ذڪر اذڪار ڪندا هئا ۽ فيض حاصل ڪري ويندا هئا. جڏهن احمد شاهہ ابدالي سنڌ آيو هو تڏهن مخدوم محمد اسماعيل صاحب جي ملاقات لاءِ پريان لوءِ بہ ويو ۽ دهلي جي فتح لاءِ دعا گهرايائين. مخدوم صاحب شاعر بہ هو، سندن شعر الله تعاليٰ جي وحدانيت سرور ڪائنات ﷺ جي صفت، خلق جي نصيحت ۽ تصوف جي نڪتن تي مشتمل سنڌي ۽ فارسي ۾ هوندا هئا. پاڻ خطبو بہ لکيائون جنهن کي خطيب جمع جي ڏينهن خطبي طور پڙهندا هئا. هن خطبي ۾ ڌڻي تعاليٰ جو حمد ۽ سندس وحدانيت، حمد ۽ شڪر ڪرڻ، صفات سرور ڪائنات نبي ڪريم ﷺ جن جي تعريف شامل آهي.

**مخدوم محمد اسماعيل رحہ جو خاندان.....؟**

مخدوم صاحب جي خاندان ۽ حسب نسب بابت وڏا مونجهارا آهن. هالا ۽ مانجهند ۾ آباد ابڙا خاندان جيڪي پنهنجي وڏي ڏاڏي ميان مخدوم آجد رحمة الله عليہ (مدفون سرو لڳ بهاول نگر پنجاب) جي نسبت سان اجداٽي سڏائين ٿا. ابڙو حاجي محمد عيسيٰ مغموم هالائي پنهنجي مضمون 'هالا جو اجداٽي ابڙا خاندان' جيڪو روزاني نئون سج ڪراچي جي 24 ڊسمبر 1997ع ۾ (2) ڇپيل آهي. لکي ٿو تہ مخدوم محمد اسماعيل حضرت عاجد رحہ جو پٽ هو، مخدوم محمد اسماعيل رحہ پنهنجي پيءُ وانگر درويش صفت ۽ نيڪ انسان هو، هن وقت جي برک ڪامل بزرگ حضرت قطب بهاؤالدين زڪريا رحہ وٽ ملتان وڃي سندن جي خدمت ۾ حاضر ٿي بعيت قبولي ۽ سلسلہ روحاني نقشبندي جي تعليم حاصل ڪئي. سخت محنت جفاڪشي ۽ پنهنجي ڪامل مرشد جي دعائن سان وڏي اوج تي پهچي حقيقت ۽ معرفت جو اعليٰ عهدو حاصل ڪيو ۽

مرشد جي حڪم جي پيروي ڪندي ڳوٺ پريالو ضلع خيرپور ۾ سڪونت اختيار ڪئي ۽ روحاني تعليم جو فيض ورهائڻ شروع ڪيو. (3) مخدوم ميان شيرل سجاده نشين درگاهه عاليه مخدوم محمد اسماعيل رحه واقع پريالو شريف جي لکيل توليت نامي جو جيڪو هن مخدوم مرحوم محمد زمان طالب المولا جن جي جواب ۾ لکيو هو، جيڪو هالا جي ابڙن وٽ محفوظ آهي جنهن مطابق سندن والد مخدوم محمد اسماعيل رحه ذات جو ابڙو ساڪن ڳوٺ ٽنگڙ باغبان تعلقي ڏوڪريءَ جو سن 1200 هجريءَ ۾ تبليغ اسلام خاطر پريالو شريف ۾ سڪونت اختيار ڪيائين، هالا جي ابڙن وٽ موجود شجري موجب مولانا ميان اَجد ابڙو ان جو پٽ مخدوم محمد اسماعيل ابڙو ۽ ان جا 3 پٽ حضرت مخدوم حاجي ميان محمد عيسيٰ عرف ميون عيسو، ٻيون ميان محمد اسحاق ٽيون ميان جاڙو خان ڄاڻايل آهن، اهو شجرو به ڪتاب ۾ موجود آهي. جڏهن ته مخدوم محمد اسماعيل رحه جي وڏي فرزند مخدوم ميان محمد عيسيٰ رحه جي سوانح حيات بابت سنڌ جي محققن وقت به وقت ڪوششون ڪيون آهن، پر اڄ تائين مخدوم ميان عيسيٰ عرف ميون عيسو رحه جي حسب نسب ۽ خاندان جي باري ۾ چٽو نه لکي سگهيا آهن، انهن ليکڪن جن ۾ علامه دائود پوٽو، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ممتاز مرزا، مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ ۽ ٻيا شامل آهن. سڀ کان مستند صرف مخدوم محمد اسماعيل رحه جي سجاده نشين ميان شيرل جو اهو توليت نامون آهي جيڪو هن مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ کي ڏنو هو ۽ اهو هن وقت به هالا جي ابڙن وٽ محفوظ آهي، هن توليت نامي موجب ته مخدوم محمد اسماعيل رحه ذات جو ابڙو ويٺل ڳوٺ ٽنگڙ باغبان تعلقو ڏوڪري آهي ۽ سن 1200 هجريءَ ۾ تبليغ اسلام خاطر پريالو ريو ۽ اتي ئي سڪونت اختيار ڪيائين. ان لکت کان سواءِ محققن وڏيڪ سوانح بابت ڪجهه به هٿ نه ڪيو آهي. 1951ع ۾ علامه ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي هن بزرگ جي باري ۾ 'شاهه کان اڳ جا شاعر' نالي سان مقالو لکيو، جنهن ۾ ٻهريون پيرو شاهه جي رسالي ۾ آيل ٻين شاعرن جي حوالي سان ميان عيسيٰ رحه جو ذڪر ڪندي سُر سارنگ جي هڪ بيت جي نشاندهي ڪئي آهي ته:

ٻٽ ٻري پٽ پيئون، وڄن ڪيا وَرن،
اونهي ئي عيسو چوي ڇاڇر سبڪا ڇن،
جن محب اندر من سي پرين پيهي گهر آيا.

مخدوم محمد عيسيٰ عرف ميون عيسو ولد مخدوم محمد اسماعيل پريالوي رحه بنيادي تعليم پنهنجي ولد بزرگوار کان پريالوءِ شريف ۾ سندس ئي نظرداري ۾ حاصل ڪئي، ديني علوم ۾ مهارت حاصل ڪري ديني مسئلن کي اسلامي شريعت مطابق اڪلائڻ جو طريقو اپنايو ۽ اهڙي طرح پاڻ وقت جي برک عالمن ۾ شمار ٿيڻ لڳو. ميون عيسيٰ رحه علم جو اڪابر ڪلاسيڪل شاعري ۾ صف اول جو شاعر مڃيو ويندو هو ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه جو وڏو همعصر هو ۽ قدرت نندي چمار ۾ ئي علمي روحاني صلاحيتن سان مالا مال ڪري ڇڏيو هوس. هيءَ درويش پنهنجي والد برزگوار وٽ بعيت حاصل ڪري سلسله نقشبندي ۾ معرفت جو روحاني درجو حاصل ڪري وقت جو ڪامل بزرگ بنجي ريو. ميون عيسيٰ جي هالا ۾ مستقل اچي آباد ٿيڻ بابت مليل معلومات موجب ته پاڻ حج جي سعادت حاصل ڪري دريائي سر ذريعي هالا لڳ ڳوٺ کاٽوٽ جي پتڻ وٽ پهتا ته کين هالا جي سڪ محسوس ٿي ان وقت هالا جو شهر بزرگن، عالمن، اديبن ۽ شاعرن جي سرزمين هئڻ سبب ڏيهان ڏيهه مشهور هو، هڪ پاسي سرور نوح رحه ته ٻئي پاسي شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه مطلب ته روحاني فيض عام پلٽبو آيو آهي. جڏهن مخدوم محمد عيسيٰ هالا پهتو ته ان موقعي تي سروري جماعت جي ان وقت جي سجاده نشين حضرت مير پير رحه کين دعوت جو پيغام موڪلي پاڻ وٽ گهرايو ۽ سروري خاندان جي اولاد کي سلسله نقشبندي ۾ ۽ روحاني تعليم ڏيڻ لاءِ روحاني تعليمي استاد مقرر فرمايو ۽ کين خانداني سَنَدَ پڻ پيش ڪئي. کين رهڻ لاءِ گهر جي جاءِ، مسجد ۾ حجرو ۽

صوفن شاھ جي درگاھ بہ موجود آھي. ھيءَ بہ پھتل بزرگ ھئو ۽ مخدوم محمد اسماعيل رحہ جو گھاٽو دوست ۽ ساٿي ھو.

**مونجھارو ڪٿي آھي......؟**

مخدوم محمد اسماعيل رحہ جي حسب ۽ اولاد بابت پيدا ٿيل مونجھارا اڃان تحقيق طلب آھن. اصل حقيقتون اڃان بہ لڪيل آھن. جو تہ ھالا جي ابڙن جي دعويٰ موجب ھُو مخدوم صاحب جي فرزند مخدوم ميان محمد عيسيٰ عرف ميون عيسو جو اولاد آھن. ھنن وٽ موجود دستاويزن ۾ بہ ھي مخدوم محمد اسماعيل جو اولاد آھن. ھنن وٽ بہ 'تذڪرہ باغبان' جو حوالو موجود آھي، پر مخدوم محمد اسماعيل جي والد بابت ھنن وٽ موجود شجري ۽ ٻين دستاويزن ۾ مولانا ميان آچر ابڙو (مدفون سرو بھاولنگر) مخدوم صاحب جو والد ڄاڻايو پيو وڃي ۽ مرشد ۾ غوث بھاؤ الدين ذڪريا رحہ ڄاڻايل آھي. جڏھن تہ ڏوڪري جي قاضي (جوڻيجہ خاندان) وٽ موجود شجري ۽ ٻين دستاويزن موجب مخدوم محمد اسماعيل رحہ جي والد جو نالو محمد قاسم ڄاڻايل آھي. جڏھن تہ ٻنھي ڌرين ۾ مخدوم صاحب جي ڏنل اولاد جي نالن ۾ بہ فرق آھي. جڏھن تہ ڪھڙن جي مخدومن جي خانداني دستاويزن موجب مخدوم محمد اسماعيل جڏھن پريالوءَ ۾ اچي رھيو ھو تہ سندس شادي ڪرائي وئي ھئي، جنھن مان ڪيس بہ پٽ ۽ ھڪ نياڻي جو اولاد ٿيو، پٽ ننڍي ھوندي ئي وفات ڪري ويا ۽ نياڻيءَ جي شادي ڪھڙن جي مخدوم گھراڻي ۾ ٿي ھئي.

ڏوڪريءَ جي قاضين موجب جڏھن مخدوم صاحب پرياليءَ ريو ھو تہ تڏھن سندس عمر 65 سال ھئي ۽ ڪيس ٽن پٽن جو اولاد ھو، جڏھن تہ مخدوم محمد اسماعيل رحہ جي ڪل عمر 102 سال ٿي ھئي مخدوم صاحب 9 ذوالحج 1072 ھجري سومر ڏينھن جنم ورتو ۽ 8 ربيع الاول 1174 ھجري ڇنڇر ڏينھن رحلت ڪئي ھئي. منھنجي خيال ۾ تہ مخدوم صاحب ٻئين شادي پرياليءَ ۾ ڪئي ھوندي، جنھن مان بہ ڪيس ٽن پٽن ۽ نياڻيءَ جو اولاد ٿيو ھوندو باقي اھو غلط آھي تہ مخدوم صاحب پنھنجي ٻن پٽن کي پٽ ۽ پاراتو ڏئي ماري ڇڏيو ھو. جو تہ ھڪ ڪامل بزرگ ۽ ولي سخت ڪان سخت وقت ۾ بہ ڪنھن کي پاراتو نہ ڏيندو آھي ۽ پنھنجي اولاد کي صرف عورتن جي دلن کي ڇيھ يا ٻين ٻاراڻين شرارتن سبب پٽ ڏئي سندن موت جي دعا گھرڻ واري ڳالھ ۾ ڪا بہ صداقت ناھي.

ڏوڪري ۽ ھالا وارا ابڙا ھڪ ٻي ٻيءَ ڏاڏي جو اولاد آھي شايد سندن ماٿرون الڳ الڳ آھن، بھرحال ھي ھڪ تحقيق طلب مسئلو آھي ۽ حقيقتن کي منظر تي آڻڻ لاءِ وڌيڪ تحقيق ۽ جستجو جي ضرورت آھي تہ جيئن ٻہ خاندان ھڪ ٻئي سان ڳنڍجي سگھن ۽ مخدوم محمد اسماعيل ابڙو بابت اصل حقيقتون ظاھر ڪري سندس خلاف جوڙيل ھٿ ٺوڪين ڳالھين کي رد ڪري سگھجي.

مخدوم محمد اسماعيل رحہ صاحب ڪرامت بہ ھو سندس لاتعداد ڪرامتون ظاھر ڪيل آھن، مضمون جي طوالت سبب انھن جو ذڪر ڪنھن ٻئي موقعي تي ڪبو.

**مخدوم محمد عيسيٰ عرف ميون عيسو رحہ**

مخدوم ميان محمد عيسيٰ عرف ميون عيسو ولد سرتاج اولياء مخدوم محمد اسماعيل ابڙو، جو جنم پرياليءَ ۾ ٿيو، پاڻ بنيادي تعليم ۽ تربيت بہ پنھنجي والد بزرگوار جي نظرداريءَ ۾ حاصل ڪئي، مخدوم ميان محمد عيسو جا ٻہ پٽ پيا بہ ھئا، جن جا نالا ميان محمد اسحاق ۽ ميان جاڙو آھن. ميان جاڙو بي اولاد ھو، باقي ميان محمد اسحاق ۽ مخدوم ميان محمد عيسيٰ جو جھجھو اولاد ٿيو جيڪي ھن وقت ڏنڙ، ڪڪا، جوڻيجہ، آجداڻي ابڙا سڏجن ٿا. جيڪي مانجھند ۽ ھالا ۾ آباد آھن. مخدوم ميان محمد عيسيٰ کي ٻن پٽن جو اولاد ٿيو، جن ۾ مولانا محمد اسماعيل ۽ مولانا الھ اوڀايو شامل آھن. مخدوم ميان محمد عيسيٰ بہ پنھنجي وقت جو ناميارو عالم ۽ بزرگ ٿي گذريو آھي. ھن درويش پنھنجي والد بزرگوار جي ھٿ تي بيعت ڪئي ۽ سلسلہ نقشبندي ۾ معرفت جو روحاني درجو حاصل ڪري وقت جو ڪامل بزرگ بڻجي ويو. ھن پرياليءَ شريف ۾


مخدوم آجد ابڙو رحمت الله عليه
مخدوم محمد اسماعيل پريالوي رح (ابڙو خاندان هالا)
مولانا محمد عيسيٰ عرف ميون عيسو
جاڙو (بي اولاد)
ميان محمد اسحاق
حافظ اسماعيل
مولانا معين
محمد يعقوب
حافظ بچل
قاضي عبدالله (اول)
حاجي قائم الدين
حاجي محمد اسماعيل
قاضي حاجي محمد
قاضي حاجي علي محمد گلچين
ولي محمد (بي اولاد)
خانصاحب لطف علي خان
محمد اقبال
لطف علي
محمد عمران
ارمغان
عرفان
قاضي معين الدين
قاضي سليم الدين
قائم الدين
غلام رسول
حكيم شمس الدين
غلام محمد
عبداللطيف ساتي
قاضي عبدالحي سليم
علي احمد (بي اولاد)
رئيس محمد ايوب
عبدالخالق
نياض احمد
قمر الدين
محمد افتخار قمر
سعيد
اقبال
اسلم
نويد
وحيد
واثق
واصف
عبدالرحمٰن
ماستر اسماعيل
عبدالمجيد (بي اولاد)
عبدالرئوف
عبدالقادر
حاجي محمد بچل (بي اولاد)
قائم الدين
بدرالدين
ظهيرالدين
تمير الدين
سراج الدين
شهاب الدين
نظام الدين
شاهدلطيف
آجدلطيف
حامدلطيف
واجدلطيف


قاضي معين الدين
قاضي علي محمد
خليل احمد
عبدالقيوم
معين الدين
علي محمد
احتشام
؟
عبدالرزاق
عبدالجليل
عبدالرشيد
محمد خان
عبدالقادر
عبدالله
عبدالرحيم
عبدالرئوف
سهيل سرور
ثاقب رشيد
عاقب رشيد
عاصم جليل
رضوان جليل
محمد فاروق
محمد ليضان
سهيل فاروق
انعام الرحيم
عطاالله
جاويد
ذكاالله
راجم
شكيل منور
سردار عقيل منور
عديل منور
جميل منور
ماستر اسماعيل
عبدالرئوف
عبدالرحمٰن
عبدالمجيد
عثمان
عبدالرحيم (بي اولاد)
احمد خان
جان محمد
شفيع محمد
سيف الله
احسان الله
امان الله
جهانگير
محمد بچل
محمد اسماعيل
سليم
محمد افضل
پنهون
شفيع محمد انور
نور محمد
ماستر شوكت
عبدالرشيد
مظفر
رفيق احمد
آفتاب
عزيز احمد
نثار علي
اكبر
خالد ظفر
طاهرظفر
ساجد ظفر
عاسر ظفر
آصف ظفر
راشد ظفر


محمد يعقوب
قاضي حاجي محمد
+
قاضي عبدالله
حاجي جمن
الهٖ اوبايو
قاضي محمد خان
شفيع محمد
فقير محمد
حاجي يعقوب
قاضي عبدالواحد
قاضي يار محمد
عبدالعليم
(بي اولاد)
عبدالواحد
عبدالعليم
قاضي يار محمد
قاضي عطا محمد
قاضي تاج محمد
قاضي نيڪ محمد
قاضي غلام محمد
قاضي نثار احمد
قاضي نور احمد
قاضي مسرور احمد
محمد يوسف
عبدالجبار
ماستر شمس الدين
عنايت الله
عبدالغفار
سعدالله
مشتاق
عبيدالله
غلام مصطفي
عبدالله
عزيز احمد
شفيق احمد
رياض احمد
محمد يعقوب
محمد عيسيٰ
ضياء الدين
محڪم الدين
فرقان احمد
عبدالرزاق
امير احمد
شبير احمد
دانش
جنيد
شعيب
فقير محمد
عتيق
ارسلان
رضي الدين
محمد يوسف
محمد رفيق
محمد نعيم
محمد اسلم
محمد اياز
محمد يعقوب
عبدالوهاب
عبدالغفار
عبدالعزيز


ميان محمد اسحاق
حافظ الله والي ڏنو
حاجي علي محمد
حافظ راحد ڏنو
حافظ زاهد ڏنو (بي اولاد)
محمد عبدالڪريم (بي اولاد)
محمد اسحاق
عبدالفتاح
محمد زاهد
عبدالڪريم
محمد عمر
شرف الدين
محمد اسحاق
نصير الدين
رسول بخش
علي رضا
عبدالفتاح
وزيراحمد
ذوالفقار
جاويد
وحيد
ظهيرالدين
امير الدين
شيرمحمد
منظوراحمد
محمد زاهد
محمدحنيف
غلام حسين گلاب

# شجره نصب مخدوم محمد اسماعيل پريالوي ۽ اولاد ٽکڙ باغبان



| سيريل نمبر | نالو والد صاحب جي نالي سميت | جنم: ڏينهن | جنم: تاريخ/مهينو | جنم: هجري سال | وفات: ڏينهن | وفات: تاريخ/مهينو | وفات: هجري سال | آخري آرام گاهه |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| 12 | محمدالياس جوڻيجو ولد محمد | سومر | 8 رجب | 1215 | آچر | 2 ذوالحج | 1315/100 | ٺکر |
| 13 | خان محمد جوڻيجو ولد محمدالياس | آڱارو | 10 ذوالحج | 1248 | جمعو | 12 رجب | 1344/96 | ٺکر |
| 14 | حبيب الله جوڻيجو ولد خان محمد | آڱارو | 4 ربيع الاول | 1282 | آچر | 1 ذوالقعد | 1382/100 | گهريلو |
| 15 | محمد ناصر جوڻيجو ولد خان محمد | جمعو | 1 رجب | 1290 | سومر | 10 رمضان | 1355/65 | ڏوڪري |
| 16 | عبدالغفور جوڻيجو حبيب الله | سومر | 6 رمضان | 1321 | جمعو | 4 رجب | 1403/82 | گهريلو |
| 17 | جمال الدين جوڻيجو ولد عبدالغفور | جمعو | 9 رمضان | 1344 | سومر | 10 محرم | 1369/16 | ڏوڪري |
| 18 | ڪمال الدين جوڻيجو ولد عبدالغفور | آچر | 19 صفر | 1351 | اربع | 6 محرم | 1414/63 | گهريلو |
| 19 | خان محمد جوڻيجو ولد محمد ناصر | سومر | 16 رجب | 1335 | جمعو | 11 ذوالحج | 1418/113 | ڏوڪري |
| 20 | سراج احمد جوڻيجو ولد خان محمد | | | | | | | |
| 21 | نواب علي جوڻيجو ولد خان محمد | | | | | | | |
| 22 | اشفاق احمد ولد خان محمد | جمعو | | | | | | |



**پروفيسر ڊاڪٽر انور فگار هَڪڙو**
شڪارپور

# پريت جا پيچ

## ڊاڪٽر مرليڌر جيٺلي جا ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي ڏانهن لکيل خط

### (سَرسَري مطالعو)

پريت جا پيچ: ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو سنڌي زبان جو بيمثال عالم ۽ اديب هو. ڪوبہ اهڙو علم ڪونہ هو جو وٽس ڪونہ هجي! استادن جي استاد هئڻ جي ڪري ۽ عالمن سان بصف بيهڻ جي باوجود بہ اهڙي ڏِک ڏيندو جهڙي پَرندن ۾ مور! جهڙو هو سندس متانت ڀريو گفتگو، تهڙو هو سندس قلم ٽانگر جي ٽار!! لفظ جو استعمال هجي يا جملي جي جوڙ. جي ڪو ويهي ڇيد ڪندو تہ ڇِهه



ئي ڇهي پوندس! حرف حرف حيرت جو پيڪر! نظم تہ هوندوئي منظم، پر نثر ۾ بہ صرفي ۽ نحوي لاوازما لازوال، تہ نظمي زمين جا بہ واهڙ پيا وهندا ڏسڻ ۾ ايندا. مقصد جي بيان ڪرڻ ۾ اظهار اهڙو پختو جو ڇئي ڇپ ڪر! ڀلا هر ٻوليءَ جو ٻول ٻول ٻڌو. ٻانهو ۽ ڪوشن جا ڪوش ڪاپار ۾ قابو هجن تہ پو ڇو نہ عبارتون عجيب ۽ قاري مجيب هجن. سندس جيڏن ۽ سَرتن ۾ ڪي ڳاڻ ڳڻيا ڳڻواڻ ئي سندس سنگتي ساٿي ۽ ڪچهريءَ جا مور رهيا. اهڙن ساڃاهہ ۽ سرت وارن ۾ هڪ وڏو ودوان ڊاڪٽر مرليڌر جيٺلي بہ رهيو. جيٺلي صاحب بہ وديائن جو ويرُ ۽ ڄاڻ جي کاڻ آهي. مطلب تہ ٻيئي ساهت جا ساگر مها ساگر! ٻنهي جي هر ڇولي علم ۽ ادب جي ٻولي. هو جيڏو هڪٻئي کان ڏور هئا، تيڏو ويجهو! پنهنجي اندر جا احساس هڪٻئي تائين قلم ۽ قرطاس رستي رسائي روحن ۽ ارواحن کي راحت پيا رسائيندا هئا. سن 1960ع کان سندن ”پريت جا پيچ“ پيا پختا ٿيندا رهيا، سندن خطن ۾ ميٺ محبت جو لطف تہ دلڪش آهي، پر ٻنهي جي علمي، ادبي، لغوي ۽ ڪوشي ۽ پستڪي سهيڙ ۽ سک کان سواءِ ڄاڻ لاءِ ووڙ ووڙان ۽ ولوڙ




ويچاري دنگ رهجي ٿو وڃجي. سندن لکت جي ڏانءَ کي ڏات ئي ڇئي سگهجي ٿو، ڇاڪاڻ تہ ڪوشش تہ وديارتن جي وس هوندي آهي. هي ويرَ تہ ودوان هئا.

”پريت جا پيچ“ تہ جيٺلي صاحب جي ڀاڀوهہ ڀرين پترن جو پستڪ آهي، جنهن ۾ جوهر بہ جيٺلي صاحب جا پيا جَرڪن. جي سنديلي صاحب جا بہ سڪ ڀر سنيها سمائجن ها تہ هَتي! هانوئي ٺري پون ها، پر جيٺلي صاحب جي پترن وسيلي سنديلي صاحب جي

سڪ ساهه تائين ۽ راحت روح تائين محسوس ٿئي ٿي. مثلاً جيٽلي صاحب، سنڌيلي صاحب کان پڇيو ته: ”جهڙي چالي تهڙي پني، هِن لاهي هُن کي ڏني. ان پهاڪي جو مطلب اوهان ڪيئن سمجهائيندا؟ اتي ’چالي‘ ۽ ’پني‘ انهن جي اکري معنيٰ ڪهڙي ڪڍڻ گهرجي؟ ان باري ۾ پنهنجو رايو لکندا.“ (ص 54) اهو خط پهرين فيبروري 1980ع تي لکيل آهي. ان متعلق وضاحت پڇندي جيٽلي صاحب جي ٿي پنجويهين جولاءِ 1980ع تي لکيل خط مان هن طرح معلوم ٿيو! ”جهڙي چالي تهڙي پني....“ ان جي جيڪا سمجهاڻي اوهان لکي آهي، سا مون کي درست نظر اچي ٿي، هڪ شڪارپور طرف جي رهاڪو پروفيسر مون کي ان جي سمجهاڻي هن ريت به ڏني آهي چالي= چَلي، نوڪري پني= پندي، نوڪري، انڪري ٻئي شيون برابر آهن. ”جهڙي چالي تهڙي پني، هُن لکٽي هُن کي ڏني، خبر نه آهي ته چالي ۽ پني لفظ شڪارپور طرف اِنهن معنائن ۾ ڪتب اچن ٿا يا نه؟ ان جي پاڻ جاچ ڪري مون کي احوال لکندا.

هاڻي تشنگي پوءِ به اها رهي ته سنڌيلي صاحب جي وَرنديءَ ۾ ڪهڙا ويچار ڏنا ويا؟ ان لاءِ لازمي طور جيٽلي صاحب کان سنڌيلي صاحب جا به خط گهرائي ڇپايا وڃن ته هوند معلومات مڪمل ٿي پوندي، ورنه ڳالهه اڌوري پئي لڳندي. هڪ سئو اٺونجاهه صفحن جي هن شاندار ڪتاب ۾ ڪل ستونجاهه خط شامل ٿيل آهن، جي يارهن سالن اٺن مهينن ۽ اٺيهن ڏينهن جي مدت ۾ موڪليل آهن. ان ڏينهن ۾ سنڌ جي ادب جي تاريخ جي پهرين اَساسي ۽ ڪلاسيڪي شاعر قاضي قادن جا هڪ سئو ٻارهن بيت هٿ اچڻ ۽ هيري ٺڪر پاران اهي ڪتابي شڪل ۾ شايع ٿيڻ ڪري سنڌ ۽ هند جي علمي، ادبي ۽ تحقيقي دنيا ۾ جڻ ڪنهن وڏي تهوار يا عيد جون خوشيون پئي ملهايون ويون. هرهڪ وات اهائي وائي هئي ته قاضي قادن جو ڪلام مليو آهي. اجهو ٿو ڇپجي اچي. جيئن هي هند مان سنڌ ۾ ڪجهه ڪتاب عالمن ۽ اديبن کي اچي مليا، تيئن اديبن ۽ عالمن پنهنجي بصيرت سارو اخبارن ۽ رسالن ۾ تبصرا ۽ تحقيقي مقالا لکيا، عالمن جون تحريرون ته ’مهراڻ‘ ۾ ڇپبيون رهيون، جي وڏن فني نُڪتن کي نروار ڪري، هرهڪ کي متوجهه ڪري ڳالهه مان ڳالهه نڪرڻ چواڻي ڪيئي مفيد معلومات جا خزانا پلٽجڻ لڳا.

هنن ٻنهي عالمن جي دلچسپيءَ جا خاص علم، ادب ۽ لغت رهيا، ٻنهي کي مطالعي جو شوق چوٽيءَ جو رهيو، تنهنڪري ڪو چرندو ڪتاب پڙهڻ کان سواءِ نه ڇڏيائون. نتيجي ۾ سندن لئبررين ۾ ڪيترن ئي موضوعن تي ڪتابن جا گهڻا ذخيرا موجود آهن. سندن وچ ۾ ڪتابن موڪلڻ جا سلسلا سدائين قائم رهيا. جيسين هڪ ٻئي کي ڪي گهربل ڪتاب نه موڪليندا، تيسين هردي ۾ هورا ڪورا پئي هلندي. اچو ته هنن خطن ۾ آيل اهڙن ڳالهين سان گڏ ڪي ٻيون ڳالهيون به مختصر پيرايي ۾ پڙهي ڏسون:

جيٽلي صاحب 26-01-1979 جي خط ۾ لکيو ته: ”توهان جا موڪليل به املهه رتن، ”ساميءَ سنڌيون سپون“ ۽ ”ڏهس نامون“ پهتا. ڪجهه ڏينهن اڳ ”سامي ڌاتو ڪوش“ به مليو. اهي پڙهي سچ پچ ته منهنجو سِر توهان جي علم ۽ ڄاڻ اڳيان جهڪي ويو. سنڌ ۾ حقيقت ۾ توهان جهڙا عالم آگرين تي ڳڻڻ جيترا به مشڪل ملندا، جن سنسڪرت، پراڪرت، اپڀرنش، هندي وغيره ٻولين جو گهرو ابياس ڪري، نور نچوئي سنڌي لفظن جي ويتپتي ريهي ڳولهي ڪڍي هوندي.“ (ص 31)

چئن مهينن کان پوءِ ستين مئي 1979ع جي خط ۾ ”قاضي قادن“ جي ڪتاب تي ڇپيل تبصرن سان گڏ هڪ ڪوش متعلق لکيو اٿس ته ”راجستاني شبدڪوش، سمپادڪ سيتارام لالس جو ڇپيو آهي. اهو ڪل ڏهن ڀاڱن ۾ آهي، ان مان ست ڪن ڀاڱا شايع ٿيا آهن، منجهس ويتپتي سيني لفظن جي ڏنل نه آهي ۽ ڪيترا هندي لفظ جيڪي راجستانيءَ ۾ به ملن ٿا سي به ان ۾ درج ڪرڻ ڪري ڊڪشنريءَ جو آڪار وڏي ويو آهي.“ (ص 33)

ٻئي عالم اديب، ڪوجينڪ، ڪتابن ڪي ڪٺي ڪرڻ جا ڪوڏيا، ڪتابن جو اڪنڊ ڀنڊار هوندي ٻه پستڪ جي پني پني تي پيا ساهه گهوريندا.

ٻنهي ساهتيڪارن کي سنڌي ٻوليءَ کان علاوه، هندي، سنسڪرت، پالي، پراڪرت، مراٺي، گجراتي، فارسي، عربي ۽ انگريزي ڀاشائن جي لکاوٽن تي آڙيءَ وارو عبور حاصل هو.

ٻنهي اعليٰ شخصيتن پنهنجي عملي زندگيءَ جو آغاز، تعليم ڪاتي ۾ اسڪولي استاد جهڙي مقدس منصب سان ڪيو ۽ سموري زندگي درس وتدريس جي شعبي سان وابسته رهيا، ايم.اي ۽ پي.ايڇ.ڊي ٻه سنڌي ٻوليءَ سان منسلڪ وشيه تي ڪيائون ۽ هن وقت ٻه شاگردن لاءِ آدرشي استاد جي حيثيت رکن ٿا.

ڊاڪٽر مرليڌر 7 نومبر 1930ع مطابق 22 ڪتي 1987 بڪرمي ڏڻ آرتوار تي پنڊت ڪشنچند توپڻ مل جيٽلي جي گهر حيدرآباد ۾ ڄائو، چار درجه نو ودياليه ۾ پڙهي نولراءِ هيرانند اڪيڊميءَ مان مئٽرڪ تائين تعليم حاصل ڪيائين ته آگسٽ 1947ع ۾ پاڪستان ٺهڻ سبب امتحان ڏيئي نه سگهيو ۽ هندستان هليو ويو. 1948ع ۾ ٻڙودا ڪيمپ جي سنڌ هند هاءِ اسڪول مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين. آخر 1965ع ۾ لسانيات ۾ پي.ايڇ.ڊي Morphology of Sindhi Language ڪئي. مختلف ادارن ۾ استاد رهندي 6 نومبر 1995ع تي رٽائر ٿيو. سندس ڪتاب: "سنڌي ڀڳت"، "سنڌي ڀاشا" ڪاسنسڪشپ وياڪرڻ"، "سنڌي ساهتيه کي ورڌ آيام"، "سنڌي ڀاشا وياڪرڻ ايوم پريوگ"، "سنڌي لوڪ ڪهاڻيون"، "ٻوليءَ جو سرشتو ۽ لکاوٽ"، "سنڌي ڌوني وگيان (سنڌي صوتيات)" "ڀارتيه ڪهاوت ڪوش"، "هندي سنڌي شبدڪوش"، 'سنڌي پهاڪا ۽ محاورا'، 'ڀارتيه ساهتيه ڪوشَ'، 'سنڌوءَ جون لهرون' ۽ 'سنڌي شبد مهراڻ' گهڻو مقبول آهن. انهن کان علاوه ڪيترائي معياري مقالا لکيائين.

ڊاڪٽر جيٽلي جهڙو مهارگياني سنڌ هند ۾ ٿيو ڪونه ملندو، سندس مطالعي ۽ لکڻ پڙهڻ جا موضوع اڳ ۾ ذڪر ٿي چڪا آهن. سندس قلم جو علم سنڌي ساهت جي ميدان ۾ پيو لهرائيندو ۽ بلند ٿيندو، شال صحتمند ۽ سگهارو رهي.

ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي لاءِ هيئن لکيو آهي:

ABDUL KARIM SANDILO (1919-1990)

Lexicographer, Folk-lorist and writer, coming from Larkana, He was Professor of Sindhi and Principal, Government Degree College, Larkana, Sindh (Pakistan).

He was mostly written on Folk-lore and literature in this Field. He is also known as a Lexicographer in Sindhi. He is the only Muslim writer in Sindhi, who claims to know Sanskrit,. His important publications are as Follows:

Winjhar (A book on various forms of Sindhi Folk- songs i-e, Singar) Piroli (Hindi- Paheli, Hunar and Dor etc).

Sindh Jo Singar (a collection of Sindhi-Singar- Baits 1956) Tahiqiiq Lughat-e-Sindhi (Sindhi Lexicon, 1955), Pahakan Ji, Para (1966) Schal, Lughat (Dictionary of Schal's Poetry) Sami Dhato kosh (An Etymological Dictionary of Sami's Poetry), Loka adab jo Tahiqiqi Jaizo (Critical Survey of Sindhi Folk Literature, Ph.D Thesis 1986). Dahasnamo (P.P- 1-2)

M.K.Jetly
International Encycolopaedia
Of Indian Literature
Volume VIII
Sindhi

**زاهد ڪنڀار**
ٽنڊو جان محمد



# سنڌ جو تاريخي قبرستان_آمري

ضلعي ميرپورخاص ۾ تاريخي ماڳ تہ تمام گهڻا آهن، پر تاريخي قديم قبرستانن جو بہ هڪ تمام وڏو انگ آهي ۽ انهن قبرستانن جو تاريخي اڀياس ڪنداسين تہ هر قبرستان تي الڳ الڳ ڪتاب لکي سگهجي ٿو، جيئن تہ ضلعي ميرپورخاص ۾ شهيد عبدالرحيم گرهوڙي جو قبرستان، چنوڙي جو قبرستان، لشڪر شاهہ جو قبرستان، درس عثمان ڪاڇيلوي جو قبرستان، ميان محمود فقير جو قبرستان، سوڍل شاهہ جو قبرستان، لاکي پير وارو قبرستان، ابراهيم ناگوراڻي وارو قبرستان، ميان محمد ڪڏ وارو قبرستان، درس عبدالصمد فقير جو قبرستان، خواجا سداتوري جو قبرستان، سيد حيدر شاهہ وارو قبرستان، جهنبو پاٽني وارو قبرستان، سيد گل شاهہ وارو قبرستان، مائي ٻگي وارو قبرستان، خاڪي پير وارو قبرستان، درس راڄ پار وارو قبرستان، ۽ ٻيا بہ ڪوڙ سارا قبرستان آهن جن تي لکي، انهن ۾ مدفون تاريخي شخصيتن جو ذڪر نروار ڪرڻ گهرجي. مثال طور سيد لال شاهہ جتي وارو قبرستان جنهن ۾ نوحاڻي قوم جا بهادر شهيد سپاهي مدفون ٿيل آهن، هن قبرستان مان وڏي تاريخي ڄاڻ ملي سگهي ٿي، پر هتي آئون صرف آمريءَ جي قبرستان جو ذڪر ڪندس، جيڪو تعلقي ڏگهڙي جي شهر ٽنڊو جان محمد جي لڳ قديمي ۽ تاريخي وهڪري 'پراڻ درياهہ' جي اوڀر ڪنڌي ديهہ بالو جا ڪنب ۾ موجود آهي، هن جي صحيح ايراضي جي خبر نٿي پوي، پر هن وقت بہ هڪ بلاڪ جي ايراضي ڪان مٿي نظر اچي ٿو، هن قبرستان ۾ ڪيترن قبن جا آثار موجود آهن، جن مان هڪ شمن فقير ڪلوئي وارو قبو ڊهڻ واري صورت ۾ اجان ڪر ڪنيو بيٺو آهي، جڏهن تہ ننڍي جڪري وارو قبو ڊهي ويو آهي جنهن جي بنياد جون سِرون اجان بہ نظر اچن پيون. ميهار فقير نهڙي وارو قبو بہ ڊهي ريو آهي، جنهن جا نشان ظاهر آهن، ان جي قبي سان گڏ ڪنهن ٻئي درويش جو بہ قبو آهي، جنهن جا نشان بہ ظاهر آهن، هن ئي قبرستان ۾ سلطان محمود غزنوي جي سپاهين جون اجتماعي قبرون آهن، جڏهن سلطان محمود غزنوي سومناٿ فتح ڪري صحراءِ ٿر وارو رستو ڏيئي نئون ڪوٽ واري علائقي وٽ پهتو تہ سندس سپاهہ، مال ۽ ماڻهو اُڃ ۽ ٻُڪن جي ڪري بيمارين ۾ مبتلا ٿي ويا. سلطان محمود غزنوي ڪجهہ وقت هاڪڙي ۽ پراڻ جي ڪنارن تي ترسيو ۽ سندس سپاهہ اتي آرام ڪيو، هن جا جيڪي سپاهي فوت ٿي ويا انهن جي تدفين اجتماعي، قبرن جي صورت ۾ آمري جي قبرستان ۾ ٿي. انهن جا نشان اجان موجود آهن(1).

آمري جي قبرستان تي 'آمري' جو نالو تڏهن پيو جڏهن ستين صدي عيسوي ۾ حضرت غوث بهاءُالحق زڪريا رحہ دين جي تبليغ خاطر سنڌ ۾ آيو هو. پاڻ آمري واري هنڌ ڪجهہ ڏينهن دين جي تبليغ ۽ ماڻهن جي تربيت بہ ڪيائون ۽ هڪ آمريءَ جو وڻ بہ پوکيائون. جنهن کي ٻين لفظن ۾ گدامڙيءَ جو وڻ چيو ويندو آهي. اها جاءِ اڳ ۾ 'سمن ۽ صالحن' جي نالي سان سڏبي هئي "يعني نيڪ ماڻهن جي رهڻ جي جاءِ" روايتن موجب هن جاءِ تي غوث بهاءُالحق رحہ چلو پڻ ڪڍيو هو. وقت گذرڻ ڪان پوءِ آمريءَ جو وڻ وڏو ٿيو ۽ مقامي ماڻهن ماڻهو دفنائڻ شروع ڪيا ۽ آمريءَ جو قبرستان سڏجڻ شروع ٿيو.(2)

هن قبرستان ۾ شهيد عبدالرحيم گرهوڙي آمري وارو جيڪو وڻ وڍيو هو ان بابت روايت هن ريت آهي تہ غوث پاڪ جيڪو آمري وارو وڻ پوکيو

هو تنهن جا ﺑہ ٽُڙ ٽيا ﺑيئي ٽڙ اهڙي نموني سان ڳنڍاڻا جو هڪ دري نما شڪل اختيار ڪري ويا، چون ٿا تہ هڪ جادوگر اتي اچي رهيو، جيڪو ماڻهن کي انهي دريءَ واري وڻ مان لنگهائي حرامي ۽ حلالي جي پرک جو ڍونگ ڪندو هو، ماڻهو انهيءَ دريءَ مان نفسياتي دٻاءُ سبب نہ لنگهيندا هئا بلڪ انهي دريءَ ۾ جهجهو نذرانو رکي ڇڏيندا هئا، جيڪو سڀ انهيءَ جادوگر جي ملڪيت هوندو هو. اهو سلسلو ڪافي وقت جاري رهيو ۽ مُلڪين ڳالهہ پکڙجي ويئي، ملڪن جا ماڻهو اچڻ لڳا ۽ اتي ميلو لڳڻ شروع ٿي ويو. پراڻ جي پٽن تي رهندڙ ماڻهن کي اها ڳالهہ نہ وڻي ۽ هڪ ٽولي جي شڪل ۾ ان وقت جي عالم مخدوم محمد هاشم ٺٽوي کي وڃي سڄي ماجرا ٻڌايائون، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي فرمايو تہ اهو پاسو عبدالرحيم گرهوڙي جو آهي ۽ اهو ڪم انهي تي ٿا رکون. روايت موجب مخدوم صاحب هڪ خط لکي مخدوم عبدالرحيم گرهوڙيءَ ڏي موڪليو، تنهن کان پوءِ گرهوڙي صاحب آمري واري هنڌ پهچي هڪ ٽُڙ کي وڍيو تہ ان مان هڪ نانگ نڪتو جنهن کي ٺڏي تي ٺي ماري وڌائين ۽ ٻئي ٽڙ وڍڻ کان پوءِ ٻيو نانگ نڪري وٺي ڀڳو جنهن کي گرهوڙي صاحب پراڻ جي ٻئي ڪپ تي وڃي پاڻ ماريائين. ان جاءِ کي اڄ بہ ماڻهو گرهوڙي واري زمين سڏيندا آهن، ان کان پوءِ آمري وارو اهو جادوگري وارو ميلو ختم ٿي ويو ۽ انهيءَ بدعت جو بنياد نہ رهيو(3).

حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي (رح) پراڻ درياهہ جي پٽن تي سير سفر ڪندي اوليائن، درويشن سان روح رهاڻيون ڪندي سماواتي درويشن ۽ پيرن تي ٿُل پڙهندي جڏهن آمري واري هنڌ پهتو تڏهن پراڻ کي مخاطب ٿيندي چيائين تہ:

جهوني تون پراڻ، جڳ ڄڻيهہ سنپرين،
تو ڪي ڏٺا هاڻ، لاکي جهڙا ڀيڙا!

ڀٽائي گهوٽ جيڪا پراڻ کان ڳالهہ پڇڻ ٿو چاهي اها ڳالهہ هن ريت آهي تہ لاکو ڦلاڻي هن پراڻ واري گهيڙ کان ڄاڄين سميت اچي ٽپيو هو، لاکو ڦلاڻي ڪڇ جو رهاڪو هو وڏو سخي ڏاتار هو، ظالمن کان مال کسي غريب مسڪينن ۾ ورهائي ڇڏيندو هو، جڏهن لاکو سردار مهر راڻي پرڻجڻ کان پوءِ انهي پراڻ واري گهيڙ کان ٽپيو تڏهن ڄاڄين جا ڪپڙا پُسي پيا جن کي سڪائڻ لاءِ وڻن تي ٽنگي ڇڏيائون، ڪجهہ دير کان پوءِ جڏهن پسيل ڪپڙا وري ڄاڄين وڻن تان ٿي لاٿا تہ ڪين لاکي منع ڪئي ۽ چيائين تہ اهي ڪپڙا پراڻ جي پٽن جي وڻن کي اسان جي طرفان اوڍاڻيون آهن. ٻئي بيت جي جواب ۾ پراڻ جي پاران شاهہ صاحب وري پاڻ ئي جواب ٿو ڏي:

لاکا لکين آئيا، انڙ ڪروڙيون اٺ،
هيم هيڙائوَ هيڪڙو آيو هو مون وٽ.

هتي شاهہ سائين جيڪا هيم واري ڳالهہ ٿو ڪري، هيم جي لفظي معنيٰ ٿي سون آهي، سون جو واپاري سيف الملوڪ جڏهن پنهنجي زال بديع الجمال سان گڏ هن آمري واري هنڌ پهتو ۽ تڏهن لاکي ڦلاڻي واري وڻن جي اوڍاڻي واري ڳالهہ ٻڌائين تہ اتي پاڻ هيڙا بيهاري وڻن کي ننڍا ننڍا زيور پارايائين، ڪتاب 'تحفتہ الڪرام' ۾ مير علي شير قانع لکي ٿو تہ سنڌ ۾ دلوراءِ بادشاهہ جي حڪومت هئي ۽ هو وڏو ظالم بادشاهہ هو، سندس فطرت هوندي هئي تہ ڪوبہ مسافر سندس حد اندران ٽپيندو هو تہ هو سندس اڌ ملڪيت کسي وٺندو هو، ۽ جيڪڏهن ڪا خوبصورت عورت ڏسندو هو تہ اها بہ کسي وٺندو هو، سيف الملوڪ ۽ بديع الجمال حج جي نيت سان وڃي رهيا هئا، دلوراءِ بادشاهہ کي خبر پئجي ويئي، تنهن سندن گهيرو تنگ ڪيو. قدرتي اروڙ واري بند کان درياءُ ڦاٽ ڪاڏو ۽ پراڻ جي رستي هي صحيح سلامت بچي نڪري آيو، سيف الملوڪ ۽ بديع الجمال جون قبرون ننڍي ڍير جي لڳ، منترن جي پڙي جي سامهون پراڻ جي ڪنڌي تي اڄ بہ موجود آهن(4).

تون ابل سندي آمري ڪي تون لاکي سندي لال.
(شاهہ)

شاهہ صاحب جي منڪوره بيت ۾ سنڌ جي ٽن تاريخي ڪردارن ڏانهن اشارو آهن، جن مان ٻن جو ذڪر ڪري آياسين ۽ ٽيون ڪردار آهي ابل سومرو.

ابل سومرو يارهين صدي جو سردار هو، جنهن جي ڪوٽ جا ڪنبر ٽنبوالهيار شهر جي اُتر ۾



پراڻ درياهہ جو دلڪش نظارو (اوير ڪناري آمري جي قبرستان جا وڻ نظر اچي رهيا آهن).



لاڪي جو گهيڙ- (پراڻ- آمري جو قبرستان)



جکرو ننڍو- جو مقبرو (آمري جي قبرستان ۾) هي روايت موجب هي پوءِ جي دور جي بزرگ شمن فقير ڪلوئي جو مقبرو آهي، ۽ جکري ننڍو جو اڳاٽي دور جو مقبرو ڍهي دڙي جي شڪل ۾ تبديل ٿي ويو.



ماموين جو ڊير- (آمري قبرستان)



ميهار فقير جي ڊٺل مقبري جا آثار (آمري جو قبرستان)



ميهار فقير نهڙي جي مقبري جو ڊٺل دڙو (آمري جو قبرستان)

**(7) ارٽ ۽ صراف:**

"ارٽ" اولائي پانهيون، منجهان وجهج مال،
ڦيرج گهڻو فکر سان، "صادق" منجهہ سنڀال،
کتي کج کمال، تہ سڄي "صرافن" ۾

**(8) ڏيج:**

توکان ئي توکي مڱان، پيو صادق "ڏيج" مَ ڏي.

**(9) اوسر:**

سڄڻ جنهن وڇوڙيا، تنهن اوسر پنا ڏينهڙا.

**(10) دنبوري جي تارن جو ذڪر:**

ٽيپ ٽوڙڻ، "گهور" گهورڻ، چني جاڙين جي جهات.

**(11) راڻو:**

ڏنگي ٻڌ مَ پڳڙي، ٻدامن پاڙي،
'راڻو' روئاڙي، اينئن پانڌ اڇيليا.

انهيءَ کان علاوه "گهاندار" جي شڪار جو ذڪر پٽائي بعد صرف صوفي صاحب وٽ ئي مون پڙهيو آهي، هن شڪار جو تفصيل مرحوم شيخ محمد سومار پنهنجي ڪتاب 'لطيف جا لاڙ تان پيرا' ۾ ڏنو آهي.

**واقع نگاري:**

فقير صاحب جي ڪلام ۾ مستند واقع نگاري جو بہ ڪمال آهي. "ڪيڏارو" تہ صوفي صاحب جو سچو آهي واقع نگاري جو اعليٰ دليل مگر ٻين سرن ۾ بہ پاڻ واقعات جي تصوير واهہ جي چٽي اٿن.

مومل راڻي جي داستان ۾ همير سومري ۽ سندس سائين جو "ڳموريءَ" جي ڍنڍ تي شڪار ڪندي هڪ جوڳي ويس شهزادي سان ملڻ ۽ مومل جي تعريف ٻڌي اتان کان ئي 'ڪاڪ' روانو ٿيڻ اڪاٽيءَ جو اهم واقعو آهي، ڏسو تہ فقير صاحب انهيءَ واقعي جو منظر ڪيئن نڪاريو آهي تہ:

ڪو جو گڏين ڪاپڙي، گيڙو سان گلزار،
تنهن موچاري مومل جا، پيهي ڏنا پار،
گهوڙا گهوٽ سوار، ڪاهي آيا ڪاڪ تي.

**تاريخ ۽ جاگرافي:**

حضرت صديق محمد صادق پنهنجي ڪلام ۾ تاريخ جو بہ وڏو سرمايو سمائي ويو آهي. پٽ ڌڻي جا ڳايل ست سورهيہ ۽ ڏهہ ڏاتار سندن ٽن سرن بلاول، ڌهر ۽ ڏناسري جو موضوع آهن. انهيءَ کان علاوه پنهنجي دؤر جي اهم شخصيت، اوليا الله ۽ صوفي صاحب جي مرشد حضرت فضل الله شاه قلندر جو ذڪر تہ سندن شاعريءَ جو محور آهي. انهيءَ سان گڏ "راول فقير" جيڪو پٽائي جو يار هو ان جو ذڪر پٽائي کان علاوه فقير صاحب جي ڪلام ۾ پڻ آهي. مثال طور:

جوڳي هِن جُوءِ ۾، "راول" رهي نہ راڄ.

صوفي صاحب "ميران پور" کان علاوه سنڌ جي ڪيترن ئي ٻين تاريخي ماڳن ۽ شخصيتن جو پڻ ذڪر ڪيو آهي، جيئن:

**(1) ٻدام ۽ لاکو:**

ڪاڇي ۾ ڪوڪ ٿي، پريو ٻداما،
ادا آن وتان، لاکو ٿو لوڙهيون ڪري.

**(2) ڍورو (اپرندو هاڪڙو):**

"ڍوري" اندر ڍور، سڃا چرن 'صديق' چئي.

**(3) ڄام راهو ۽ جکرو هوٿياڻي:**

ڳنگا جر جي ڳام ۾، جي ٻري ٻهتا پير،
تن سدا گونرن گير، ٿي "راهوءَ" رات بخشيا.

—

لکين وهن واهڙا، جيئن اُڏميو اوڙاهہ،
سيني سرو چڪائيو، تو پيئي شاهہ گدا،
"راهوءَ" جي رهاڻ ۾، نڪو ڍپ نہ ڊاءُ،
"هوٿياڻيءَ" هٿان، ورهہ بہ اڇن وائيا.

**(4) سپڙ ڄام ٿياڻي:**

ڪلهي پائي ڪينرو، ڏور مَ ڏيهہ ٻيو،
ڪين لهندين مڱڻا، سپڙ ڄام جهو،
خالي ڪونہ ٿيو، جي رونجهاڻيءَ رسيا.

—

سامهون سپڙ ڄام جي، اوڏو ويهي اور.

**(5) جهونجهار:**

"جهونجارڪي" ذات جو، جان پير پروڙيو مون.

**(6) شادي خان ڪوسو:**

"شادي" مٿو سڪ ٿيو، سرها ٿيا سنگهار.

**(7) انگريزن جي آمد:**

"پورا اچي پيل، ساري سنڌ 'صديق' چئي.

**(8) لغاري سردار:**

لڏ مَ 'لغاري' خوش مَ ٿي تون خام.

ڪيترو پنڌ ٿا ڪن. آيا هڪ سچو طالب دنياوي معاملن تائين هلي ٿو يا لفظن جي سهڻائپ ۽ جادوگريءَ کان اڳتي طلب جون تندون تنواري ٿو.

صوفي صاحب عام فهم زبان ۾ عام گس کان شروعات ڪري ٿو، اڳتي هلندي هُو انهن ساڳين عام فهم لفظن کي تصوف جي اصطلاحات ۾ شامل ڪري ٿو.

پنهنجي شاعريءَ جي شاعرانه روح جي تڪميل وري هُو موسيقي جي مدد سان ڪري ٿو، صوفي صاحب جي راڳنامي جو ته اجان مطالعو ئي ڪونه ٿيو آهي، نج سنڌي راڳن تي مشتمل هن راڳنامي جا مَٽَ اجان اپٽيا ئي ناهن، جڏهن هنن موضوعن ڏانهن وڌبو ته هن معتبر صوفيءَ جي صوفيانه قلبت جو احساس وڌيڪ محسوس ٿيندو.

هن سائنسي دؤر ۾، سائنسي طرز سان ئي شين جي وضاحت ڪرڻ گهرجي، اها وضاحت جنهن جي هر ڪنهن دعويٰ پٺيان دليل آهي، اها وضاحت ئي هن دور ۾ بلڪ هر دؤر ۾ قابلِ قبول آهي. انهي ڪري هن اهلِ الله صوفي بزرگ تي جيڪا نه ٿيل ڪم جي تشنگي آهي انهيءَ کي پوري ڪرڻ جو وقت اَج آهي ۽ بقول صوفي صاحب جي 'اَج' کي 'سيان' نه ڪرڻ گهرجي.

جيڪي آهي اڄ، سُيان ناهه 'صديق' چئي،
واڄي وانگر وڄ، مٽي کي مرلي ڪري.

**وڌيڪ مطالعي ۽ حوالن لاءِ هيٺيان ڪتاب ڏسڻ گهرجن:**

1. **راڳنامو، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز.**
2. **جيڪي آهي اڄ، مرتب: اسد 'جمال' پلي، ٻارڙا پبلڪيشن، عمرڪوٽ**
3. **جانب آيو جوءِ ۾، مرتب: محمد ايوب 'شاد' ۽ محمد انور، سرپرست: عبدالمجيد ماجد اهروي.**
4. **وڙهيا، واڳيا، واپريا، مصنف: راڄ محمد پلي، مرتب: اسد جمال پلي.**
5. **رسالو صوفي صادق رحہ قلمي، مرتب: اسد جمال پلي.**

*

## - نئون ڪتاب




**ڪتاب:** علامه آءِ.آءِ قاضي

شخصيت ۽ حياتيءَ جو احوال

**ليکڪ:** مدد علي سنڌي

**ڇاپو پهريون:** اپريل 2021ع

**قيمت:** 1400/- رپيا

**ڇپيندڙ:** ڪاڇو پبليڪيشن ڪراچي

**ڇپائيندڙ:** ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ ڪراچي

ڪاري چاڻ ۾ هڪ ڊوري جو نالو آهي. ان کي "پوپٽ وارو يا چتونءِ وارو ڊورو چيو وڃي ٿو. ۽ جيستائين تعلق آهي "پير تي" چتونءِ جي قرباني جو ته اهو به سچ آهي. جو هاڻ نه ته پر ڪجهه عرصو اڳ به اتان جا ماڻهو ائين ڪندا هئا. هِتان جي درگاهن جي مالارين اندر ڪپڙي جا چتون ٺهيل انهن ۾ اڳڙين جو ڪُٽ يا ڪپهه پري ڏاڍي خوبصورت انداز ۾ انهن تي پرت پري ٽنگي ڇڏيندا هئا.

هو صاحب پنهنجي تحرير ڪي چتونءِ جي قربانيءِ واري قصي کي اڳتي وڌائيندي بيان ٿو ڪري ته: سنڌ ۾ طوطن يا چتن جي قربانيءِ جو رواج نڪي هندن نڪي مسلمانن ۾ آهي. ڪولن ۽ سنٿالن بابت عالم چون ٿا ته اهي آسٽريليا طرفان چين ولايت واري واٽ وٺي آيا هئا. آسٽريليا ۾ ٻِڪ ڪيڻ ۽ ٻلين چاڙهڻ جو رواج نڪي اڳي هو. نڪي هاڻي آهي. انهيءَ ساڳيءَ ڪتاب (بمبئي سرڪار واري دفتر) ۾ ڄاڻايل آهي، ته اهو رواج چين ولايت ۾ آهي. جنهن صورت ۾ ڪولن ۽ سنٿالن بابت عالم چون ٿا ته اهي چين ولايت واري واٽ وٺي، هندوستان آيا هئا، تنهن صورت ۾ ائين وسهڻ لاءِ سبب ٺهي ٿو ته اهو چتن جي قربانيءِ جو رواج انهن لوڪن چين ولايت کان ايندي ڏٺو هو، جو سنڌ ۾ چالو ڪيائون ۽ سنڌن اولاد پوءِ به هلائيندو پئي آيو." (30)

چتن (طوطن) جي قربانيءِ جو رواج ته هن وقت ته اسان جي علائقي ۾ ليپي ڪونه ٿو. پر ايترو ضرور مشاهدي آڌار چئي سگهون ٿا ته اڄ به اسان جي سموري لاڙ جي علائقي ۾ طوطا: باس ۽ ٻِڪ طور ٺاهي هتان جا ڪول، پيل ۽ سامي پنهنجي پيرَ جي درگاهه تي ڪپڙي مان ٺاهي رکندا آهن. اهڙو ذاتي مشاهدو راقم خود وڃي ڪيو آهي. (31)

**پاتال جي اهميت ۽ افاديت:**

ڪاڪو پيرومل پنهنجي تصنيف: "قديم سنڌ" ۾ "پاتال" بابت رقم طراز آهي: "سنڌ ۾ آرين مان هڪڙا سورج ونسي ٻيا چندر ونسي هئا. سورج ونسي گهراڻي مان پهريون راجا اِڪشواڪوڪل هو. سنڌ جو واسطو ٻنهي گهراڻن وارن سان آهي. هتي اول ايترو ڄاڻائجي ٿو ته: سورجونسي گهراڻي وارا: جن مان منڪوره راجا اڪشواڪوڪل کان گهڻو گهڻو پوءِ راجا دسرٿ ۽ سري رام چندر پيدا ٿيا، سي قديم زماني ۾ سنڌ ۾ به هئا. انهيءَ ڳالهه جو پتو هن ريت پيو آهي."

نهايت قديم زماني ۾ سنڌ ۾ "پاتال" نالي هڪ ناميارو بندر هو، جو پُراڻن ۾ ذڪر آهي. عيسوي سَن کان سوا ٽي سؤ ڪن ورهه اڳي سڪندر اعظم جي وقت به اهو بندر مُکيه هو، تنهنڪري يوناني تاريخ نويسن به ان جو ذڪر ڪيو آهي، ۽ نالو به ساڳيو 'پاتال' بندر ڄاڻايو اٿن. ان بابت جيڪي ڏس ڏنا اٿن، تن مان صفا ظاهر آهي ته اهو بندر ڪراچي ضلعي (۽ موجوده وقت ۾ پهريائين ٺٽي ۽ پوءِ سجاول ضلعي) واري لاڙ ۾ هو، جتان سنڌو ندي ٻه وڏيون شاخون ٿي وهندي هئي. اها ٻه درياهي اڄ تائين گهوڙاٻاري تعلقي ۾ آهي جتان هڪ شاخ ڪيٽي بندر ۽ ٻي شاهبندر ڏي وڃي ٿي؛ پر اڳي سمنڊ گهڻو اور پرو هو، تنهن ڪري پاتال بندر به ضرور گهوڙاٻاريءَ کان اوريرو يعني طرف يا اڃا به شاهه ڪپور طرف سمجهبو، جتان اڳي دريا وهندو هو ميجر جنرل هيگ پنهنجي ڪتاب 'انڊس ڊيلٽا ڪنٽري' جي صفحي 20 ۾ (۽ سنڌي ترجمي واري ڪتاب جو صفحو 38) انهيءَ پاتال بندر جي ذڪر ڪندي ڄاڻايو آهي ته ٺيٽ مان هڪ ڏند ڪٿا ملي آهي، جنهن مان سمجهجي ٿو ته اڪشسوا ڪوڪل وارا (سورج ونسي) انهيءَ پاتال بندر ۾ رهندا هئا، ۽ آريه لوڪن جون سڀ کان اڳاٽيون بيڙيون سمنڊ جي پر ۾ هيون. مطلب ته سري رامچندر جا اَبا ڏاڏا ڪنهن وقت سنڌ ۾ به هئا. (32)

هوڏانهن وري جنرل هيگ هن شهر بابت پنهنجو رايو ڪجهه هن طرح لکي ٿو ته:

"يونان وارن جنهن شهر کي "پٽالا" جي نالي سان سڏيو آهي تنهن جي صحيح نالي ڏانهن به اشارا ڪيا ويا آهن مون کي سمجهه ائين اچي ٿو ته ٺيٽ ۾ موجود هڪ روايت هن منجهيل ملمري کي سموهي ۽ سهيڙي ڇڏيو آهي. 'ڪسومادي ڪوروس' نالي هن ڏاهي ماڻهوءَ پٽالا بابت هن ريت لکيو آهي."

پوٽالا يا پوٽالا ڪارگرو دسين يا ولگو ڪُرود سين. (بيڙين جو هنڌ بندر يا بهشت) سنڌو درياءَ جي چوڙ

انهيءَ سان گڏ هن صاحب وري مڪ ڪرنڊل، اليگزينڊر، ص 160 جو حوالو پڻ ڏنو آهي.

(14) ڏسو: ايم.ايڇ. پنهور صاحب 'پيرائتي سنڌ ڪٿا'، ص 97، پڻ ڏسو: ايڇ.ٽي لئمبرڪ سنڌ هڪ عام جائزو. ص 202.

(15) ايڇ.ٽي لئمبرڪ جو ڪتاب: 'آڳاٽي سنڌ'، ص 194 ۽ ص، 195.

(16) ايڇ.ٽي لئمبرڪ، 'سنڌ هڪ علم جائزو'، ص 95، بحوالہ؛ بلانفورڊ جي ڪتاب؛ الهندي سنڌ جي ارضيات؛ ص، 168.

(17) ڏسو: 'پيرائتي سنڌ ڪٿا'، از: ايم.ايڇ.پنهور ص 98، بحوالہ؛ مڪ ڪرنڊل ص 316 ۽ ص 326

(18) ڏسو: 'آڳاٽي سنڌ'، از: ايڇ.ٽي لئمبرڪ- ص 196.

(19) ڏسو: 'پيرائتي سنڌ ڪٿا'، از: ايم.ايڇ. پنهور ص 98 بحوالہ: اسٽرابو، الا، باب 11، ص 1 ۽ نارائڻ؛ ص 122، ص 181 ۽ ص 178، نوٽ: ايجسيٽن سمنڊ، يونان سمنڊ جو حصو آهي،، اهو يونان ۽ اناطوليہ جي وچ تي آهي. اهو سمنڊ مارمره ۽ بوسيپورس سمنڊ جي اترئين پاسي واقع آهي. دهوڊس ۽ ڪريٽ جا وڏا ٻيٽ هن سمنڊ جي ڏکڻ ۾ آهن.

(20) ڏسو: 'پيرائتي سنڌ ڪٿا'، از: ايم.ايڇ پنهور صاحب ص 98. بحوالہ نارائڻ، انبو. گريڪس، ص 123، ص 181 ۽ پڻ ڏسو: ايڇ. ٽي لئمبرڪ، آڳاٽي سنڌ، ص 166-167

(21) ڏسو: 'پيرائتي سنڌ ڪٿا'، ايم.ايڇ.پنهور صاحب. ص 98 بحوالہ؛ ديو درس مڪ ڪرنڊل، ص 296، انهيءَ صاحب وري، پٽالا کي ٺٽو ٺٽالا، ڪري سڏيو آهي.

(22) ڏسو: 'پيرائتي سنڌ ڪٿا'، از: ايم.ايڇ.پنهور صاحب ص 27، بحوالہ: مڪ ڪرنڊل، اليگزينڊر، ص 161 ۽ ص 165 ۽ ارلي هسٽري آف انڊيا. ص 119.

(23) ڏسو: 'قديم سنڌ' از: ڪاڪو ڀيرومل مهرچند آڏواڻي، ص 180 ۽ 181.

(24) ڏسو: 'پيرائتي سنڌ ڪٿا'، از. ايم. ايڇ. پنهور صاحب. ص 28، بحوالہ: اسٽرابو، xi، ب 11 ص 1 ۽ نارائڻ، ص 122، ص 181 ۽ 178.

(25) 'پيرائتي سنڌ ڪٿا'، از: ايم.ايڇ.پنهور، ص 98.

(26) ڏسو: 'آڳاٽي سنڌ'، از: لئمبرڪ، ص 204، ص 206

(27) ڏسو: 'سنڌ آڳاٽي زماني ۾'، از: لئمبرڪ، ص 206، ص 207.

(28) ڏسو: 'پيرائتي سنڌ ڪٿا'، از: ايم.ايڇ.پنهور صاحب، ص 98.

(29) ڏسو: 'قديم سنڌ'، از: ڀيرومل مهرچند آڏواڻي ص 65. ص، 64.

(30) ڏسو: ص 65.

(31) ڪولن مان تازو مسلمان ٿيل؛ چاچا نذير احمد شيخ صاحب ورتل روبرو انٽرويو ۽ درگار راڄسين سومرائي رح جي خليفي ۽ مجاور نوجوان؛ ميان احمد ڪٽي (چنچره واحدائيءَ کان ورتل احوال: واضح رهي هن درگاهہ جا ڪول، ڀيل ۽ سنٿيال وغيره ڪافي عقيدتمند آهن. راقم خود آهي چتون (طوطا) جيڪي ڪپڙي جا ٺهيل هئا. ڏنا هئا جيڪي پنهنجي مراد طور اهي اُتي درگاه جي مالاريءَ ۾ ٽنگي ويا هئا (راقم)

(32) ڏسو: 'قديم سنڌ'، از: ڀيرومل ص 179-180.

(33) ڏسو: 'چوڙ وارو علائقو'، از: جنرل هيگ ترجمہ عطا محمد ڀنڀرو، ص 38، 39 ۽ 40.

(34) ڏسو: حوالو ساڳيو: ص 40.

(35) ڏسو: حوالو ساڳيو: ص 238

(36) اهو شعر جو ٽڪرو مرحوم و مغفور جناب عزيز جعفرائي صاحب جو آهي. جيڪو پاڻ 28 فيبروري 1982ع تي چيو هئائون (راقم)

(37) ڏسو: 'چوڙ وارو علائقو'، از: جنرل هيگ. ترجمہ عطاء محمد ڀنڀرو، ص 38-39

(38) ڏسو: ص 48.

(39) ڏسو: ص 49.

(40) ڏسو: ص 50 ، ص 51

(41) ڏسو! - - - - - ص 52، ص 51.



مطابق دهلي ۽ ديوبند جو سفر ڪيائون، جيڪو ان وقت اعليٰ تعليم جي حصول جو سڀ کان وڏو مرڪز هو. 1970ع کان پهريائين يا ان کان پوءِ به لوهان سنڌ جي اعليٰ آفيسرن جي نالن کي ياد ڪندا ته گهڻي حد تائين انهن جا والد دارالعلوم ديوبند جا عالم ۽ فارغ التحصيل هئا، انهن پنهنجن پٽن کي جديد تعليم سان وقت جي ضرورت مطابق آراسته پيراسته ڪيو ۽ هو اڳتي هلي اعليٰ ايماندار آفيسر بڻيا، سفارشي ڪلچر 1970ع کان پوءِ ايو جو ته اٺويهه صديءَ جي شروعات ۾ اعليٰ تعليم جا مرڪز ٻئي برصغير ۾ به هئا، عليڳڙهه ۽ ديوبند مولانا عبدالغفور سيتائي کي ٻن عظيم ادارن يعني پلٽ ۽ ديوبند جو فيض مليو، هتي آئون ان وسريل باب جو به ضرور ذڪر ڪندس، جنهن مولانا عبدالغفور سيتائي جي زندگيءَ تي تمام وڏو اثر ڪيو، اُهو سندن مامون آهي، جو هڪ متقي پرهيزگار عالم اديب مولانا محمد صديق سولنگي رحہ مولانا غلام صديق شهدادڪوٽيءَ کان علاوه مولانا حسن الله پاٽائيءَ جي اوائلي شاگردن مان هو نه صرف سيتا ۽ آسپاس جي ڪچي جي علائقن ۾ اڄ ڏينهن تائين سندس علمي ۽ روحاني حلقن جو وڏي احترام سان تذڪرو هلي ٿو، پاڻ سيتا جي بالڪل پلسي ۾ سندن آبائي ڳوٺ آهي جتي ان زماني ۾ هڪ وڏو مدرسو قائم ڪيائون، جنهن جا آثار اڄ تائين ان ڳوٺ ۾ موجود آهن، تازو منهنجو دوست محترم مختيار احمد مرڪيو جي والد مرحوم وڏيرو عبدالحميد مرڪيو جي تدفين ۾ وڃڻ ٿيو، جتي مختيار احمد جي رسم دستاربندي به ٿي. اهي سولنگي مختيار احمد مرڪيو جا ناناڻا به آهن. سمورو قبرستان سولنگي برادريءَ جو آهي جن کي اڄ ڏينهن تائين اتي جا ماڻهو مولوي جي لقب سان ياد ڪندا آهن، ۽ ڪين ڪارا مولوي سڏيندا آهن. فاتحہ خوانيءَ کان پوءِ صرف هڪ قبر تي پيڳل ڪتبو جنهن کي پڙهڻ جي ڪوشش ڪيم ته لکيل هو مولانا محمد صديق سولنگي جنهن جو تذڪرو ۽ تعارف کان آئون واقف هئس، مولانا دين محمد وفائي ۽ ڊاڪٽر جمن ٽالپر به سندس علم ۽ تقويٰ ۽ ديني خدمتن جو تذڪرو ڪيو آهي، مون ڪوشش ڪري مولانا محمد صديق سولنگي رحہ جي قبر جو ڪتبو ۽ فوٽو محفوظ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جيئن ته اڄ جي نوجوان کي هن سولنگي برادري جي عظيم عالمن ۽ محققن جي خدمتن جي خبر پئجي سگهي. هتي اهو لکڻ ضروري ٿو سمجهان ته مولانا محمد صديق رحہ جو سيتا جي ان ڳوٺ ۾ وڏو مدرسو هو، جنهن جا آثار موجود آهن، سندس وفات کان پوءِ اهو مدرسو سندس لائق شاگرد مولانا محمد قاسم ملاح رحہ سنڀاليو جيڪو پروفيسر ڊاڪٽر عرفانه ملاح جو ڏاڏو هو.

هتي هي چند سٽون تاريخ جي حوالي سان لکڻ ضروري ٿو سمجهان ته مولانا محمد صديق سولنگي مرحوم لنواريءَ وارن بزرگن جو خانداني مريد هو، جن ڏينهن ۾ لنواريءَ جي حوالي سان انگريز سرڪار جي منافقانه پاليسيءَ سبب مذهبي اختلاف ۽ تحريڪ جي ابتدا ٿي ته مولانا محمد صديق پنهنجي هن پاڻيجي عالم مولانا عبدالغفور سيتائي کي گڏ وٺي ويو ته جيئن هو اُتي ڏسي سگهن ته زميني حقائق ڇا آهن.

سندس پاڻيج مولانا عبدالغفور سيتائي مرحوم لنواري وڃي اهو سمورو معاملو اکين سان ڏٺو، جنهن جو احوال 10- اپريل 1934ع ۾ 'بيداري' شماري ۾ ڇپيو، پاڻ اهو مضمون ۽ لنواريءَ جو دورو مولانا خير محمد نظاماڻي ان تي هڪ اداريو به لکيو جنهن تي لبرٽي بوٽ هائوس جي مالڪ ڪورٽ ۾ مقدمو داخل ڪيو ۽ مولانا خير محمد نظاماڻي گرفتار ٿيو، جيڪو بعد ۾ آزاد ٿيو، انهيءَ ساڳئي دور ۾ تحريڪ جي ڏينهن ۾ مولانا حاجي احمد ملاح مدرسہ انوارالعلوم بدين محلہ غريب آباد ۾ کوليو جنهن ۾ مولانا عبدالغفور سيتائي مدرس ٿي رهيو، اهو سندس جوانيءَ وارو زمانو هو.

اسين مولانا محمد صديق سولنگيءَ جي تربت تي فاتح پڙهي واپسيءَ ۾ اچي وڏيري حاجي

آخري بزرگ حسن الله پاٽائي جون علمي خدمتون سامهون ڦري رهيون آهن، خاص طور تي ان علائقي جي ان عظيم شخصيت جنهن جي ڪردار، علم تقويٰ ۽ خدمتن کان نئون نسل اڃان بي خبر آهي، جتي مولانا محمد صديق سولنگي مرحوم محو خواب آهن، تربت مان ائين پيو لڳو ته سالن کان ڪو هن قبر تي فاتحه پڙهڻ به نه آيو آهي، ۽نه ئي اڄ جي ليکڪن کي ان جي ڪا ضرورت آهي، بقول شاه صاحب:

نڪو اير نه پير، نڪو اوٺي آيو،
مون وٺ آيو ڪينڪي پائران پري پير،
ڪتابتون ڪري آٽي ڏيندم ان ڏيه جون.



مولانا محمد صديق سولنگي جي تربت جو ڪتبو

مولانا عبدالغفور سيتائي مرحوم 24- مئي 1981ع تي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري وڃي هميشه لاءِ ابدي دنيا ۾ آرامي ٿيا، حسن اتفاق سان مولانا عبدالغفور مرحوم جي ولادت بروز ڇنڇر تي ۽ وفات به بروز ڇنڇر ٿي. سندن وفات حيدرآباد ۾ ٿي، سندس آخري آرامگاهه ڳوٺ مريد لاکير قبرستان علي مرتضيٰ شاهه ۾ آهي. آخر ۾ آئون سندس پوين جي خدمت ۾ اهو عرض ضرور لکندس ته هو مولانا مرحوم جي حيات، خدمات خاص طور تي تحريڪِ آزادي جي حوالي سان سندس ڪم تي ڪو ڪتاب شايع ڪن ته جيئن نئون نسل سندن ذات کان واقف ٿي پنهنجي لاءِ ڪا راهه متعين ڪري سگهي.

## مددي ڪتاب:


1- جوڳيئڙا جهان ۾، محمد امين مگسي، دادو.
2- سنڌ جا اسلامي درسگاهه، محمد جمن ٽالپر.
3- سنڌي انسائيڪلوپيڊيا، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد.
4- ذاتي مشاهدو ۽ ملاقاتون ڳوٺ ٻچو واهڻ/سيتا
5- روزانه ايڪسپريس، (اردو) ايڊيٽر: سردار قريشي، 30- نومبر 2016ع، ڪراچي اداره
6- مهان ماڻهو ميهڙ جا، مولانا اعجاز علي سومرو، ميهڙ.
7- حاجي احمد ملاح جون ديني خدمتون، ص 83، 2000ع، ليکڪ: ڊاڪٽر اسماعيل ميمڻ.
8- خانداني روايتون، رجب آزاد سولنگي، استاد هاءِ اسڪول دادو.

غزل کي شاعريءَ جي وڏ ۾ وڏ لطيف ۽ نفيس صنف سمجهيو ويندو آهي ۽ حسن ۽ عشق جي وارداتن جي ترجماني ڪندڙ صنف سڏيو ويندو آهي. غزل گو شاعر جي ڪلام ۾ هڪ خاص قسم جي فضا ملي ٿي، جيڪا ان شاعر جي داخلي ڪيفيتن ۽ تمدني ماحول، جنهن ۾ هو وڏيو ۽ وڌو ٿيو هوندو آهي، جو نچوڙ هوندي آهي. غزل ۾ شاعر وارداتِ قلبي ۽ شخصي بيان ڪندو آهي ۽ نهايت لطيف پيرائي ۽ پُر اثر انداز ۾ پنهنجي انفرادي ڪيفيتن کي اهڙيءَ طرح بيان ڪندو آهي، جو هن جي اندر جي امنگن ۽ اڌمن کي ٻيا ماڻهو پنهنجي اندر جا اُمنگ ۽ اڌما سمجهڻ لڳندا آهن. ان حالت ۾ غزل انفرادي حدون اورانگهي اجتماعي دلين جي ترجماني ڪرڻ لڳندو آهي ۽ ڪلاسڪ جو درجو حاصل ڪري وٺندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو فارسيءَ ۾ سعدي ۽ حافظ، اردوءَ ۾ مير، غالب، سنڌيءَ ۾ گل، سانگي ۽ ڪيترن ٻين شاعرن جي غزل کي ڪلاسڪ ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو.

ڪلاسيڪي شاعريءَ جون جيڪي خاص خوبيون ٿين ٿيون، اُنهن ۾ انداز بيان، اسلوبِ زبان، فصاحت، بلاغت، سلاست ۽ ٻين شعري خوبين کي خاص اهميت حاصل آهي. حسن تہ بهرحال حسن آهي، پر جڏهن اُن کي سنواريو ۽ سينگاريو وڃي ٿو تہ ان جي ڪشش ۾ وڌيڪ نکار پيدا ٿئي ٿو. جهڙيءَ طرح هڪ نقاش پنهنجي تصوير ۾ مختلف رنگ ڀري اُن کي وڌيڪ جاذب بنائي ٿو، اهڙيءَ طرح هڪ شاعر تشبيهن، استعارن، صنائع لفظي ۽ معنوي جو استعمال ڪري پنهنجي ڪلام ۾ دلاويزي پيدا ڪري ٿو.

ڊاڪٽر اياز قادري

رسالو مهراڻ سنڌي ادب سيمينار نمبر2

1984/2ع تان کنيل

# شاعري



## فخرالدين شاهه

سوپارو/ڇاڇرو

### غزل

مُند آئي مينهن جي من آهي مونجهار ۾،
دل جلي ۽ دل پڇي پئي يادگيري يار ۾.

چوڏهين چانڊاڻ چنڊ جي چؤطرف چمڪن وڄون،
وڇڙيون وسن تيئن ٽيون روئن اکڙيون آهن آزار ۾.

جيئن وسي پوڙن تي پاڻي تيئن پلٽ پنبڙين منجهان،
سڀ سرها سانگي ڏسان پر ساهه مون سنگ سار ۾.

هت ڳنگهر ڏينهن گهاريان، گهوڙا وڏي گوندر پيو،
حال هيڻا هينئن هجر ڪيا هير هن هُبڪار ۾.

هي ساوڪون سُهڻيون سُٺيون سي ڪيئن سپائن ساهه ڪي،
دل ’فخرالدين‘ ويئي ڦٽجي برهه جي بازار ۾.

### غزل

وياسين جي وڇڙي، نه موٽي ملياسين،
جتي تو ڇڏيو هو، اتي ئي رهياسين

سفر زندگي جو اڌورو اڌورو،
نه تنهنجا ٿياسين، نه پنهنجا رهياسين

سڀئي سانگا ٽوڙي، اسانگا پلياسين،
تڏهن حال پنهنجا وڃائي ڇڏياسين

ڏٺوسين مزو ملڪ تنهنجي ۾ ناهي،
ڇڏي شهر تنهنجو اجها ٻيا اڏياسين

’فخرالدين‘ اهڙي فراقن ڦٽي دل،
مري جي، مِري جي، مري جي، بچياسين



## بيتاب ناپر

شڪارپور

### غزل

جنهن کي ٿاهي، جنهن کي ڊاهي، مرضي اٿس!
جنهن جي اک مان ڳوڙهو واهي، مرضي اٿس!

جيڪا مشيت، جيڪا مصلحت مالڪ جي،
ان ۾ پيارا! پنهنجو ڇا هي، مرضي اٿس!

ويٺو ڏِس تون رَنگ رازي جا اي، جوڳي!
مسجد ٺاهي، مَندرَ ٺاهي، مرضي اٿس!

درياهَن مان ڪيئي واهَڻ وهَندا پيا،
هاري ناري جيڪو ڪاهي، مرضي اٿس!

طالب ڪيئي تخت نشينيءَ جا آهن،
راجا ٻڌبو جنهن کي چاهي، مرضي اٿس!

ڪنهن ماڻهوءَ کي ٻارهن، تيرهن پُٽَ اولادَ،
ڪنهن ماڻهوءَ کي پُٽُ ئي ناهي، مرضي اٿس!

## امر اقبال

خيرپور ميرس





## يوسف سولنگي

ڪوٽ غلام محمد

✲

سهيڙيل رهيو ساھ سنڌ ساري ۾
ڪپي ٿي پلا پيو ڇا سنسار ۾؟!

تصور سڄو ڏينهن تنهنجو پرين!
سڄو ڏينهن منهنجو آ تذڪار ۾.

ٽوابن جي دنيا، ڪئي حيرتون،
ايڏا گل ٽڙيا ها گنهگار ۾.

اهو فن سائين! ڏسون ڇا ڏسون،
ٻئي نيڻ ٻوڙياسون فنڪار ۾.

اهو هوت ِ تنهنجو هٿي ٿي هيو،
وڃائي ڇڏيئي وات ولڪار ۾.

زماني ۾ بيدل رهياسين اسان،
هئي دل اسان جي ته دلدار ۾.

▣

## غزل

سراسر يار جو سهڻو شهر هو شاعري جهڙو،
گذاريم ڪڏ پرين سان پل، پهر هو شاعري جهڙو.

غزل جهڙيون گليون ساريون تِنهنجون واٽون وري وايون
بهارن جيئن بيهڪ ۾ سو بحر هو شاعري جهڙو.

مٺو مصرع ته نالي جي، سڄي تجنيس تنهن تارا،
سراسر سونهن تنهنجي ۾ سحر هو شاعري جهڙو.

حسن جي حد پرين جو قد، قسم سان قافيي وانگي
اکين ڪارين اندر رڪيل، قهر هو شاعري جهڙو.

سڏن ۾ 'سولنگي يوسف'، هئس ڇڻ گيت باغي جو
رقيبن لئہ رکيل تنهن ۾، زهر هو شاعري جهڙو.

▣

نسرين الطاف
حيدرآباد

## گيت

آئيندا ڪا پرڀات منهنجا گيت اُجارا
ڳائيندا ملڙي لات منهنجا گيت اُجارا.
ٿري جو آهي اڄ
ٿرتي ساري اُرڄ
هر پاسي پاڻيءَ پڪار
مارو ٿيا آهن مُڃ
تڙپي ٿي منهنجي ذات
منهنجا گيت اُجارا.
آئيندا ڪا پرڀات منهنجا گيت اُجارا،
ڳائيندا ملڙي لات منهنجا گيت اُجارا.
ڪارا ٿيا سارا ڪوهه
روئن ٿا چارا ڪوهه.
ڇا پاڻي ڏيندا هاڻ،
آهن تسيارا ڪوهه.
گهايل جو ڪين جذبات
منهنجا گيت اُجارا.
آئيندا ڪا پرڀات منهنجا گيت اُجارا،
ڳائيندا ملڙي لات منهنجا گيت اُجارا.
مور مُئو روئي ڍيل
هاءِ! ڏکر آيو هيل،
هاءِ! ڪسي ويا درياهه
مارن ڪان اڄ ڏاڍيل.
پڌ سندي ڏک جي بات منهنجا گيت اُجارا،
آئيندا ڪا پرڀات منهنجا گيت اُجارا.
ڳائيندا ملڙي لات منهنجا گيت اُجارا.
سک آئيندو ڏاتار
ڪو به نه هوندو لاچار
پيار ته پنهنجو منشور
جيڏا اڄ پکيڙيون پيار
’نسرين‘ اندر ۾ تات منهنجا گيت اُجارا،
آئيندا ڪا پرڀات منهنجا گيت اُجارا،
ڳائيندا ملڙي لات منهنجا گيت اُجارا.



بانو محبوب جوکيو
محرابپور

## ڪيڏو ٿڪ آهي!

### نثري نظم

ڪيڏو ٿڪ آهي! روئڻ ۾
۽ روئي وري کلڻ ۾
ڪيڏو ٿڪ آهي! پيار ۾
پيار ڪان پوءِ واري نفرت ۾.
ڪيڏو ٿڪ آهي! بک ۾
۽ پنهنجي بک ڪان وڌ ٻچن جي بک ۾.
ڪيڏو ٿڪ آهي! مزدور جي ڳُلهن ۾
۽ ٿڌي چار جون انهن جي چُلهن ۾
ڪيڏو ٿڪ آهي! رشتن سان نڀائڻ ۾.
۽ نڀائيندي پاڻ کي ٽوڙڻ ۾.
ڪيڏو ٿڪ آهي! جاڳ ۾
۽ جاڳ جي خوابن کي پورو ڪرڻ ۾
ڪيڏو ٿڪ آهي! زمين تي ڌارين جو
۽ ڌارين ڪان وڌ ڌرتيءَ جي غدارن جو.
ڪيڏو ٿڪ آهي! ظالم، قاتل جي آزادي ۾
۽ مظلوم جي بي گناهه باندي هئڻ ۾.
ڪيڏو ٿڪ آهي! اچي کي ڪاري ڪرڻ ۾
۽ ڪاري کي ڳاڙهي ڪرڻ ۾.
ڪيڏو ٿڪ آهي! لکڻ ۾
۽ لکڻ چاهيندي به نه لکڻ ۾.
ڪيڏو ٿڪ آهي!

## الله بچايو مشتاق

آريسر

ميرپورخاص



### غزل

وفا جا قول، وفا سڀ، وفا شعار ڪريون،
وساري سارو جهان اڄ، اسين پيار ڪريون.

اچو تہ پاڻ ۾ گڏجي هي ظلمتون ميٽي،
وفا جي شمع کي ٻاري ۽ جان نثار ڪريون.

اسان جو حال اوهان کان ڪو ڳجهو ڪونهي،
اچو تہ عشق جي دشمن کي شرمسار ڪريون.

سڪونِ قلب جي خاطر، اسان ڪيو ڇا ڇا؟
اچو تہ نفس جو هرهڪ عمل شمار ڪريون.

براءِ نامِ وفا جي، مذاق ۾ قاسي،
هزارين ڀار ٿا وعدن تي اعتبار ڪريون.

ڪڏهين نہ ٻين کي ٻڌن کان ٿي سگهيا حاصل،
وري بہ چال اِها ئي ٿا، اختيار ڪريون.

نظامِ دهر جا فرسوده طوق سڀ ٽوڙي
شبِ سياه جي دامن کي تار تار ڪريون.

ٿيو رقيب جڏهين روبرو چيو 'مشتاق'،
اسين ٿا پيار ڪريون، ڏس اسين ٿا پيار ڪريون.

## زاهد ڪنيار

ٽنڊو جان محمد



❊

اهڙي ڪريو ڪا يار عنايت وري وري
جيئڻ جي لئي جسم ۾ جسارت وري وري

ڳالهين ۾ تنهنجي آهه فصاحت عز و هنر
بيشڪ بيان بيان ۾ بلاغت وري وري

منزل تي پيار پنهنجو پڇي ها ضرور پر،
آڏو رهي عدو جي عداوت وري وري

مدهوش مئڪدي ۾ سندئي رند بيشمار
پيرِمغان ڪرين پيو سخاوت وري وري

پنهنجي غريب رند کي پرسان سڏي ويهار
ساقي پيار جامِ محبت وري وري

هڪ تون ڪِلي نهار ڀلي لوڪ پيو سڙي
'زاهد' ڪبي ٿي تنهنجي رفاقت وري وري



## قائم الدين قائم ماڇي
لطيف ننگر

### ڪافي

ڪيو جادو جاني هڪ اشاري سان،
هاڻ دور نہ ٿي دل واري سان.

سڪندي ٿي ويا سال مٺا، ڪر ڪا ملڻ جي مقال مٺا،
ڪري ٻلايون اڄ ڀال مٺا، اچي سگھو مل سڪ ولري سان

تنهنجي مٺا ڏاڍي تانگھہ اٿم ڪوڙين اڏايا ڪانگ اٿم،
توکان سواءِ نہ سانگ اٿم، اچي ويجھو ٿي ويچاري سان

’قائم‘ سان قول پار سڄڻ ڪا گھڙي گڏ گذار سڄڻ
مونکي تون نہ وسار سڄڻ اچي مهر ڪر مون پاري سان

### ڪافي

منجھ سار سدائين سنگھارن ڪي ساري،
ڪري مَهر مارن تي ڏي ويچارن ڪي واري

عمر طعام تنهنجا ٻري ڪر پٽولا،
وڻن ڪين مونکي خوشيون ۽ ڪتولا،
سنگھارن سوا ٻهت هنجون ٿي هاري

ٻاسين چو ٿو بخمل اهي پنوهاريون نہ ڀائن،
ويهي ڪين ويتر جيڏيون منجھ جاين،
ڪري قيد قابو وٺو ڏيل ڏاري

’قائم‘ چئي ڪوتن ۾ ڪڏهن ڪين ويهندس،
وڃان ملڪ موٽي جيڏين ري نہ جيئندس،
نماڻي نيڻن ۾ ڳوڙها ڀئي جا ڳاري

◙



## طالب پنيرو

.........................

### غزل

سفر ۾ شام ٿيڻ تائين، اسان سان گڏ رهو پيارا،
نئون ڪو چنڊ ڏسڻ تائين، اسان سان گڏ رهو پيارا.

روئڻ ولريون اکيون منهنجون، تنهنجي قدمن تي ڪِريل آهن،
منهنجي ڳوڙهن سڪڻ تائين، اسان سان گڏ رهو پيارا.

هي چالو ٿا خزان موسم، اسان کي خوف ڏياري ٿي،
بهارن جي اچڻ تائين، اسان سان گڏ رهو پيارا.

هن ڪان پو جڏهن چاهيو، جتي چاهيو هليا وڃجو،
ساهن جي ٽٽڻ تائين، اسان سان گڏ رهو پيارا.

’پنيري‘ جون وفائون ياد ايندئي پو وري روئيندين،
دعا جا هٿ کڻڻ تائين، اسان سان گڏ رهو پيارا.

◙



## مخلص چانڊيو
دڙيلو

### غزل

توکي ساري يار اڄ،
ٿو روئان دلدار اڄ.

تون جي ايندين ماهرو،
ويندا ڏک جا يار اڄ.

هجر تنهنجي ۾ روان،
ڏس اکين جا نار اڄ.

ڪِير ڪر تون اي پرين،
پنهنجي دل کان ڏار اڄ.

اڄ رهون گڏجي سدا،
اي، ڪريون اقرار اڄ.

ڪرب تنهنجي سرنهن کان،
ڪيئن ڪري انڪار اڄ.

موهجي ويندا مَنٺي،
جن ڏٺا سينگار اڄ.

چنڊ جي چهري مٺي،
رات جا رخسار اڄ.

تنهنجي در تان ٿا پنن،
شاهه ۽ نادار اڄ.

تنهنجي آڏو اي سڄڻ،
آندو ڪنهن لاچار اڄ.

تنهنجي سڏ تي پيو اچان،
مون ڇڏيا ڪم ڪار اڄ.

يار 'مخلص' مهربان،
ويا لهي لاچار اڄ.



## 'مصروف' چانڊيو
ڪنري

### غزل

حجابن جي رسمن کي ٽوڙي مِلون،
وفا جا الم خوب ڪوڙي مِلون.

روايت جي سرحد لتاڙي پرين،
رواجن کي هر هر جهنجهوڙي مِلون.

سدائين محبت تي تهمت هڻي جو،
مٿو ان جو مجبور ڦوڙي مِلون.

اچن پل طاقت جا طوفان ، سامهون،
آنڌي سندا رخ تہ موڙي مِلون.

ٻلين لوڪ سارو ڏسي اي، لقا،
سڄڻ گوڏر گوڏي سان جوڙي مِلون.

ڪريون اڄ تہ مضبوط محبت جو رشتو،
نوان فعل چاهت جا جوڙي مِلون.

ڏئي قرب جي جو ڪٽي دوستو!
ٻئي هٿ، تنهين ساڻ جوڙي مِلون.

جبل جهنگ جاني لتاڙي سڀئي،
وندر جون تہ واٽون ووڙي مِلون.

رقيبن کي 'مصروف' ساڙي ڇڏيون،
۽ غيرن جي ٻيڙي کي ٻوڙي مِلون.



**سليم رضا**
ٽنڊوجان محمد

## غزل

عشق جو آستان ٿي ويس،
پيار جو داستان ٿي ويس

مان اوهان جي خيالن اندر
ڪو نئون ئي گمان ٿي ويس

گيت لکندي غزل ۽ نظم،
شاعريءَ جي زبان ٿي ويس

تون ڪتابن ۾ اڙيو رهين،
مان اکر ۾ بيان ٿي ويس

پيار خوشبو لِڪي نہ سگهي،
تنهنجي اک مان عيان ٿي ويس

پوپٽن جي پرن جان هيس،
تنهنجي مُک ۾ زبان ٿي ويس

مان سگهارو گهڻو هئس 'رضا'،
هُن ڇڏيو ناتوان ٿي ويس

◙



**بشير احمد ڪنيار**
ٽنڊوجان محمد

## غزل

وئين سجڻ تون دل ڪٽي، ايمان سان ايمان سان،
وئين جهان ۾ تون وٽي، ايمان سان ايمان سان

پل گهڙي ۾ دلربا وئين گهور سان گهائل ڪري،
واهہ ڪجل جي سا اٽي، ايمان سان ايمان سان

حسن تنهن جي جي مٺا ٿيندي بہ ڇا مون کان ثنا،
حيرت هزارن کي هٽي، ايمان سان ايمان سان

لال لبڙن تي ڪيل لالاڻ قدرت جو ڪمال،
ولر ڪارن تي ڦٽي، ايمان سان ايمان سان

ناز ۽ انداز تي مستان بيحد ٿيو 'بشير'،
بات ڇا آهي بٽي، ايمان سان ايمان سان

◙



مُستقيم 'بازيدپوري'
کنديارو

## غزل

مَقتلن جو هڪ رواج ٿي آ ويو
جو ڪُٺو سو ته سر تاج ٿي آ ويو.

سِرُ ڪپائي سُرخرو سدا جي ٿيا،
موٽ تن ڪاڻ معراجُ ٿي آ ويو.

جي فقط ٿي ته، چاڙهن فتويٰ حوفَن ٿا،
تَن ڪان ته واقف سَماج ٿي آ ويو.

دانهن ٿرتي سَنديءَ وَرنائي به ڪيرَ،
هِتِ ته هر ڪوئي حِجاج ٿي آ ويو.

آ تِڪي اَڄ به تراڻ تهذيبن تي
ڏاڍَ هن دؤر جو ڏاجُ ٿي آ ويو.



عبدالڪريم بلوچ
..........

## غزل

نندِ لئه ثوابَ آهيون پرين!
جاڳِ جا جَوابَ آهيون پرين!

مُنهنجي پويان گِلا جا گناهہ،
پاڻ گردابِ آهيون پرين.

پير تاريخ جا هِن لڏا،
ڪوچنا خوابَ آهيون پرين.

تو وساري وتي ڪنڊ 'ڪريم'،
عشق ۾ آبَ آهيون پرين.

**يونس همدم**
ٽنڊو جان محمد.



## غزل

خاموش صدا آهيان،
ڳوڙهن جي ڪٿا آهيان

جيڪا نه اگهامي ٿي،
ڪا اهڙي دعا آهيان

مُرڪي نه ڏسو مون ڏي،
پن ڇڻ جي هوا آهيان

بي رحم زماني ۾
بس خود لئه سزا آهيان

غم ڪي نه گهٽائي جا،
مان اهڙي دوا آهيان

منزل ڪان اڳي لٽجي،
مان اهڙي رضا آهيان

آ تنهنجو قسم 'همدم'،
تنهنجو ئي صفا آهيان

◘

**خطائي ٽيبو**
پوڏار فارم- عمرڪوٽ



## غزل

پنهنجي هٿن تي ميندي وانگر لڳاءِ مون کي،
تنهنجو ئي ساز آهيان، دل سان وڄاءِ مون کي

روشن طبق سمورا تنهن جي طفيل ٿيندا،
تنهنجو ئي ديپ آهيان، جلدي جلاءِ مون کي

ايڏو نه عام ناهيان، ايڏو به خاص ناهيان،
تنهنجو ئي خيال آهيان، هٿ سان وڏاءِ مون کي.

در در رلائي مون کان کهڙا ٿو وير وارين،
تنهنجو ئي راز آهيان، خود ۾ سماءِ مون کي

آئون 'خطائي' شاعر تنهن جي حسن تي لکندس،
تنهنجو ئي گيت آهيان، ڀرپور ڳاءِ مون کي.

◘

# لوڪ ادب



چنيسر ڏوهٽ
اڏالي- ڇاڇرو

## بيتُ

## ٽرڪ ڪاٺ جو ڪارج

عمر اسان جي ڏيهه ۾ هڪڙا ڪرنيٺ ٻيا ڪنڀا،
ڪرڙ پيرون ڪيترا، سلوا سُڪا ڏنڀا،
ڳيڙ روهيڙا ڳُگر ٿا، ڳُتيا ٻيا آهن ڳُنڀا،
وڏي ڏيون واڌي ڪي، ٿاهي منجا ۽ جنڊا،
هر پنجاري هرڪا شيءِ، ملن ٽوڪيون ٽنڀا،
ڪوٺر، ڪُڙائي ڪيلي اُهلئي، اوڙاڪ، پوڙ ان منجهان،

اهڙي ٿاهي اڙلي، ورت ۾ وجهندا،
ٻاڪڙو پلاڻ لاٽي ساڻ چوڪني ٻئي چوندا،
ڪاربه ڪُهاڙي، هَر سواري، پٽي پرپ پرڻندا،

سهڻا ٿاهي سانگا، جنهن تي وڏا اڃي ويهندا،
پيتي ڪلُ، سونگو سُڳلُ، مٿي ڇٽ چاڙهيندا،
اکري، مهري ان منجهان، آهن ٿاهوڪي ٿاهيندا،

جنڊ جو سامان جيڪو، اُهو هشيار به هٿندا،
ڳُل، پاٽلي، ڪمر، هڪڙي ڪيل ڪوڙيندا،
سامان سڄو سيٽ ڪري، هٿو به هٿائيندا،

تيلوٽي ۾ تيل وجهي، مٿو مڪ ڪندا،
پاٽلو، ويلڻ، پٽيڙو، ڏوٽي به ٿاهي ڏيندا،
لوڙهو، ٽوٽي لڙهن مان، خالي ڪوڙيندا،

سرڪي جهلي سانپڙي، جوان ٻه جوڙيندا،
اُن گهڻيءَ کي آڏوڙي، آهن ڏونيئڙا ڏيندا،
سنئين ڪاٺي سٽيءَ مان، لٽ لوڙهه ڪندا،

ڪاٺي، ڦانگو، ڦوڳ مان ادا! عمر آڻيندا،
هڪ ٻچاري ٻي پاهوڙي، ٻيا ڳن گهڙائيندا،
ڪرسيون، ميزون ڪٻٽ ۽ بينچون بنائيندا،

دروازا ۽ دريون، ٻيا چونڪ چاڙهيندا،
ايسون، اوپرا انهن ۾ آهن پلا ٻڌائيندا،
موري، منجي موچاري، آهن پينگها، لوڏيندا،

ٽڪون ٺاهي نهر وانگي، اواڙي پاڻي پهچائيندا،
جڳهيون ٺاهي جهاڳن مان، سُرتيون سينگاريندا،
ڪڏائي 'مُل' ڪرڙ منجهان، لروسل ۾ آڻيندا،

هُرا ڏيئي منجهه ۾، قابو مل ڪندا،
درن مٿي ڏار، ٽرڪڻ آهن ٽيندا،
آڻي ڪايا اڪ جا، مٿي چونري چاڙهيندا،

ميت پوري مٽيءَ ۾ ڏڪ ٻه ڏياريندا،
پاتار اندر پاڻي ۾، چرڪ چاڙهيندا،
ڏيئي ڏاڻ ڏاگهن کي، ڦندڪي ڦٽ ڪندا،

هڪڙي ٺاهي اڳٽ دانيون، ٻيون تسبيون تيار ڪندا،
منڊي، من مڪڙي، ٻيا جهيرٽا جهڳيندا،
نگهٽ هٿي نيهڙا، پرونڊيون پائيندا،

ڪاٺي ٽڏي ڪرٽ نيٽي منجهه نيندا،
ارٽ ٻيا اوبرا، مٿي تاڻي ٽليندا،
آلي ڪاٺي لڪ جي، ٽاڻي گلو گرئيندا،

ونجهٽي ڳن، واهولو، ڪارائي مُٽ ڪندا،
ڪوڏر اندر ڪاٺي جي، چڀُر ڇهٽائيندا،
چاڙهي سندي چڙهڻ لاءِ، چنا چورا جلائيندا،

داسا، پٽيون، دابڙا، تڪي ڌوپ ڪندا،
ٿيا ٿن ٿنگن سان، مٽي اُن اليندا،
پرٽا شاديون پاڙي ۾، دهل ٽمالون ڏيندا،

ڏس ڪماليت ڏانبٽي جي، آواز اُڀاريندا،
پاوا، مرليون پنهنجي منهن پيا باجا بنائيندا،
ڪماچ، سارنگي جا ڪاريگر، تنبورا تيار ڪندا،

ڪرسي ڪاٺي ڪنڊي جي، ٻنبر، لار به لوڏيندا،
ٽڏ کي ٻاٽن ڏنار، ٽلهن واڄو وڄائيندا،
مٽر لعي مال ۾، آهن سدائين سُهندا،

سچيت منهنجا سانگيڙا، سُر به سڃاڻندا،
ڪندا ڪوڪار هيڏا هوشيار، پيا ولر واريندا،
جيڪو مال جتي ڪاهي، ڪل اتي، هيڪر هٽندا،

واپس واري ٽڏ ڏاري ڪاهي ڪُل ايندا،
ترسائين اڃي ٿو مٽي، پاڻي پياريندا،
ڌُهيو مال ڏوٿيڙا، ڪٽيو ڪير ايندا،

مال اٿاري سير چاڙهي، پهون پهرائيندا،
ڪانيو پن ڪنڊي ۾ اُهو به آڻيندا،
پرلاڪي هڪرن کي، مُٽ مُٽ ڪري ڏيندا،

ڦر ويچارا ٿلريو چڪيو چرندا،
رات سڄي ريٽن ويا خوش هوندا،
جوڙي ٿو ’چنيسر‘ پيا ڳترار ڳائيندا،
ڪنڌن پاٽيندا، مئو پنهنجي مال کي.

### واٽ

سو ڀهو، سو پيچرو، واٽ سو چارو، سو ڏگ،
راهه به سا ۽ رَند به سو، رستو، گس، مارڳ.

—

عروض: پيچري، گس، واٽ کان پوءِ، هو ڀهو ۽ ڏگ ڏسو،
رَند، رستو، راهه، چارو، مهر جو مارڳ ڏسو.

—

وٺي چارو چاهه جو، ٿي رُوحئون رواني،
هلي ڀهتي پريت جي، ڪري قرباني،
جتي نه گسُ گهمڻ جو، واٽون ويراني،
راهون رمزن واريون، رندڙا رنداني،
پيچرو پريت جو، آهي اماني،
ڏنائين ان ڏيهه ۾، مارڳ معاني،
مليس وٽ ورهه جي، ٿي ڏگ ۾ ديواني،
رستو روحاني، سسئي لڌو هو سيج ۾.

### (سج)

ڇند: هور، سوهو، مهر ڇٺو، ارن آفتاب،
خاور، سج، خورشيد سو، شارق، شمس، شتاب.

—

عروض: مهر، شارق، شمس ۽ خورشيد، خاور آفتاب،
هور، سوهو، سج اڀريو، ارن جو ڏس آب تاب.

—

بيت: مهر ڪان وڌ محب جو جلوو جوت جمال،
ڪامل ڪائنات ۾، سنجڻ سج مثال،
آيو آفتاب ٿي، لاٿائين مونجهه ملال،
ارن جيئن عجيب جو آهي جاهُ جلال،
خاور آئي خير ٿيو، جڳ مان ويو جنجال،
سوهي جيئن سنسار تي اٿس ڀلايون ڀال،
خبرون تنهن خورشيد جون آهن ڪل ڪمال،
شارق جي شعاع ڪان، ملي واٽ وصال،
هادي آهي هور جيئن، اٿس هدايت حال،
شـمـس الضحيٰ شـان سـان، لائـق لازوال،
منهنجي ڇا مجال؟ جو صفت ڪريان سردار جي.

### ماکي

سائي شهد، ماڃ سا، هَني، مڌ گبين،
ماکي، موتو، شهت ۽ عسل، انگبين.

هئي جو هڪ قلم بہ هن آڏو ڊڄي، ڊڄي ڪڻندي هئس تہ ڪٿ ناراض نہ ٿي وڃي، پر هُو تہ مون کي ڪنگهندو بہ نہ هو. پوءِ بہ اندر ۾ هڪ آس هئي تہ جيڪر! هن جي ڪنوار مان ٿيان باس جي ڏيءَ نہ، هردم، هر وقت اکين مان ميگهہ ملهار پئي وسيا، هردم هڪ معجزي جو اوسيئڙو هو تہ جيڪر! منهنجي حق ۾ ڪو فيصلو ٿي وڃي، ۽ هُو صرف منهنجو ئي منهنجو ٿي وڃي.

غازي باس جي ڌيءَ نور کي پسند ڪيو هو، ۽ جڏهن هنن جو نڪاح پڙهجي ويو تہ هُو ان ويل امان سان پيرين پئي مليو. مون کي نظر پوندي مذاق ۾ ئي چيائين: ”خدا جا لک احسان جو هن نور کي منهنجي زندگي ۾ آندو، نہ تہ مون کي هِن پوريءَ ٻليءَ سان شادي ڪرڻي پوي ها، جيڪا چنبا هڻي، هڻي منهنجو رت ئي ڪڍي ڇڏي ها.“

منهنجو وساميل مُنهن ڏسندي چيائين: ”معاف ڪجان مذاق ٿو ڪيان، متان! دل تي وٺين، پنهنجا اهي مقابلا اجا هلندا پيا جيسين تنهنجي شادي نہ ٿي ٿئي. جڏهن تنهنجا هِتان ٽپڙ گول ٿيندا پوءِ هاءِ! هاءِ! سڪون ٿي ويندو. (اوچتو ڪجهہ ياد ايندي چيائين) ٻڌ! جيڪو پاءُ پاڻي جو رهيل اٿئي! مون سان چُڪتو ڪجان منهنجي زال کي ڪجهہ نہ چئجانءِ، نہ تہ پري پئجي ويندا سين.

مان دوڏا ڦاڙي ڪيس ڏسندي ئي رهيس، امان چيو: ”ابا! الله نہ ڪري وائي سٺائي ڪڍ، هي هاڻ ٻار ناهہ، سياڻي ٿي وئي آهي وقت ويتر سيڪاري ڇڏيندس، اگر هاڻ بہ ٻاراڻي ڪندي تہ ڪٽنس پاڳ.“

پاڳ تہ نور جا ڪٽي ويا هئا جو غازي ڪيس مليو هو، رات جو مهمانن کان پاسو ڪري ڪمري ۾ اچي ويهي رهيس.

ڪنوار کي مسهريءَ ۾ ويهاري غازي ڳولهيندو مون ڏي آيو ۽ چيائين: ”هت ڇو ويٺي آهين، کهڙو ڪنڊ جو جهاز ٻُڏي ويو اٿئي جو ايڏو مُنهن لٿل اٿئي، طبيعت صحيح اٿئي.“ منهنجي ها ڪرڻ تي چيائين: ”شڪست جو سور اٿئي ني؟“

مان حيران هن کي ڏٺو ۽ سوچيم تہ ڇا هُو منهنجي حال کان واقف آهي؟ ڇا هن کي خبر آهي تہ مان هن کانسواءِ ڪجهہ بہ ناهيان؟ ڇا هُن ضد ۾ محض مون کي شڪست ڏيڻ لاءِ ائين ڪيو آهي؟

هن ٻانهن کان لوڏي چيو: ”منڙي! شڪست کي ايڏو دل تي نہ وٺ.“ لڙهي نہ وڃين. شرط هارائہ! ني؟“

”شرط؟“ مان حيران ٿي ويس.

”تو شرط لڳائي هئي ني تہ جيڪو مرد ديڳڙا چٽيندو آهي ان جي شاديءَ تي مينهن وسندو آهي، شڪي هيڙو! شڪي هيڙو.... (هن ننڍپڻ وانگر چيڙائيندي چيو). هاڻ وڃ! ۽ مون لاءِ منهنجي پياري ڪنوار لاءِ چانهہ ناهي اچ. مان هن سان تنهنجي چانهہ جي تعريف بہ ڪئي آهي، اَٽ شاباس! (هن ٻارن وانگر ٻچڪاري ڏيندي پيار جتائيندي چيو). ۽ ها! بس هڪ ڳالهہ جو خيال رکجان چانهہ ڏاڍي گرم ۽ ڪڙڪ هجي، صفا تنهنجي زبان جهڙي.“

مان چپ چپات ڪيس نهاريندي رهيس تہ چيائين: ”تون اهو مون کي ۽ منهنجي ڪنوار تي احسان ڪو نہ ٿي ڪرين تو شرط هارائي آهي، انڪري اهو ڏنڊ ۾ آهي، منهنجي شاديءَ تي مينهن تہ ڇا هڪ بوند بہ ناهہ وسي ۽ نہ ئي پري، پري تائين ڪي آثار ئي آهن، اَٽ شاباس!“

هُو اندروني خوشي منجهان کِلندي پنهنجا ٽهڪ اُتي ڦِٽا ڪري هليو ويو ۽ مان پنهنجي اکين مان بنا ساهيءَ نڪتل ڳوڙهن کي لڪائڻ ۾ پوري هئس، هن کي وقت نہ هو اُت بيهڻ جو ۽ مون کي ڏانءُ نہ هو پنهنجي اکين مان وهندڙ مينهن کي ڏيکارڻ ۽ روڪڻ جو.



**بهادر ٽالپر**
بدين

# وقت کي سنگهرون لڳي ويون!

”شروع کان انسان وبائن پٺيان آهي.... هُو بوڙي ٿو.... سهڪي ٿو.... وري بوڙي ٿو.... وبائون ڪيس وٺ ئي نہ ٿيون ڏين.ّٰ نہ تہ هُو انهن کي اهڙو تہ قابو ڪري.... جو وري اهي سندس ويجهوئي نہ اچن! وبائن اڳيان انسان اهڙو بيوس رانديڪو بڻجندو.... ان ڪڏهن اهو سوچيو بہ نہ هو.....!!“

سوچن مٿان سوچون هئس.... ڪا اُميد ڪٿي ڪنهن ويل گهر مان ٻاهر نڪتو تہ شهر جي اُداس رستن، گهٽين ۽ بند بازارن سندس سواگت ڪيو....!! هن کي هر گهڙي فرسٽريشن جي دور جي سوغات لڳي.... پراون ۽ پنهنجن ۾ ڪو تفاوت نہ رهيو.... هرڪو بيگانو.... هرڪو اڪيلو.... هر ڪنهن جي بيگانگي ۽ اڪيلائيءَ سان ياري.... اڳي عورتون مُنهن تي ماسڪ لڳائي گهر مان نڪرنديون هيون.... پر هاڻ مرد بہ ماسڪ سان نڪ، وات ۽ چهرو ڍڪي جڏهن گهران ڪنهن اهم ڪم سانگي نڪرن ٿا.... تہ هن دور جي عجب پٽي تي سوچي احساس ئي سُن بڻجڻ لڳن ٿا....!!

لاڪ ڊائون جا ڏينهن.... وقت کي سنگهرون لڳي ويون.... جيڪي شينهن گوشت کائيندا هئا.... اهي ٻيٽ چرڻ لاءِ مجبور ڪيا ويا.... گهر نظربندي جا مسڪن بڻايا ويا....! ”ڪوبہ ماڻهو ڪنهن بہ اهم ۽ ضروري ڪم بنان گهر کان ٻاهر نہ نڪري.... ڇاڪاڻ تہ اڳي انسان ۽ ان جي سائنس وبائن پٺيان هئا.... پر هاڻ وبائون انسان پٺيان آهن.... انسان لاءِ هاڻ بچاءَ جي جڳهہ صرف هن جو پنهنجو گهر آهي....!!“ وقت جي سرڪار جو حڪم ٻُڌي هن جا تاڪ لڳي ويا....!!

هن ڏٺو: سندس ٻنهي هٿن کي اڃائل سنگهرون هيون.... ۽ وقت جو سفاڪ مصور سندس پيانڪ تصوير جي نقش و نگار چٽي رهيو هو....!! هن ان سفاڪ مصور کان ڪيترائي سوال ڪيا.... پر ڪوبہ جواب نہ مليس.... اٽلندو سندس اکين مان اُٿلندڙ آب کي مصور پنهنجي برش جي رنگن طور استعمال شروع ڪيو....! وبا پڇريان بازارن ۾، دڪانن ۽ هوٽلن ۾، رستن تي ۽ انهن تي هلندڙ گاڏين ۾ هئي.... ۽ هر طرف وبا جي ئي حڪمراني هئي.... هن کي پڪ هئي تہ سندس گهر ئي اهڙي پناهگاهہ هو.... جيڪو ان کان بچيل هو.... هُو گهر کي جنت طور ڏسي رهيو هو.... پر اندر ۾ اجگر دوزخ هئس.... جنهن ۾ سندس احساس، جذبا ۽ اُمنگون شعلہ فگن هئا....!!

هن وقت گذاري لاءِ گهر جي صحن جي ڪا خالي ڪُنڊ ڏسي ان ۾ هڪ ٻوٽو پوکيو.... ۽ ان کي اکين جي نير سان ريجڻ لڳو.... وقت پوءِ بہ ڍائو سست هو.... صديءَ جي ڪنهن پيرِ مرد جي وِک جهڙو.... هُو پاڻ بہ صديءَ جي پيرِ مرد جهڙو ڏسجڻ لڳو هو.... جنهن کان دوست احباب مٽ مائٽ توڙي گهٽگهرا پري پري ٿي ويا هئا....!!

جگري دوست ڪريم بخش اوچتو بازار ويندي سامهون آيو.... ڪيس هٿ ڏيڻ ۽ حال احوال وٺڻ جي ڪير تہ جهٽ ۾ گوهي هٽي ڪٽان نڪري ويو.... ڄڻ ڪنهن ٻرامي جو سِين هو.... جيڪو اکين اڳيان اوجهل ٿي ويو....

هن ان ڏينهن بازار مان واپس گهر ۾ داخل ٿيندي ئي ٻاهرئين در کي ٻہ ٽي دفعا بند هئڻ جي تصديق لاءِ ڏٺو هو.... تہ ڪٿي ڪا وبا سندس گهر (جنت) ۾ داخل نہ ٿي وڃي.... ۽ ان جنت مان ڪيس پوءِ بي دخل نہ ٿيڻو پوي....!!

هن وقت کي پيل سنگهرون ٽوڙڻ لاءِ پاڻ کي گهر اندر مصروف رکيو....! هن ’لسانيات‘، ’تاريخ‘، ’نفسيات‘، ’ميڊيڪل سائنس‘ توڙي ٻين موضوعن تي ڪتاب پڙهيا.... ۽ انهن مان حظ حاصل ڪيو....! هن جي لائبريريءَ ۾ ’ڪسرت‘ جي موضوعن تي پڻ ڪتاب هئا.... جن کي هن پڙهيو.... ۽ گهر جي دائري اندر ڪسرتون پڻ ڪيائين....!!

هڪ ويل هن کي پنهنجي ساڄي هٿ جي اشهد آڱر تي خارش محسوس ٿي.... اکين تي لينس چاڙهي جو ڏٺائين ته هڪ جرثومو هو، جنهن جي شبيهه انساني مٿي تي سُونهڻ واري تاج جهڙي هئي.... هُو ان کي ڏسندي ئي ڏڪي ويو....! هن ڀي آڱر سان جرثومي کي مارڻ جي ڪوشش ڪئي.... ته اهو گُم ٿي ويو....!!

نه.... نه.... اهو منهنجو وهم هو.... اهو جرثومو نه ٿو ٿي سگهي گهر جهڙي جڳهه.... اتي اهو نه ٿو ٿي سگهي.... مون جهڙو پاڳل ۽ وسوسيو شايد ئي ڪو شهر ۾ هجي.... جيڪو اهڙين بيوقوفين پويان ڏُڪندو هجي....

وري ڪيس نڪ ۾ شديد خارش ٿي.... جيڪا آسانيءَ سان ڳلي ۾ لهندي وئي.... ٽنگن ۾ اچي سور پيس.... مٿو ڦاٽيس پيو....!!

"شايد مون کي ٿي ويو آهي.... اهو جرثومو ڪو وهم نه هو.... وبائن جا جراثيم ماڻهو کي ڏوکو ڏئي ويندا آهن.... ۽ ماڻهو خوش فهمي ۾ رهجي ويندا آهن...."

جوٽس هن جا ڳالهايل اهي لفظ ٻڌا ته هڪ ٽهڪ نڪري ويس.... جوٽس ته ڪيترن ڏينهن کان پٺي چوندي آئي: "اهو ته انسان سان هڪ وڏو مذاق آهي.... چڙواڳ انسانن کي قابو ڪرڻ لاءِ اهو ته هڪ بهانو آهي.... ڪٿي آهن وبائون.... ۽ ڪٿي آهن انهن جي نتيجي ۾ ٿيندڙ موت...."

هن اهي لفظ وري وري ٻڌندي آخر ڪاوڙ مان ٻاهر گيٽ کوليندي ئي ٻوڙ پاتي سُنسان روڊ ڏانهن.... پريان کان ڪجهه ماڻهو مُنهن تي ماسڪ سان هڪٻئي کان جدا جدا پئي ويا.... هنن پويان جو هن کي ٻوڙندو ڏٺو.... ته هُو وبا کان پاڻ بچائڻ لاءِ پاسي وارين گلين ۾ هڪ هڪ ٿيندا لهندا ويا.... هُو اجا به مُٺ ڀيڙي روڊ تي پڄي رهيو هو.... پويان هڪ ساعت نگاهه وڌائين.... پوليس سندس پيڇي ۾ هئي.... اڳتي ٻوڙندي ٻوڙندي هن کي سڌ ئي نه پئجي سگهي ته هُو ڪنهن ويل روڊ تي ڪِري سخت زخمي ٿيو.... ۽ پوليس هٿان اسپتال پهچي وينٽيليٽر تي ويو.... ۽ سندس فائل تي مرض جي تشخيص طور Covid-19 لکيو ويو....!!

نوان ڪتاب






**پرويز**
حيدرآباد

# اسان کي به جڳ ۾ جاءِ ناهي پوندي

شادي جو ڪاج هو.

وڏي ڳوٺ جي هڪڙي مانيءَ مڇيءَ واري گهر جو ڪاج هو.

اڳي ڳوٺائين شادين جا سمورا ڪاج ڳوٺن ۾ ئي ٿيندا هئا. هاڻي به ٿين پيا، پر هاڻي ڪي ڪي سَرندي پُڄنديءَ وارا ويجهي شهر ۾ موجود شادي هال بُڪ ڪرائين ٿا. ڪي ته رڳو مردن جو وليمو شادي هال ۾ ڪن ٿا، باقي زنانو ڪاج ڳوٺ ۾ ئي ڪن ٿا، پر ڪي ڪي وري زنانو ڪاج به شادي هال ۾ ڪن ٿا، جتي سموريون زنانيون ريتون رسمون پوريون ڪيون وڃن ٿيون ۽ ٻهراڙيءَ جي عورتن کي به شادي هال جو مزو وٺرايو وڃي ٿو.

اهڙوئي هڪڙي شاديءَ جو عورتاڻو فنڪشن ننڍي شهر جي شادي هال ۾ ٿي رهيو هو. رات جو پهريون پهر هو. گهوٽيتيون، ڪنواريتيون ۽ ڄاڃي عورتون پهچي چڪيون هيون. هال جي لائيٽنگ رنگين روشنين سان سڄي هال کي جڳمڳائي رهي هئي. ڊيڪ تي فل آواز ۾ خوشيءَ جا گانا وڄي رهيا هئا. ٻه نو عمر ناچو ڇوڪرا وسيع اسٽيج ۽ ڪرسين جي وچ ۾ خالي جاءِ ۾ جديد قسم جي ڊانس ڪري پنهنجي جسم جا مختلف حصا لوڏي لهرائي، ٺينگ ٽپا ڏيئي نچي رهيا هئا، هر طرف خوشي ۽ شادمانيءَ جو ماحول هو.

اوڏيءَ مهل، اُنهيءَ ئي ڳوٺ جي هڪڙي وڏيڪ سَرندي واري شخص جي هڪڙي وڏي گاڏي اچي هال جي مکيه گيٽ وٽ بيٺي. ڊرائيور گاڏي بند ڪري هيٺ لٿو ۽ تکڙو تکڙو ڦري اچي گيٽ کوليائين. پهريائين هڪڙي خوبصورت، نوخيز ۽ نوجوان ڇوڪري لٿي، جيڪا ڪپڙن، زيورن، سجاوٽ ۽ ناهه نوهه جي حوالي سان مالڪياڻي ٿي لڳي. پٺيان ئي به نوجوان ڇوڪري لٿي، جيڪا نوڪرياڻي ٿي لڳي. گيٽ تي بيٺل پهريدار ڇوڪرا پنهنجي نميواري سنڀاليو بيٺا هئا. اندر داخل ٿيندي ئي ڪاج ڏجاڻين ڳوٺ جي سريال ڇوڪريءَ جي اڳتي وڌي آجيان ڪئي ۽ کيس وٺي اچي ڪنوار جي پاسي ۾ ويهاريائون ۽ کيس گهربل عزت ۽ توجهه پئي ڏنائون. شمسه راڻي به ساڻس ملندڙ هر ننڍي توڙي وڏي عورت سان انتهائي عزت ۽ پنهنجائپ سان ملي، کِلي خوش خير عافيت ڪري رهي هئي. جيڏي مهل ناچو ڇوڪرن ڏٺو ته اُن نوجوان ڇوڪريءَ کي ٻين کان گهڻي اهميت ڏني پئي وڃي. تڏهن اُهي ٻئي نوجوان ۽ خوبصورت ڇوڪرا خاصو انعام ملڻ جي آسري تي، اسٽيج تي چڙهي وڏي اچي شمسه راڻيءَ جي اڳيان پنهنجي فن جو مظاهرو ڪرڻ لڳا. انهن ٻنهي مان جيڪو وڏو ڇوڪرو هو، سو به 18-20 سالن جو مس هوندو، پر کيس ڊانس جي فن تي چڱو خاصو عبور حاصل هو. تنهنڪري هُن اُجايا ٺينگ ٽپا ڏيڻ ڇڏي سنجيدگيءَ سان نچڻ شروع ڪيو ۽ داد طلب نگاهن سان اُن خاص مهمان نوجوانڙيءَ ڏانهن اشارو ڪري کيس پاڻ ڏانهن متوجهه ڪرڻ لڳو:

او سهڻي جي سرڪار، تنهنجي حُسن جو خير هجي،
مور مٺا ماڻهو مٺار، تنهنجي حُسن جو خير هجي،
اسان پيو قرب جي هڪ نگاهه جا طالب آهيون،
جي قرب ٿئي قربدار، ته تنهنجي حسن جو خير هجي.

ڊيڪ تي وڄندڙ تعريفي ڪلام کي ناچو ڇوڪري طرفان ڇپن ۾ ورجائڻ ۽ شمسه راڻيءَ طرف اشارو ڪري کيس پيٺا طور پيش ڪرڻ واري عمل شمسه راڻيءَ کي گاهي وڌو. هوءَ دل ۾ ڏاڍي سُرهي ٿي رهي هئي، پر بظاهر هوءَ ڪنوار سان ڳالهائي پنهنجو ڀرم رکي رهي هئي. تڏهن پلسي کان ويٺل

سندس پٽ نڪريا لاءِ مون کي چيو ويئو آهي. هاڻ ته معاملو ڏکيو ٿي پوندو. ڪنهن کي پنيرو ڪبو، تنهنجي پيڻ کي يا منهنجي ياڻُ کي! خير، آهي ڏينهن به اچن، پوءِ ڏسنداسين. پٽن ۽ ننهرن کان به صلاح وٺبي ۽ خود شمسه جي به مرضي ڏسبي ته هوءِ ٻنهي مان ڪنهن کي ٿي ڪٿي.“ شمسه جي پيءُ ڪِلندي في الحال ڳالهه ٽاري ڇڏي.

ٻئي طرف شمسه راڻيءَ جي حواسن تي رڳو مِنو مگهار ڇانئجي چڪو هو، پر هُو ته مرڳو شمسه جي دل جون تاڪيون کولي اندر وڃي ديرو ڄمائي ويهي رهيو هو. هوءَ هڪ پل به مِنوءَ جي سپاجهڙيءَ صورت وساري نه پئي سگهي، پر سندن گهر ۽ سندن ڳوٺ جو اهڙو ماحول هو جو هوءَ سواءِ دل جو دل ۾ ڪيس ياد ڪرڻ جي، دل جو دل ۾ ساڻس روح رچنديون ڪرڻ جي، عملي طرح هوءَ ڪوبه قدم ڪٽي نه پئي سگهي. ان ڏينهن شادي هال ۾ جيڪو هُن مِنوءَ کان سندس نالو وغيره پڇيو هو، سو به هُن وڏي جرئت ڪري ڪمال ڪري ڇڏيو هو. تنهنڪري هاڻي هُوءَ ڪجهه به ڪرڻ جي حيثيت ۾ ڪانه هئي، سواءِ دل جو دل ۾ ڪيس پوڄڻ جي. اِن عرصي دوران هڪ ٻه پيرا هُن سوچيو به هو ته هوءَ همت ڪري گهر جي ڪنهن نه ڪنهن ڀاتيءَ سان دل جو حال اوري، پر هُوءَ ائين به نه ڪري سگهي. ڇاڪاڻ ته گهر جا سڀئي ڀاتي ڪيس تمام گهڻو ڀائيندا هئا. سو ڪيس خدشو هو، بلڪ پڪ هئي ته اِها ڳالهه ڪري نه رڳو هُوءَ پنهنجو مقصد ماڻي نه سگهندي، پر مرڳو سندس لاءِ بي انتها گهر ڀاتين جو پيار ۽ عزت به وڃائي ويهندي. تنهنڪري هُن دل جو سُور دل ۾ سانڍي رکيو ۽ خاموش رهي.

۽ هيڏانهن وري سندس سوٽ نڪريا ۽ ماساٽ ظهور لاءِ هر ڪا ڌُر ور ڪنجيو ڪوشش ۾ لڳي پئي هئي. هرڪا ڌُر پئي چاهي ته شمسه اسان جي گهر جي ننهن بڻجي. ڳالهيون ڇپن مان نڪري ڪنن تائين پهتيون ته هر طرف کان سندرا ڇڪجي ويا. هاڻ ڇا ڪجي!؟ هڪڙي ڌُر گهران نڪتي ٿي، ته ٻي ڌُر پهتي ٿي. شمسه جا ماءُ، پيءُ ۽ ڀائر مرڳو مُنجهي پيا ته ڪنهن کي راضي ڪجي ۽ ڪنهن کي رنج، نيٺ گهر وارن سڄو بار اُڇلي ڪٽي شمسه تي وڌو، ته تون ئي ٻنهي مان چونڊ ڪري ڪو هڪڙو ڀاڻ لاءِ ڪڻ.

شمسه کي چڱيءَ طرح خبر هئي ته سندن برادر، پنهنجي برادريءَ کان ٻاهر ڇوڪري وٺڻ يا ٻاهر ڇوڪري ڏيڻ کي نه رڳو عيب پر ناقابلِ معافي ڏوهه سمجهندي آهي. شمسه، جيڪا گنريل مهيني ڪن کان سندن گهر ۾ چاچي ۽ ماسيءَ جن جي اچ وڃ ۽ ٽيندڙ آهستي آهستي ڳالهين مان لُطف اندوز ٿي رهي هئي. تنهن جڏهن ڏٺو ته فيصلو منهنجي هٿ ۾ ڏنو ويو آهي، تڏهن منجهس جرئت پيدا ٿي پئي. تنهن ستو جواب ڏيڻ بدران مرڳو سيني کان سوال پڇيو ته: ”ڀلا رڳو انهن ٻن اميدوارن مان چونڊ ڪرڻي آهي يا ڪو ٻيو به آپشن ٿي سگهي ٿو؟!“

شمسه جي اِن سادي سودي سوال جهڙوڪر گهر وارن مٿان اينٽم بم ڪيرائي وڌو هو. جنهن سمورن گهر وارن جا جسم ته نه، البت سندن هوش حواس، سوچ ۽ سمجهه کي ساڙي ڀسم ڪري ڇڏيو هو. ڀيا ته ڀيا، پرسندس پيءُ ۽ ڀائر ائين ٽپ ڏيئي اُٿي بيٺا، ڄڻ ڪين ڪنهن ڪاري چيلاٽي ڏنگي وڌو هو. پٽس هينئان ڦاڙ رڙ ڪري پڇيو: ”ٻيو آپشن وري ڇا؟؟؟ اِهو جن توکي وري ڪنهن مٿي ۾ وڌو آهي؟؟ توکي خبر ڪانهي ڇا ته مرضي پڇڻ جو مطلب فقط اِهو هو ته نڪريا ۽ ظهور مان ئي ڪنهن هڪڙي جي چونڊ ڪر. توکان پڇڻ جو اِهو مقصد هرگز ڪونهي ته تون حد کان اُڪري ٻاهر وڃ ۽ پنهنجي مرضي هلائي ۽ پنهنجو آپشن ڏي! سمجهيئه!! پر هاڻ ظهور ۽ نڪريا جو فيصلو به اسين ڀاڻ ڪنداسين.“ ائين چئي هُو سڀ شمسه جي ڪمري مان نڪري ويا ۽ پٺيان شمسه کي هيڪلو، اُپاٽڪو، بيوس ۽ لاچار ڪري ڇڏي هليا ويا.

۽ اُها رات شمسه ٻاٻرن ٽاندن تي اُگهاڙن پيرن هلندي گذاري هئي. اهڙي بيوسي ۽ لاچارگيءَ جي صورتحال ۾ هن پئي سوچيو ته مون کي ڇا ڪرڻ گهرجي!؟ ڇا مون کي به اهڙي صورتحال ۾ گهيريل ٻين هزارين ڇوڪرين وانگر همت هاري پنهنجي

ڳالهه ڪي اتي ٽڪائيندس تہ مان چانهہ وٺي اچان ۽ پوءِ تنهنجي فرياد ٻڌڻ جوڳو ٿيندس. ٿي سگهيو تہ تنهنجي داد رسي ڪرڻ جي چنتا ڪندس. هينئر آءٌ ڏاڍو ٿڪجي پيو آهيان. چانهہ پيئڻ سان ڪيفين ملندي تہ تازو توانو ٿي ويندس.'

'يار! ڏس تہ سهي جو ڪنهن سان بہ انڪار نہ ٿي ڪري، جو آيو سو اڳهيو. مٺا منهنجي بہ دل چاهي ٿي تہ مان انهن گلن جي ميڙ ۾ ڪانڊيرو بڻجي ساٿس گڏ رهي سندس حفاظت ڪريان.'

'پنج منٽ ماٺ ڪر ويهہ ڪانڊيرا تہ مان چانهہ ۽ سگريٽ وٺي اچان. هتي انتظام تہ ڏاڍا بهترين آهن چانهہ بہ ملي ٿي، پر سگريٽن لاءِ ٻاهر وڃڻو پوي ٿو. ڏاڍي ٻاڙ لڳي آهي. بس هيئن ويس ۽ هيئن آيس.' اڳوڻي ۽ وچين اگر سان چپٽي وڃائي ڏيکاريائينس ۽ وڏيڪ چيائينس تہ تون بہ ڇا ياد ڪندين تہ ڪهڙي سخيءَ سان پاند اٽڪيو، پاڻ ڪي تہ شرم نہ ٿو اچي، ائين نہ، تہ ٻہ ٽي سگريٽ ئي وٺي اچين.'

'يار! مون کي ڪهڙي خبر تہ تو وٽ سگريٽن جي پينگ لڳي پيئي، آءٌ تہ سگريٽ پيئان ڪونہ. هونئن بہ توکي سگريٽ گهٽ پيئڻ گهرجن، گهٽا ٿو پيئين، ٻہ ٽي دفعا تہ دل جي وارڊ جون دلبريون تہ ڏسي آيو آهين، اڃا ڪونہ پيو مڙين، وري ٿئين نہ دل جي وارڊ ۾ داخل.'

'ويهہ. ويهہ. نصيحتون نہ ڪر. مان چانهہ ۽ سگريٽ وٺي اچان ٿو. تون ٿورڙي نظرداري ڪر. جيڪڏهن ڪا ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ اچئي تہ ديدار ڪان پڇجانءِ.'

پوپٽڙي ڇا هئي بس قدرت جو ڪرشمو هئي. زندگيءَ سان ڀرپور، جوانيءَ جي سرڪش جوڀن سان سرشار، چهري جا خوبصورت ۽ دل نشين نقش و نگار، منهن ٻنونئڙڻ‌پر ٿورڙو مستطيل نما، پيشاني ڪشادي جيڪا هن جي ذهين ۽ روشن خيال هجڻ جو ڏس ڏيئي رهي هئي. اکيون چيرويون، روشن ۽ چمڪدار جيڪي سندس تيز طرار هئڻ جي نشاندهي ڪري رهيا هئا. ڀڻ، اکين اڳيان ڍال بڻيل، ڀرون خنجر نما هر وقت قتل ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ڏٺا، سنهڙو ڊگهو هلال جهڙو نڪ، چپ زندگيءَ جي ملاحت ۽ حرارت سان مرڪون وکيريندڙ، جڏهن مرڪي پئي، تہ ڏند ڪنوڻ جيان سرمد جي دل تي بجلي ڪيرائي رهيا هئا. رخسار لالائيءَ سان سڄي محفل کي منور ڪيون بيٺا هئا. وار ڊائي هئڻ ڪري سون جيان جرڪي رهيا هئا. ائين پئي لڳو، تہ ڄڻ ڪنهن عظيم ماهر سنگتراش هن پٿر جي مورت کي پنهنجي عشق جي چيٽيءَ سان، سوز آتش سان تڪميل جي مرحلي مان گذاري، هڪ اهڙو شاهڪار تخليق ڪيو هجي، جنهن جي آڏو خود ڪائنات سجدو ڪندي هجي ۽ قدرت طرفان ڪيس امر جل جو امرت پياري ڪُنُ چئي، هن کي روح سان سيراب ڪري حشر برپا ڪرڻ لاءِ وجود ۾ آندو ويو هجي.

هئو بہ تہ سرمد جي دل تي حشر برپا. جنهن جو اظهار ڪانئس نہ پئي ٿيو. انهيءَ اڻ تڻ سندس دماغ جون سڀ ڪلون ٽيڙي چڏيون هيون. جڏهن بہ هن جي نظر انهيءَ پوپٽڙي تي ٿي پيئي، تہ سندس بدن تي پهريل ميڪسي نما پوشاڪ ڏسي، ان جي رنگن ۾ گم ٿِي ٿي ويو. اها پوشاڪ سندس حسن کي وڌيڪ نکاري هئي. هاڻ اها سرمد کي اکين ۾ چيڻ لڳي هئي. ان پوشاڪ جي حسناڪي اها هئي جو ان کي پوپٽڙي گنريل ٻن ڏينهن کان پنهنجي زيب جي زينت بڻايو هو. لباس مڪمل طور تي جديد ۽ قديم جو سهڻو ميلاپ هو. گج نما ميڪسيءَ تي رنگين ڀرت سان ڀريل شيشن تي جڏهن روشني پوي پئي، تہ روشنيءَ جا ڪرڻا جهڳ مڳ ڪندي، چوطرف اندلٺي رنگن جيان ڦهلجي پيا وڃن. اڃا سرمد انهيءَ نظارن کي ڏسي رهيو تہ اياز چانهہ وٺي آيو ۽ ٻئي ڪاغذ جي گلاس ۾ بي رنگ ۽ بي مزي چانهہ پيئندا رهيا.

"ها، سرمد صاحب ڪيڏانهن وٺي تنهنجي پوپٽڙي؟ ۽ ها توکي ان جي مرڪ ۾، ان جي معصوميت ۾، ۽ ان جي حسن ۽ بي فڪريءَ ۾ ڇا نظر اچي رهيو آهي؟"

"يار گنريل ٻن ڏينهن کان وٺي مان ڪيس ڏسي رهيو آهيان. سچ پڇين تہ هاڻي مون کي انهيءَ جي معصوميت ۾ اڻپورين خواهشن جو عڪس نظر اچي رهيو آهي. لڳي ٿو تہ هي جيڪو ڪجهہ ڪري رهي آهي، اها سندس خواهش نہ پر مجبوري آهي.

محمد قاسم ڪلوئي
ٽنڊو جان محمد



# تصويرون

هُو بند ڪمري ۾، سگريٽ دُکائي، سامهون ڀت تي ٽنگيل تصوير کي ڏسي رهيو هو، جيڪا عورت جي هئي.

وِکريل وار،
اکين ۾ لُڙڪ،
ڦاٽل ڪپڙا.

جنهن کي هو هر هر ڏسندي، سگريٽ ائشٽري تي رکي، ٿڌا ساهه ڀري رهيو هو. ۽ پنهنجي شاهڪار تصوير کي ڀت تان لاهي، سامهون پيل ٽيبل تي رکي چڏيائين ۽ ڪُرسيءَ کي ويجهو ڪري ويهي رهيو، سگريٽ دُکائي، تصوير کي غور سان ڏسڻ لڳو. پاڻ ئي وري سگريٽ جو وڏو ڪش هڻي، پهرين پيل سگريٽ جي پلسي ۾ دُکايل سگريٽ کي رکي، پنهنجي ٺاهيل تصوير سان مخاطب ٿيو.

”تون خاموش ڇو آهين؟“

”تنهنجين اکين ۾ لُڙڪن جون بندون ڇو آهن؟“

”تنهنجا ڪپڙا ليڙون ليڙون ڇو آهن؟“

”اُف! مون کي جواب ڏي.....!“

هُو ٻنهي هٿن سان پنهنجو مٿو جهلي ويهي رهيو، ڪجهه دير ائين ويٺو رهيو، وري اٿيو.....

ڀت تان پنهنجي ٻي ٺاهيل تصوير کي، اُن ليڙون ليڙون ڦاٽل عورت واري تصوير جي ڀر ۾ رکي، وري پنهنجي مُنهن تصويرن سان ڳالهائڻ لڳو.

”هي ڏِس.....!“

”.....ڪيڏي نه خوبصورت آهي..... موتين جهڙا ڏند جنهن سان هوءَ مُرڪي پئي..... ڪارا زلف..... ۽ ..... ۽ زُلفن ۾ خوبصورت گل سجايل..... اکين ۾ ڪجل..... ٻانهن ۾ چوڙيون..... سهڻو ويس.....، تو ۾ هُن ۾ ڪيڏو نه فرق آهي!؟ جيئن ڪنبر ۾ نئين عمارت ۾.....!!!“

هُو ٽٽو ساهه ڀري ٿو.

هُن جو ساهه مُنجهي رهيو هو، هُن آزاد رهڻ ٿي چاهيو.

هُن پنهنجي ڪمري جي دري کولي، ۽ ٻاهر نهارڻ لڳو.

ٻاهر هِن کي سڀ خوش نظر اچي رهيا هئا، گلن جون قطارون، سائي چِهر، جنهن مٿي فرشتن جهڙا ٻارڙا راند ڪيڏي رهيا هئا، گل هڪبئي سان هوا جي آڌار تي رانديون ڪري رهيا هئا. هُن وري پنهنجي ڪمري جي پٺئين دري کولي ته ڏٺائين ته لوڙهن وارن گهرن ۾ خالي ٿانءُ چُلهن تي چڙهيا پيا هئا، اُگهاڙن لڱن سان ننڍڙا ٻارڙا، اُداس چهرن سان، اُنهن ٿانون ڏانهن نهاري رهيا هئا. ٻارن جي چهري تي نه ڪا خوشي، نه ڪا مُرڪ ۽ نه ئي وري ڪي ٽينگ ٽپا.....

هن کي هر شيءِ اُداس نظر اچڻ لڳي.

هن سوچيو،

ڇا هي مُرده آهن؟؟

بي جان، بيڪار، اڻ واقف، اڻجاتل، اُجايل، هر خوشي کان وانجهيل، نه نه نه..... هي..... هي مُرده ناهن!

هي سڀ فريب آهي..... سراسر دوکو.....!

پر..... پر دوکا به انسان ۾ ئي هوندا آهن.

مگر..... مون ته ڪڏهن به ڪنهن سان دوکو نه ڪيو آهي، پوءِ..... پوءِ منهنجون تصويرون نمائش لائق ڇو نه آهن؟؟

شايد..... شايد منهنجين تصويرن ۾ ڪُڙو سچ سمايل آهي.

پر سچ ته بيٺو نچ.....!

جي ائين آهي ته پوءِ.....

منهنجون سچ ۾ سمايل تصويرون بند ڪمري ۾ ڇو آهن؟

مون اوهان جي سچي عڪاسي ڇو ڪئي؟

هن سماج ۾ ڪهڙي وقعت آهي سچ جي....

اوهان ڪي ڪير پيو ڏسي،

اوهين ته مورڳوئي مون ڪي چيڙائي رهيون آهيو.

ها.... اڄ فيصلو ٿيڻ گهرجي....

هُو اُٿيو ۽ پنهنجون تصويرون ميڙي سيڙي بازار جي وچ ۾ ڪٽي آيو، هڪڙي ڪلاڪ اندر سڀ تصويرون وڪامي ويون.

ڪا ڪنهن جي بيڊ روم لاءِ!

ڪا ڪنهن جي ڊرائينگ روم لاءِ!

ڪا ڪنهن جي هوٽل لاءِ!

ڪا ڪنهن جي اوطاق لاءِ!

ته ڪا ڪنهن جي ڊائينگ هال لاءِ!

بس منهنجي سچ جو اهو ڪارج ۽ قدر....

سوَن جا چند نوٽ....

هُو چرين وانگر پنهنجي منهن چئي ٿو: ”ڇا ڪريان هي نوٽ....“

”بي حسو منهنجون تصويرون مون کي واپس ڏيو؟“

هُو روئي پيو.

”منهنجون تصويرون مون کي واپس ڏيو.... واپس ڏيو....“

هُو اوڇنگارون ڏئي روئڻ لڳو.

هُو ٿڪي پيو هو....

.... ۽ سچ، نوٽن جي آڌار تي اڳهامي ويو. شوپيس ۽ ڊيڪوريشن پيس جيان.

▣

## نئون ڪتاب




**ڪتاب:** ٿرپارڪر جو مطالعو

**(موجوده ميرپورخاص ڊويزن جي تاريخ ۽ جاگرافي تي تحقيقي مقالا/مضمون)**

**مصنف ۽ محقق:** ”معمور“ يوسفاڻي

**مرتب:** ڊاڪٽر اسد جمال پلي

**ڇاپو پهريون:** 2021ع

**قيمت:** -/500 رپيا

**ڇپائيندڙ:** ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ ڪراچي

▣

آدرش ٿهيم



# ۽ نيٺ مون اظهار ڪري ڏنو

”خديجه اڄ ڪھڙين سوچن ۾ گم آهين؟“ مون پڇيو.

”بس ڪي نه هونديون... هُن وراڻيو.

”ها پر مون کي به خبر پوي ته ڳالهه ڇاهي؟“

”زبير ياد ٿي اها ڳالهه.“

ڪهڙي ڳالهه...؟“

”جنهن پاڻ سنڌالاجي هليا هئاسين...“

”ها بلڪل هليا هُئاسين...“

”تنهن تو مون کي ڪجهه چيو هو...“

”اُن ڏينهن ته مون گهڻو ڪجهه چيو هو، پر تون الائي ڪهڙي ٿي ڳالهه پُڇين؟“

”جنهن پاڻ بيٺي سنڌالاجي گهُمي پوءِ علامہ آءِ آءِ قاضي ۽ ايلسا قاضيءَ جي مزارن تي هليا هئاسين ته اُتان موٽندي جهڙي مهل ڏاڪڻ تان هيٺ پيا لهون ته مون کي چيو هو خديجه تون پلي چمار ۾ به سال مون کان وڏي آهين پر تنهن هوندي به...“

سندس جملو ڪٽيندي وراڻيم.

”ها چيو هيم.“

”اُن جي وضاحت ڪر...“ هن چيو.

”ها خديجه... پلي تون مون کان چمار ۾ ڪيتري به وڏي هجين پر اُلفت واري نگاهه سان مون کان الاهي ننڍي ٿي لڳين.“

”معنيٰ ته محبت واري نگاهه ۾ تون مون کان وڌ آهين ۽ اُئون گهٽ...؟“

”مون ڪڏهن چيو؟“

”هاڻي هيءَ پاڻ ڇا چيو ٿي؟“

”ته ان ۾ توکي ڪهڙي ڳنتي اچي ورايو آ؟“

”جيئن اُئون عمر ۾ به سال توکان وڏي آهيان تيئن ٿي توکي وڏيڪ ڀائيندي آهيان.“

”هاڻو سانئڻ هاڻو مجيوسين.“

”الائي متان ڪٿي شڪ ۾ هجين.“

”اڳ ۾ ڪڏهن توتي شڪ ڪيو آ؟“ مون پڇيو.

”نه...“ هن وراڻيو.

”پوءِ به...؟“ مون چيو.

”اڙي نه يار، ڪِل ڪَندي آهيان توسان.“ منهنجا ٻئي هٿ پنهنجن هٿڙن ۾ ڏيندي هن چيو.

”سا ته مون کي به خبر آهي“ مون سندس نرم هٿڙن جي آڱرين ۾ پنهنجون آڱريون ڏيندي چيو.

خديجه ۽ منهنجي وچ ۾ هلندڙ ڪچهريءَ ۾ ڪجهه گهڙين لاءِ خاموشي ڇانئجي وئي، ٻنهي جي ڳالهائڻ ۾ جُمود اچي ويو، ڪجهه پَل خاموش رهڻ کان پوءِ مان جُمود ٽوڙي خديجه سان مخاطب ٿيس ”خديجه...“ اهو چئي وري گهڙي ڪن لاءِ ماٺ ٿي ويس.

”جيءُ جوانؤ...“ هن وراڻيو.

”خديجه...“ هڪ ٻيهر ٻيرو چيم.

”ها ها... ٻڌاءِ ڇا ڳالهه آه؟“ هن پڇيو.

”توسان هڪ ڳالهه ڪريان...؟“ مون پڇيو.

”ڀلي ڪر“ هن وراڻيو.

”بس ڇڏ...“ مون چيو.

”وري ڏس هاڻي...“ هن چيو.

”بس ڪڏهن ٻي مهل ڪندس...“ مون چيو.

”ڇو ڀلا؟ هاڻي تو وٽ ٽائيم ڪونهي؟“ هن پڇيو.

”آهي...“ مون وراڻيو.

”ته پوءِ...؟“ هن چيو.

”ڪڏهن ٻي ٽائيم ڪندس.“ چيم.

”هاڻي ڇا آهي؟“ هن پڇيو.

”گهڻي وقت کان ڳالهه لڪائيندو پيو اچان ته توسان ڪيئن ڪريان؟“ مون چيو.

”سچ پچ؟“ هن تعجب وچان چيو.

"ها خديجه..." ڪجهه پل خاموش رهي وري چيم "ڳالهه ٿي اهڙي آهي."

"ها ته پوءِ ٻڌاءِ نه اجايو انتظار ۾ رکيو ٿي" خديجه بي صبريءَ وچان چيو.

" خديجه تنهنجا مائٽ تنهنجو سَڱ ڪهڙي هنڌ ڪن؟" مون پڇيو.

"اڃان ته ڪا اهڙي ڳالهه ڪونه ٿي آ" هن وراڻيو.

"جيڪڏهن ڪن ته...؟" مون پڇيو.

"جڏهن وقت آيو ته ان ڳالهه کي ڏسنداسين." هن چيو.

"تنهنجي ويجهن مائٽن ۾ ضرور ڪو تنهنجو چاهيندڙ ته هوندو؟"

"الائي ڪهڙي خبر..."

"جي هُجي ته...؟"

"ويلڪم..."

"پوءِ هن سان تون لانئون لهندئين؟" مون پڇيو.

"...ءَ جيڪڏهن لهان ته؟" هن پڇيو.

"جيڪا تنهنجي مرضي" مون وراڻيو.

"تون ڇا ٿو چئين؟" هن پڇيو.

"مون سان...؟" مون چيو.

"مون نه سمجهو..."

"مونِ سان لانئون نه لهندئينءَ؟" مون اهو وزنائتو لفظ چئي ڏنو، خديجه اهو ٻڌي خديجه خاموش ٿي وئي شايد اندر ۾ ڪجهه سوچيندي رهي، مون سمجهيو ته هن کي اها ڳالهه نه وڻي آ تڏهن خاموش ٿي وئي آهي، اندر ۾ پڇتائڻ لڳس ته مون کي اهي لفظ نه چوڻا هئا جنهن سان خديجه رنجيده ٿي آهي ايتري ۾ هن وراڻيو.

"قسمت چاهيو ته ائين به ٿيندو."

"پر تون نه ٿي چاهين" مون چيو.

"اڃان به شڪ ائين مون تي..." مُرڪندي چيائين، هن جو مُرڪندڙ چهرو ۽ اهي لفظ ٻڌي مون به کِلي ڏنو ۽ کِل واري حالت ۾ چيم.

"ڇا ٿو چئي سگهجي....؟"

"تون، بابا ۽ امان وارن ڏي اڄ ۽ ڪين منهنجي سڱ جي ڳُهر ڪر." هن چيو.

"ڇو ٿي مون کي مارائين..."

"نه نه... ماريندا ڇو؟" هن پڇيو.

"ته ٻيو باقي گُلن جا هار پارائيندا؟" اهو جملو ٻڌي هوءَ ڏاڍو کِلي جڏهن کِل گهٽ ٿيس پوءِ وراڻيائين: "ٿي سگهي ٿو متان پارائين به..."

"مون کي نٿو لڳي."

"پوءِ اهي تنهنجا ڀاڳ آهن..."

" خديجه، سچ ٿو چوانءِ تنهنجي نماڻپ ۽ سنجيده طبيعت مون کي پنهنجو ڪري ڇڏيو آهي."

"اهڙي ڪهڙي خوبي مون ۾ سمايل آهي جنهن کي ڏسي تون موهت ٿيو آهين؟"

"گهڻو ڪجهه آهي."

"ڪجهه به ناهي مون ۾."

"سڀڪجهه آهي."

"هاءِ هاءِ..."

"صدقو وڃانءِ اهڙي ورتاءُ تي."

"ويلڪم ڊيئر ويلڪم..."

"ٿئنڪس ڊيئر..."

"جيڪڏهن تنهنجا مائٽ راضي ٿي وڃن ته پوءِ؟" مون پڇيو.

"ان کان وڌ ٻيو ڇا کپي؟"

"ءَ تنهنجي ڳوٺ وارا مائٽ اعتراض ڪن ته پوءِ ڇا ٿيندو؟"

"ڪجهه ڪندا پر گهٽي پاڳي نه ڪندا."

"تنهنجي امڙ راضپو ڏيکاريندي؟"

"ها بالڪل ڏيکاريندي، ان کي پنهنجي خبر آهي هڪڙي پيري مون پنهنجي موبائيل ۾ تنهنجو فوٽو امڙ کي ڏيکاريو هو."

"پوءِ ڇا چيائين؟"

"بس ڪجهه به نه....."

خديجه جون هاڪاريءَ ۾ ڪيل ڳالهيون منهنجو ڊپ گهٽائينديون ويون، هن به اُسٽي طرح پنهنجو سمورو راز ٻڌائي ڇڏيو هو، ان ڏينهن تي مون ڪجهه وڌيڪ ڄاتو ۽ هن کي پنهنجي ويجهو محسوس ڪيم.

خديجه موبائيل ۾ ٽائيم ڏسي پوءِ مون کي چيو:

"زبير هَل ته هلون پوائنٽس واري اسٽاپ تي پنهنجي ٽنڊي آدم واري پوائنٽ جو ٽائيم ويجهو ٿيو آهي."

"ڀلي..... جيڪا توهان جي صلاح."

"اچ ته هلون...."

"ڀلي ڀلي....."

اسان ٻئي ڄڻا آرٽس فيڪلٽيءَ جي ٻر واري ميدان تي اسٽاپ تي پهتاسين ته اتي ٻين پوائنٽس سان گڏ ٽنڊو ڄام واري پوائنٽ به بيٺي هئي پوءِ اسان ٻئي ڄڻا ان ۾ ويٺاسين. اسان ٻئي انگريزي شعبي ۾ فائينل ايئر ۾ پڙهندا هئاسين، ٻئي گڏ ٽنڊي ڄام واري پوائنٽ تي اچ وڃ ڪندا هئاسين.

گهڻن ئي ڏينهن کان پنهنجو پاڻ ۾ ويچار ڪري رهيو هئس ته ڪيئن خديجه سان اظهار ڪريان؟ ڇا چوان؟ ڪٿان ڳالهه شروع ڪريان؟ اهڙي قسم جا ويچار منهنجي ذهن ۾ گهمندا رهيا ۽ نيٺ مون اظهار ڪري ڏنو.

## نئون ڪتاب



ڪتاب: سنڌ پرين ۽ سان

موضوع: ناول

ليکڪ: ٻانوڌر محمد برڙو

ڇاپو پهريون: مارچ 2021ع

قيمت: 300/- رپيا

ڇپيندڙ: ڪاڇو پبليڪيشن ڪراچي

## مؤرخہ 16 جولاءِ 2021ع تي بورڊ آف گورنرس جو ڪوٺايل اجلاس



سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين مخدوم سعيد الزمان 'عاطف' جي صدارت هيٺ بورڊ آف گورنرس جي اجلاس ۾ سيد سڪندر علي شاهه (سيڪريٽري) ۽ بورڊ جي معزز ميمبرن محترم سرفراز راڄڙ، ڊاڪٽر دُر محمد پٺاڻ، محترم مختيار ملڪ، ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو، ڊاڪٽر اسد 'جمال' پلي، محترم سيد شبير علي شاهه 'هاتف'، ڊاڪٽر نوازعلي شوق، مئڊم نذير ناز ۽ مئڊم ڊاڪٽر ممتاز ڀٽو شرڪت ڪئي





ڊاڪٽر دُر محمد پٺاڻ صاحب جي صدارت هيٺ پبليڪيشن ڪميٽيءَ جي گڏجاڻيءَ ۾ ايڊيٽوريل بورڊ جي معزز ميمبر ڊاڪٽر نواز علي شوق، سيد سڪندر علي شاھ (سيڪريٽري)، ثمينہ ميمڻ (ايڊيٽر مهراڻ)، نجمہ پنهور (ايڊيٽر گل ڦُل)، گلبدن جاويد (ايڊيٽر سرتيون)، ڊاڪٽر اسد ’جمال‘ پلي( ايڊيٽوريل بورڊ ميمبر)، دبير مرزا (انچارج پبليڪيشن) ۽ رفيق جمالي شرڪت ڪئي

[ 27_8_2021]



ڊاڪٽر دُر محمد پٺاڻ صاحب جي صدارت هيٺ پبليڪيشن شعبي جي ڪارڪردگي جي حوالي سان ڪميٽيءَ جي گڏجاڻيءَ ۾ بورڊ جي معززميمبرن ڊاڪٽر نواز علي شوق، ڊاڪٽر اسد ’جمال‘ پلي، دبير مرزا (انچارج پبليڪيشن) ۽ رفيق جمالي شرڪت ڪئي



چيئرمين سنڌي ادبي بورڊ مخدوم سعيد الزمان ’عاطف‘ ٽه ماهي ”مهراڻ“، ماهوار ”سرتيون“ ۽ ماهوار ”گُل ڦُل“ جي ايڊيٽرن سان رسالن بابت ڳالهائي رهيا آهن



چيئرمين سنڌي ادبي بورڊ مخدوم سعيد الزمان ’عاطف‘ ”بيوٽيفڪيشن پلان“ لاءِ لاڳاپيل ملازمن کي هدايتون ڏيندي





چيئرمين سنڌي ادبي بورڊ مخدوم سعيد الزمان ’عاطف‘’سنڌ ٽي وي نيوز چينل‘ جي پروگرام ”منظر پس منظر“ جي ميزبان محترم فهيم ٻير سان سنڌي ادبي بورڊ جي مسئلن تي گفتگو ڪندي



ڊاڪٽر نوازعلي شوق
ڪراچي

# گربخشاڻي وارو شاهہ جو رسالو- پيرومل جي نظر ۾

(ادبي جائزو)

گهڻي وقت کان اها ضرورت محسوس ٿي رهي هئي تہ شاهہ جي رسالي مان ڌاريو ڪلام ڌار ڪري، شاهہ جي ڪلام جو مستند نسخو تيار ڪيو وڃي. ڇاڪاڻ تہ ٽرمپ وارو شاهہ جو رسالو ۽ بمبئيءَ مان ڇپجندڙ شاهہ جا رسالا غير معياري ۽ غير مستند هئا. انهن ۾ شاهہ جي ڪلام سان گڏ ٻين شاعرن جو ڪلام پڻ شامل هو.

ڊاڪٽر گربخشاڻي ڀرپور عالم آهي، جنهن کي ان ڳالهہ جو احساس ٿيو ۽ هن وڏي محنت ڪري قلمي ۽ ڇاپي نسخا آڏو رکي، شاهہ جو مڪمل رسالو ڇهن جلدن ۾ تيار ڪيو. ان جا ٽي جلد هن پنهنجي خرچ تي ڇپرائي پڌرا ڪيا، پر افسوس جو چوٿون جلد ڇپجڻ کان رهجي ويو. اهو چوٿون جلد ڪيڏانهن ويو؟ ان جي اڄا تائين ڪا خبر پئجي نہ سگهي آهي. چون ٿا تہ هن اهو جلد پريس ۾ ڇپجڻ لاءِ ڏنو هو. اها ڪهڙي پريس هئي؟ اها بہ خبر ناهي. شايد اهو مسودو ان پريس مان ئي غائب ٿي ويو يا ڪو شاهينگ ٽڳائي، ويو. بهرحال، ان جي ڳولها ضرور ڪرڻ گهرجي، ملڻ جو آسرو گهٽ آهي، پر ڳولها ڪرڻ سان مَن ملي پوي.

وڏي عرصي کان پوءِ ثقافت کاتي ۽ ڪن ٻين خانگي اشاعتي ادارن گربخشاڻي وارو شاهہ جو رسالو ڇپرائي پڌرو ڪيو، پر انهن ۾ پروف جون تمام گهڻيون چڪون آهن. تنهنڪري رسالو پڙهڻ کان پوءِ پڙهندڙ کي تمام گهڻو ڏک ٿيو.

انتهائي خوشي جي ڳالهہ آهي تہ ثقافت کاتي محسوس ڪيو، تہ گربخشاڻي وارو رسالو جن ادارن ڇپرايو آهي، سو پروف جي چڪن سبب ناقص آهي. محقق ان مان فائدو حاصل ڪري نہ ٿا سگهن. رسالو جهڙو ڇپيو، تهڙو نہ ڇپيو. ان ۾ ايتريون تہ پروف جون چڪون آهن، جو پڙهڻ کان پوءِ مايوسي ٿئي ٿي. ان کان بهتر هو تہ اهو رسالو نہ ڇپرايو وڃي ها. تنهنڪري هنن اهو ضروري سمجهيو تہ گربخشاڻي جو اهڙو رسالو ڇپرائڻ گهرجي، جنهن ۾ پروف جون چڪون نہ هجن. محترم مددعلي سنڌي جي مشوري سان گربخشاڻيءَ واري شاهہ جي رسالي جي ٽنهي جلدن جو عڪس وٺي، هوبهو ساڳيو گربخشاڻي وارو رسالو (ٽن جلدن ۾) سن 2018ع ۾ ڇپرائي پڌرو ڪيو ويو، تہ شاهہ جي شيدائين، اديبن، عالمن ۽ محققن کي تمام گهڻي خوشي ٿي. ان جو عالماڻو مهاڳ ناموَر اديب ۽ دانشور محترم مددعلي سنڌي لکيو آهي، جنهن ۾ هن گربخشاڻيءَ جي سوانح ۽ سندس جوڙيل رسالي جي اهميت ۽ چوٿون جلد گم ٿيڻ بابت ڪافي تفصيل سان لکيو آهي.

جيئن تہ ڊاڪٽر گربخشاڻي پنهنجي تحقيق موجب رسالي ۾ نِجو شاهہ جو ڪلام شامل ڪري پنهنجي سوچ مطابق مختلف نسخن ۾ آيل ٻئي ڪلام کي رَدي ۽ بيڪار سمجهي، ڪڍي ڪري ڇڏيو. هن بمبئي ڇاپي واري رسالي کي صفا ردي سمجهيو. ٻلڙيءَ واري قلمي نسخي کي بہ معتبر نہ سمجهيو، پر هن جيڪو ڪلام ڪڍي ڇڏيو، ان بابت بہ ڪا وضاحت نہ ڪيائين، تنهنڪري سندس ان عمل تي پنهنجن ئي هندو اديبن واريلا مچائي ۽ مٿس تنقيد ڪئي.

جڏهن گربخشاڻيءَ شاهہ جي رسالي جو ڀرپور ڀاڱو ڇپرايو تہ ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ ڄيٺمل پرسرام پنهنجي اخبار 'ڀارت واسي' ۾ انهيءَ تي سخت تنقيد ڪئي. هن گربخشاڻيءَ کي ٽن خونن جو مجرم سڏيو:

1. سنڌي ٻوليءَ جو خون: گربخشاڻي ڄاڻي ٻُجهي سولا ۽ سليس سنڌي لفظ ڇڏي ڳورا عربي ۽ فارسي لفظ استعمال ڪيا آهن.

(ص:23) حالانڪ هن خود ڪن لفظن جون غلط معنائون ڏنيون آهن، تنهن ڪري ڪيس لغت نويس تي طنز نہ ڪرڻ کپي ها.

ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي مهاڳ جي آخر ۾ لکيو آهي تہ، "منهنجي ويچار ۾ اهڙن ٿورن اختلافن جي باوجود، پيرومل جا اهي تنقيدي مضمون، شاهہ جي رسالي جي اڀياس لاءِ اڄ بہ گهڻي اهميت رکن ٿا. اهي ڇاڻ-آلو ڇنا (Textual Criticism) جا سهڻا مثال آهن شاهہ جي ڪلام جي تحقيق جي ڏس ۾، پيرومل جو ناءُ اهڙين لکڻين جي ڪري امر آهي."(ص:26)

پيرومل لکيو آهي تہ، "اسان دنيوي ماڻهن لاءِ، خاص ڪري پنهنجي مادري زبان سان چاهہ رکندڙن لاءِ علمي نڪتہ چيني ساهت جي سڌاري واسطي ضروري آهي. اهڙي خيال سان مان ڪي معنائون ڏسيان ٿو، جي مُنهنجي نظر ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي معنائن کان بهتر آهن." ان جا هن ڪجهہ مثال ڏنا آهن: هتي نموني طور ٽي مثال پيش ڪجن ٿا:

1. اسان اڏارا، آٽي آونگ چاڙهيا. (سامونڊي-3)

پيرومل گربخشاڻي واري معنيٰ سان اختلاف ڪندي هيءَ معنيٰ ڏني آهي. لکي ٿو تہ، "جتي پتڻ لانگهائو پنڌ هوندو آهي، تتي خاص ڪري ميربحرائيون، اورينءَ پر توڙي پرينءَ پر، وٽن يا ٽنين ٺوٺين سان ٺلهي رسي ٻڌي، ٻيڙي هاڪارڻ مهل انهيءَ رسيءَ کي ڇڪينديون وينديون آهن، تہ ٻيڙي پاڻهي هلندي آهي ۽ ونجهہ يا اولي جو ڪپ ڪونہ پوندو اٿن. اٿين رسي جهلي، تڪڙيون اينديون وينديون آهن، تہ مسافرن کي گهڻو سيڙاپو نہ ٿيندو آهي ۽ پاڻ بہ جهٽ پٽ پاڙو ڪمائي وٺنديون آهن. 'آونگ' نج فارسي لفظ آهي ۽ معنيٰ اٿس نوڙي وغيره جا ٽنگڻي. انهيءَ ڪري آونگ معنيٰ ڇڪو بہ آهي. ڇاڪاڻ تہ ڇڪو بہ ٽنگيو آهي."

ڊاڪٽر گربخشاڻي 'آونگ' جي معنيٰ لکي آهي 'ديڳڙا' 'باسڻ' يا 'برتڻ' هٿن بہ لکيو اٿس تہ هن بيت ۾ وڻجاري پنهنجي مسڪين حالت تي غم ڪاٽي ٿي. پيرو مل لکي ٿو تہ، "آونگ جي معنيٰ 'ديڳڙا' ۽ رڌڻ پچائڻ جا باسڻ بہ آهي، پر سُر سامونڊيءَ ۾ ڳالهہ آهي ٿي وڻجارن (واپارين) ۽ ٻيڙيءَ وارن جي، تنهن ڪري مون واري معنيٰ (ٽنگيل رسي) وڌيڪ سونهندي. انهيءَ معنيٰ سان وڻجاريءَ جي هيڪاري وڌيڪ سقيم حالت معلوم ٿئي ٿي. ڇاڪاڻ تہ ديڳڙا ۽ ٻيا باسڻ برتڻ مهانگا ملن ٿا، ۽ رسيءَ ٽڪر گهڻو خرچ نہ ٿو ڪائي. هتي وڻجاري چوي ٿي تہ، "اهي رسيءَ ٽڪر بہ مون اڏارا آٽي چاڙهيا آهن." 'آرنگ چاڙهڻ' معنيٰ ٻيڙيءَ جي مٿان رسي ٽنگڻ. ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ معنيٰ ورتي آهي: 'چلهہ تي ديڳڙر چاڙهڻ'" (ص:134)

2. ميهار ملاحن کي، اُبو آڇي اڄ
آڻ پڻ وجهان هٿڙا، اٿين پڻ وجهو رڄ
سندي ڪُن ڪڇ، مانَ هُونِ سلامت سپرين.

گربخشاڻي اڄ جي معنيٰ 'لسي' ٻڌائي آهي. پيرومل ڊاڪٽر گربخشاڻي واري معنيٰ سان اختلاف ڪندي ان لفظ جي معنيٰ درياهہ جي پاڻيءَ جي اڄ ٻڌائي آهي، جيڪا صحيح آهي. (ص:135)

3. وڏا وڻ وڻڪار جا، جت جاٺو، جمر، جر

گربخشاڻي لکيو آهي تہ،"اهي ٽيئي وڻ ۽ ٻوٽا آهن، هرهڪ لفظ جو سنسڪرت بنياد بہ ٻڌايو اٿس. پيرومل ان علائقي جي رهاڪوءَ جي تصديق بعد لکيو آهي، تہ اهي جبل آهن ۽ انهيءَ مناسبت سان انهن وسندين جا نالا آهن. يعني اهي وسنديون آهن." (ص:137)

پيرومل پنهنجي اٺين يعني آخري مضمون ۾ لکيو آهي تہ، "ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي رسالي جو جُلد پهريون ڊسمبر 1923ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو هو. انهيءَ وقت ئي سندس رسالي ۾ ڪي ٿوريون ٿوريون خاميون نظر آيون هيم. سنڌي لغت نويس جي لاڪ لاٿي اٿس، سا ڳالهہ تڏهن ئي ڪانہ وڻيم. انهن ڳالهين بابت مون پنهنجا ويچار اڃا ظاهر ئي ڪين ڪيا، تہ اوچتو مسٽر جيٺمل پرسرام، پنهنجا ڪي اور نموني جا اعتراض اٿاري، ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي ساري ڪمائي ڪٽ ڪري ٿي ڇڏي، سا ڳالهہ هيڪاري ڪين وڻيم، جو هيءُ رسالو سڀني موجود نسخن کان هر طرح بهتر سمجهيم. ان وقت ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ سان فقط رام ست (دعا سلام) جو رستو هوم، تہ بہ سندس

محنت جو قدر سڃاڻي، مسٽر ڄيٺمل سان اخبارن ۾ بروقت سوال جواب ڪيم ۽ اها راءِ زني بند ڪرايم. ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي پوءِ وڏيڪ ڪم ڪرڻ تي دل وري ۽ رسالي جو جلد ٻيون ۽ ٽيون به ڪڍيائين. انهن ۾ به ٿوريون ٿوريون خاميون آهن، ته به ايترو چئبو ته محنت ڪرڻ سان پنهنجي وسان گهٽايو ئي ڪين اٿس، جنهن لاءِ بيشڪ آفرين لهڻيائين. انهن ٽنهي جُلدن ۾ اسان کي ڪي سڌارا ڪپن، ته اهي ڳالهيون سنڌن ڏيان تي آڻڻ اسان جو ئي فرض آهي." (ص:142) خود گربخشاڻي به رسالي جي مقدمي ۾ لکيو آهي ته..."هي ڪم آخري ڪونهي، اميد اٿم ته هن کان پوءِ ڪو عالم اچي شاهه صاحب تي ڪم ڪندو ته منهنجو پورهيو جهڙوڪر پنهنجو ملهه حاصل ڪندو."

ڀيرومل گهڻي ڀاڱي رسالي جي مُنڍ يعني مقدمہ لطيفي بابت لکيو آهي. ٻئي ڪنهن به ان بابت رايو نہ ڏنو هو. ڀيرومل ٻهريون عالم آهي، جنهن ديانتداريءَ سان ان تي تنقيد ڪئي آهي. جيئن پاڻ ئي لکيو اٿائين ته، "حقيقت ۾ منهنجا هي ليک 'رسالي' سان ايترو تعلق نہ ٿا رکن، جيترو رسالي جي مُنڍ واري مضمون (مقدمہ لطيفي) سان، ان جو تنقيدي اڀياس اڄ تائين ڪنهن به ڪو نہ لکيو هو، خود مون کي لکڻ جو موقعو ڪونہ مليو هو. مسٽر ڄيٺمل کي مسين مسين بس ڪرايم تنهن کان پوءِ مان وري پنهنجو نئون راڳ شروع ڪريان ها، سا ڳالهه مون کي سهڻي نہ ٿي لڳي. رسالو اسان کي اهوئي قبول ڪرڻو آهي. مون کي آسرو ڪونهي ته ايندڙ پندرهن ويهن ورهين ۾ ڪو هن کان به بهتر نسخو ڪڍندو. وقتي پنجاهہ ورهيہ به لڳي وڃن ته عجب ڪونهي. انهيءَ حالت ۾ واجب ڄاتو اٿم ته، هن رسالي جي نئين سر اڀياس ڪرڻ کان پوءِ جيڪو پنهنجو آزمودو ٿيو اٿم، تنهن پٽاندر هن نسخي کي سڌارڻ جون واٽون ڏسيان. هيءَ ڪا خانگي ڳالهه ڪانهي، جا ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ کي ڪن سن ۾ ٻڌائي ڇڏيان. سندس رسالي بابت ٿوري گهڻي ڇوٻڇوڙ جڏهن هاڻ وري شروع ٿي آهي، تڏهن ان بابت ڳجهه ڳوهہ ۾ ڳالهيون ڪرڻ، سو ٿيندو "سيندي ۾ مارئي ڳائڻ." (ص:143)

مقدمہ لطيفي بي. اي. جي نصاب ۾ رکيل هو. ڀيرومل اهو پڙهائيندو هو. ان جي تعريف ڪندي لکيو اٿائين ته، "ڪتاب جي جيتري تعريف ڪجي، تيتري ٿوري. منهنجو شخصي رايو هي آهي، ته اهو ڪتاب هميشه لاءِ مقرر ٿيڻ گهرجي. ڇاڪاڻ ته ان ۾ ڪيتريون ئي اهڙيون ڪارائتيون ڳالهيون آهن، جن جي شاگردن کي ضرور خبر هئڻ گهرجي. سڄي سنڌي ساهت ۾ مون کي ٻيو ڪو اهڙو نثر جو ڪتاب سجهي ئي ڪونہ، جنهن ۾ شاهه صاحب جي حياتي، رسالي جي احوال، سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد، شاهه جي سنڌي، شعر جي شناس ۽ ٻين اهڙين علمي ڳالهين جو ذڪر هڪ هنڌ هيڪاندو ڏنل آهي اهڙا ٻيا به ڪي ڪتاب نڪرن، ته پوءِ ڪٿي واري وٽيءَ سان پاڙهجن، پر حال آهي ئي رڳو اهو، ته اهو ته ضرور پاڙهڻ گهرجي. ڪتاب آهي جنسي سون جو ٽڪر، پر ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ منجهس مٽ جو ڳوڙهو ڳنڍي ڇڏيو آهي جنهن سندس سڄي رسالي جو قدر گهٽائي ڇڏيو آهي." (ص:144)

ان کان پوءِ ڀيرومل لکيو آهي ته،"منهنجو مکيہ اعتراض آهي سندس لکڻيءَ تان. لکڻي ٻي طرح سٺي اٿس، پر ڪن ڪن هنڌن لکڻ جو اهڙو ڍنگ اختيار ڪيو اٿس، جو نڪي پڙهندڙن، نڪي پاڙهيندڙن کي وڻي ٿو. حيدرآباد ۽ شڪارپور ۾ ڪاليج جڏهن کليا آهن، تڏهن اڄ تائين مون ڪڏهن منجهن پير به ڪو نہ پاتو آهي، ته به سمجهي سگهان ٿو، ته انهن ڪاليجن ۾ به اها اڻ وڻندڙ حالت ويڇهڙائيءَ ۾ هن ڪتاب جي مقرر ٿيڻ کان پوءِ پيدا ٿي آهي. مون به انهيءَ ڪري ئي ان جو هيٺئر ذڪر ڪيو آهي، ۽ جيڪي ٻيا سڌارا ڏسڻا اٿم، هيٺئر ڏسيان ٿو. اڻ وڻندڙ حالت سچ پچ پيدا ٿي آهي، تنهن لاءِ اول هڪ پڪي پختي ثابتي ڏيان ٿو." (ص:144)

مثال: رسالي جي تصنيف ۽ تاليف جو ذڪر ڪندي فصل ڏهين ۾ لکيو اٿس ته، "خود ٻٽ ۽ بلڙيءَ وارن نسخن ۾ ناچن ۽ مسخرن واريون وايون داخل آهن."

ان مان ظاهر ٿيو ته پيرومل رڳو لفظن جي معنائن ۽ ان جي ذاتن کي غور سان پڙهي اِئين چوڻ تي مجبور ٿيو. ان کان پوءِ ”حقيقتن جون غلطيون“ عنوان هيٺ ٻڌايو اٿس ته ”گربخشاڻي رسالي جي جلد پهرين ۾، سهڻي ميهار جي قصي جي مُنڍ ۾ لکيو آهي ته، ”اهي هئي عاشق، مغل خاندان جي مشهور بادشاهه شاهه جهان (1627-1655ع) جي زماني ۾ ٿي گذريا آهن.“ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ کي ٻه ياد ڏياريم، ته رسالي ڪريميءَ ۾ سهڻيءَ بابت ڪي بيت، قاضي قاضن (قادن) جا جوڙيل درج ٿيل آهن. قاضي قاضن (قادن) 1551ع ڌاري وفات ڪئي، هن مان پترو آهي ته سهڻي ميهار جو قصو قاضي قاضن (قادن) کان به اڳي سنڌ ۾ مشهور هو، جنهنڪري ڪيس انهن بيتن جوڙڻ جو خيال آيو.“(ص:159)

ان ريت پيرومل ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي تاريخ بابت غلط بياني ڏانهن اشارو ڪيو آهي. پيرومل، ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ واري رسالي بابت لکيو آهي ته، ”ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي رسالي بابت گهڻا ليک لکيا اٿر. انهن منجهان اِئين سمجهڻ نه گهرجي ته سندس رسالي ۾ خاميون گهڻيون آهن. مون گهڻو بيان رسالي جي جڙڻ، سنڌي لفظن نهڻ، علم لغات ۽ ٻين ڪن ڳالهين بابت ڪيو آهي. ڪي بهتر پڙهڻيون ۽ بهتر معنائون ڏسيون اٿر. انهن ٿورين چُڪن ٻڌائڻ مان به منهنجي اها مراد ڪانهي، ته مان پڙهندڙن کي ذهن نشين ڪرايان، ته مان ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ کان به وڌيڪ هوشيار آهيان.“(ص:170-171)

ڊاڪٽر گربخشاڻي لغت نويسن تي جيڪا جلهه ڪئي، ان جو دفاع ڪندي پيرومل لکيو آهي ته ”مسٽر پرمانند سنڌي ڊڪشنري تي ناهي ۽ مرزا صاحب (مرزا قليچ) ’لغات لطيفي‘ تيار ٿي ڪئي، ته انهن ڪمن ۾ مان به ڪجهه قدر ساڻن ٻانهن ٻيلي هوس، تنهن ڪري مٿن جيڪا جلهه ڪئي اٿس، سا مون پاڻ تي به ٿيل سمجهي هئي. هيئنر مون ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ تي جلهه ڪا نه ڪئي آهي، پر پاڻ جيڪا جلهه ڪئي اٿس، تنهنجو بچاءُ ڏنو اٿر. پڙهندڙن کي ذهن نشين ڪرائڻو اٿر، ته رسالي جهڙي ڪتاب جي معنائن ۾ سنڌي لغت نويسن جيڪڏهن ڪي ٿوريون چُڪون ڪيون، ته انهيءَ ڪري سندن لغتون اڌوريون ۽ خام هرگز نه چئبيون. اِئين پاڻ به ٿوريون چُڪون ڪيون اٿس. ته چئبو ته پاڻ به ساڳيءَ ٻيڙيءَ ۾ سوار آهي ۽ ٻين تي جلهه ڪرڻ جو هيڪاري حق ڪونه اٿس.“ (ص:171)

پيرومل لکيو آهي ته ”رسالي جو صحيح نسخو ڪهڙو چئجي؟ جنهن ۾ شاهه صاحب جو نجو سمورو ۽ صحيح ڪلام ڏنل هجي، اتي سوال اٿندو ته ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ واري رسالي کي انهيءَ موجب صحيح نسخو سڏي سگهبو يا نه؟ هن جو جواب بيڌڙڪ چئبو ’نه‘.“ (ص:81)

مٿي اڳئي ڄاڻايو اٿر ته شاهه جي رسالي جو اوائلي نسخو جو ’گنج‘ سڏجي ٿو، تنهن مان اڄ تائين ڪي ڪي بيت اهڙا پيا لڀن، جي هن وقت تائين ڇپجي پترا نه ٿيا آهن. مطلب ته شاهه صاحب جو چيل ’سمورو‘ ڪلام ڪنهن به ڇپيل نسخي ۾ ڪونهي. (ص:81-82)

”هتي ٻيو سوال هيءُ اٿندو ته جيڪڏهن ٻين نسخن وانگر سندس رسالي ۾ به شاهه صاحب جو ’سمورو‘ ڪلام ڏنل ڪونهي ته ڀلا ’نجو‘ شاهه صاحب جو ڪلام ڏنو اٿس يا نه؟ هن جي جواب ۾ فقط ايترو چئي سگهبو، ته ڪوشش اها ٿي ڪئي اٿس، ته ’نجو‘ شاهه صاحب جو ڪلام ڏجي، پر هن بابت به سورهن ٿي آنا پڪ سان ڪجهه به وڌيڪ چئي نه سگهبو.“ (ص:82) ان مان ظاهر ٿيو ته پيرومل جي راءِ موجب گربخشاڻيءَ واري شاهه جي رسالي ۾ شاهه صاحب جو نجو ۽ صحيح ڪلام ڏنل نه آهي.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جڏهن شاهه جي رسالي واري رٿا تي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو ته هن شاهه جي صحيح سوانح لکي ۽ جن عالمن کان ان سلسلي ۾ ڪي سهوون ٿي ويون هيون، تن جي نشان دهي ڪري صحيح ۽ تفصيلي طور سوانح لکي. اهو وڏو ڪم هو، جيڪو بلوچ صاحب ورهين جي تحقيق بعد مڪمل ڪيو. ۽ سالن جا سال شاهه جي قلمي نسخن جي ڳولها ڪري 50 قلمي نسخن ۽ 16 ڇاپي

**استاد محسن علي شر**
خيرپور ميرس



# قائم الدين فقير

(1906ع-1857ع)

قائم الدين فقير ولد مينگهو فقير شر ڳوٺ مينگهي فقير شر تعلقي ميرواھ ضلعي خيرپور ۾ 13 شوال المڪرم سنہ 1274ھ بمطابق 1857ع ۾ ڄائو. فارسي ۽ عربي تعليم حاصل ڪري دستاربند عالم بڻيو، سندس شعر سنڌي، سرائڪي، اردو ۽ فارسي ٻولين تي مشتمل آهن. جنهن ۾ فقير صاحب جا بيت، ٽيھ اکريون، مولود، مناقبا، ڪلام، ڪافيون، سہ حرفيون مشهور آهن. سرور ڪائنات فخر موجودات رسول ڪريم ﷺ اهلبيت ڪرام جي محبت ۽ عقيدت سندس ڪلام ۾ جهلڪا ڏيندي نظر اچي ٿي، جنهن جا ڪجهہ مثال هيٺ ڏجن ٿا.

قائم الدين فقير، سخي قبول محمد ثاني، (وفات 1928) جو طالب هو، جنهن جو ذڪر پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪثرت سان ڪيو اٿس مثال.

مرشد مسند تنهنجي قائم قيامت تائين
دوست درازي دلبر، حامي هادي حيدر
پنجتن تنهنجي پاڪر، سيد توسان سائين.

ڪر قائم سر قرباني، جند جان صدق مهماني
مليا شاھ درازي جاني، آوي دوست ڏيوي دلداري.

قائم الدين فقير شر- 11 24 ربيع الثاني سنہ 1334ع مطابق 1906ع ۾ وفات ڪئي.
سندن شاعريءَ مان چونڊ شاعري پيش ڪجي ٿي.

علي حق حيدر ڀڃي ڪوٽ خيبر
ٻڌي سوال سائل آجو قيد ڪون ڪر
منجهئون مهر محبت ڏيو جام وحدت
ڪري پُر پيالو، ساقي حوض ڪوثر.
دين علي ايمان علي اعليٰ افضل شان علي
لحمڪ لحمي دمڪ دمي حضرت جو همراه علي
ترت لنگهائج تار طفيلان عاصيءَ لڳ الله علي
توريءَ ٽڪيو ناھ ٻيو، وارث ڪرڪا واھ علي
حب گهران حسنين حمايت پنجتن پشت پناھ علي.
سندن هيءَ فارسي غزل پڻ درگاهن تي اڪثر ڳايو ويندو آهي.

### ڪلام بولو

بُولا ذوق زاري- بولا ذوق زاري، ڪري غمگساري، ڳل پاند ڳاري سگهامل سهڻا بولا ذوق زاري
بولا عيش برلب- هر روز هرشب، ملي يارڪب ڪب سگها مل سهڻا بولا ذوق زاري
بولا بين بئنسر- سونهين رنگ ڪيسر، ڪيتا بره بسير سگهامل سهڻا بولا ذوق زاري
بولا نوڪ ماري- ماري ٽرت ٽاري، جُڳ جڳ جياري سگها سهڻا بولا ذوق زاري
بولاهي هلالي- ڏيندا پرت پيالي، برهه بي مثال سگها سهڻا بولا ذوق زاري
بولا ڏند دلبند- ڪيتا پرت پيوند، لب لعل گلقند سگها سهڻا بولا ذوق زاري
بولا زلف خُم خم- ڦ، ليل ڦم ڦم، ڏيندا چام جم جم سگها سهڻا بولا ذوق زاري
بولا دوڙ دائم- نال قرب قائم، ڪري سير صائم سگها سهڻا بولا ذوق زاري

نوٽ: قائم الدين فقير، ڪنهن لڳا درگاهه گودڙيه جي طالبن وٽ دوڙ ڳوٺ ۾ جيڪو ان وقت هڪ معمولي ڳوٺ هو، ترسيل هو، ائين صبح جو فقير سير تفريح خاطر ڳوٺ جي ٻاهران نڪتو، ته ڳوٺائي عورتن جو هڪ ٽولو سندس اڳيان گذريو جنهن ۾ هڪ حَسين مهه جبين ناريءَ تي سندن نظر وڃي پئي جيڪا سورهن سينگارن سان آراسته هئي ۽ ڪيس نڪ ۾ بولا پاتل ڏسي، فقير اتي بيهي مٽيون ڪلام بولا چيو، صوفي بزرگن وٽ مجازي محبوب کي وڏي اهميت حاصل آهي چو ته المجاز قنطرت الحقيقت دوڙ جو جيڪو ان وقت ننڍڙو ڳوٺ هو، هن درويش جي دعا سان اڄ تعلقي جي در جي تي پهتل آهي هي صوفي درويش پنهنجي ڏاڏي فقير غلام حيدر شر گودڙيه سان پنهنجي والد بزرگوار ميان مينگهل فقير شر سان، فقير غلام حيدر گودڙيه جي مزار مٿان هزهاءِ نس واري رياست خيرپور مير علي مراد خان ٽالپر طرفان جوڙايل مقبري ۾ ابدي آرامي آهن، روضه ۾ درگاهه گودڙيه جو ٻيو نمبر گادي نشين ميان غازي غلام شاهه فقير گودڙيه سائينءَ جو فرزند ميان عليَ مراد فقير ۽ درگاهه جو ٽيون نمبر گادي نشين ميان مراد علي فقير پڻ ابدي آرامي آهن. مقبري جي مرمت ۽ چٽسليءَ جو ڪم موجوده گادي نشين فقير سڪندر علي شر 2003ع ۾ تزئين و آرائش جو ڪم 2018ع ۾ سندن ڀاءُ مرحوم احمد خان فقير عرف راجا فقير سرانجام ڏنو.

## حوالا:


1- گودڙيه جي گونج- فقير غلام حيدر شر گودڙيه يادگار ڪميٽي طرفان راقم جي زيرادارت ڇپيو 1982ع ۾.

2- سچل سرمست- 15 ، 1995ع راقم خادم عباسي.

3- قائم قوي- فقير غلام حيدر شر گودڙيه يادگار ڪميٽي طرفان 1994ع ۾ راقم جي زيرادارت

4- ديوان فقير غلام حيدر گودڙيه- مرتب استاد عبدالرحيم عابد 1960ع. ديوان گودڙيه کي 1960ع ۾ درگاهه جي چوٿين نمبر گادي نشين ميان ٻڍل فقير شرمنگي آرٽ پريس خيرپور مان ڇپرائي پڌرو ڪيو، اڄ ڪلهه ديوان گودڙيه طويل عرصه گذرڻ ڪري ناياب آهي ليڪن درگاهه گودڙيه جي موجوده گادي نشين فقير سڪندر علي شر ۽ راقم وٽ هي تاريخي تحفه محفوظ آهن.

5- ڪلام، ڪافيون، مناقبا، سه حرفيون، مرتب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ.


*

جنهن ۾ قديم زماني جا شعر ڏنل آهن، جو جناب مرحوم ڊاڪٽر نبي بخش خان کي نظرثانيءَ لاءِ ڏنل آهي. جيڪو ڊاڪٽر صاحب وٽ محفوظ آهي. پنهنجي پويان ھڪ فرزند ھڪ نياڻي ۽ ھڪ پائيٽو ڇڏيو آهي. سندس اشعار مان مختصر طور چند بند عرض رکجن ٿا:

رندانہ ڪلام:

بجز حق جي نہ هو هرگز، چوڻ هو 'قُم بہ ازنيءَ' جو،
منجهائي مسئلو مُلن، ڪيو تعزير جي قابل.

تشبيهات:

لعل لب لالن چوان، هي ياڪِ مرجان ساقيا،
يا چوان عڪسِ شفق، لعلِ بدخشان ساقيا،
نيم خوابي، نيڻ تنهنجا، يا چوان بادام سي،
تا ٿيو مخمُور نرگس، منجھہ گلستان ساقيا.

مزاحيات:

جي منا منڙي ڏيارين، تا ٿيان پيهر جوان،
تا چيائين واه! هي چرچا اديبانا ٿيا.

شڪوه:

اُهو پي وقت هو، جنهن ۾ هئس توقير جي قابل،
مگر هن دؤر غربت ۾، ٿيس تحقير جي قابل.
تخت طائوسيءَ تي طالع، هو ڪڏهن منهنجو مگر،
چا ڪريان آئون شڪايت، چرخ ڪُج رفتار جي.

دوستن جي ياد ۾:

هُجان 'گلزار'، 'پياسي' سان، ۽ 'عابد' ساڻ گڏ دائم،
وڇوڙو شل نہ ٿئي، 'شمشاد' سان ڪو عُمر ساريءَ ۾.
(گلزار) احمد خان ۽ 'عابد' عبدالله خان 'اسلم' جو شروع جو تخلص، 'عابد' هو.

تاريخ گوئي:

سنڌ ۾ سيلاب آهي، آهي موسم بَرشڪال،
تون بہ ڏي ڪا مَئي ڪٺر، در برگِ ريحان ساقيا،
يڪ هزار و نو صد و پنجاه، شش هي سال،
نظر 'عاجز' جو هي ٿيندو، مطلع ديوان ساقيا.
(1956ع)

(ماهنامو نئين زندگي 1960ع فيبروري تان ورتل)

## نئون ڪتاب




**ڪتاب:** اديون ايندم اوڙا
**شاعره:** مايا ساگر اوڊ
**ڇاپو پهريون:** جولاءِ 2021ع
**تعداد:** 1000
**قيمت:** -/300 رپيا
**ڇپائيندڙ:** نئين دنيا پبليڪيشن، حيدرآباد

### عيد مبارڪ

مليو دلبر وڇوڙو ويو، لٿا آزار ٿيون عيدون،
مليو محبوب من گهريو، ڪليا اسرار ٿيون عيدون!

جتي روزن، نمازن ۽ تلاوت سان طلب ڪيڙي،
ادا 'قالوبليٰ' جا قول، ڪيائون هر بار ٿيون عيدون!

لڳو جن عشق جو جهٽڪو نسنگ، نانگن، نماڻن ڪي،
ڇڏي سڀ ڪجهه صفا صافي، ڪيائون ديلر ٿيون عيدون!

وڃي موڪي سندي مٽ مان، پيتائون جام جامن تي،
ڪلالن ڪاٽ آ هٽ ۾، ملين ميخوار ٿيون عيدون!

پلي سانگو صفا سَر جو، هليا جبدار ڏي حاذق ڏي،
لڳن لالائي لالڻ جي، ڪيئون ديدار ٿيون عيدون!

وڃي مئخاني ۾ مستن، گهري سرڪي صفا صافي،
ويا پردا وڇان تن جي، ملين مختيار ٿيون عيدون!

### عيد مبارڪ

ساري جهان عيد ڪئي، ميدان عيدگاهه ۾،
عيدون اسان جي اکين، ابرن ۾ ڪيون اوهان جي.
ڏسنديئي جلوه جانب محراب يار جي ۾،
تسبيحون تمام آهن، شڪرن ۾ ڪيون اوهان جي.
اهنجي ڏسڻ سان دلبر، دک دور سڀ ويا ٿي،
'پرواز' عيدون پنهنجون نظرن ۾ ڪيون اوهان جي.
(18- مئي 1954ع)

### بهار آيو (نظم)

گلن ڪئي آهِ گلزاري بهار آيو بهار آيو،
ڪِلي مکڙي ڪئي ملهاري، بهار آيو بهار آيو.

عجب موتيو، ڪِليو مگرو، ٽِلي تانگر سندي تاري،
لڳي جهرجهنگ ڀهڪاري، بهار آيو بهار آيو.

ڪليو لالا، چنبيلي ۽ نوري نسرين نرگس آ،
بني چوطرف گلڪاري، بهار آيو بهار آيو.

ڪلي بوءِ، نازبوءِ، سوسن، سُمن رابيل جي خوشبوءِ،
چمن ۾ ڏس تون چوڌاري، بهار آيو بهار آيو.

گلابي گل ڪِلي بيشڪ، وڌايون شان گلشن جو،
خوشيءَ ۾ آ فضا ساري، بهار آيو بهار آيو.

ٽا ڪن چيها چتون چهه چهه، پَپيها مور گلشن ۾،
سندي پونئرن آ پٽڪاري، بهار آيو بهار آيو.

وتي مستان ٿيو بلبل، عجائب ناز نخري سان،
مِٺي ڪوئل جي ڪوڪاري، بهار آيو بهار آيو.

ڪبوتر قمريون پيا ڪن، سپئي ساراهه سائين جي،
خوشي آ چوطرف طاري، بهار آيو بهار آيو.

خوشيءَ جي باغ ساري ۾، پکين کي وات وائي آ،
خزان آهي خدا ٽاري، بهار آيو بهار آيو.

ٿيا آيون، پکيون ڪٽڪون، ٿيا انبار اَن آهن،
بهاري ۾ آ اڄ هاري، بهار آيو بهار آيو.

بَني آ موج گلشن ۾، عجب جهرجهنگ ۾ رونق،
نهر آبِ شفا جاري، بهار آيو بهار آيو.

سندن گهڻو ڪلام هن وقت به اکين ڪان اوجهل آهي، نثر ۾ پاڻ مختلف مضمون لکيائون، هڪ ڪتاب "اسلام ۽ سوشل ازم" اردو تان ترجمو ڪيائون جنهن جو مسودو راقم وٽ محفوظ آهي.



ذوالفقار علي هالار سومرو

ڪوٽڙي

# ماٺو مٺيادار حڪيم دين محمد 'اڪرم پورڙائي'

حڪيم دين محمد ولد امام بخش جوڻيجو 25 فيبروري 1936ع تي ڳوٺ پورڙي شريف، تعلقي خيرپورناٿن شاھ ضلع دادو جي هنج ۾ اک کولي.

پاڻ پرائمري تعليم پنهنجي آبائي ڳوٺ جي پرائمري اسڪول پورڙي شريف جي ان وقت جي شفيق استادن، استاد محمد خان جوڻيجو چوڪنڊيءَ وارو، ديوان ڊالومل ۽ ميان فيض محمد جهڙن قابلِ فخر استادن وٽ چار درجا پڙهيا، تنهن کان بعد ۾ 1949ع ۾ پنهنجي پاءُ ميان ڪريم بخش خان جوڻيجو جي سرپرستيءَ ۾ تعليم سان گڏ حڪمت جي سکيا پڻ وٺڻ لاءِ ٽنبو رحيم تعلقو جوهي ۾ استاد خيرمحمد جت وٽ سنڌي پنجون پاس ڪيائين ۽ حڪمت 'طب' تي به دسترس حاصل ڪيائون.

ٽنبو رحيم رهڻ کان پوءِ 1952ع ۾ گورنمينٽ پرائمري اسڪول دادو ۾ سائين محترم شفيع محمد سولنگي وٽ، انهيءَ جي نگرانيءَ، محبت شفقت سان پاڻ سنڌي فائينل پاس ڪيائون، تنهن دور ۾ سنڌي ست درجا 'سنڌي فائينل' پاس ڪيائون.

"پاڻ چوندا هئا تہ اها منهنجي خوش بختي آهي جو مون کي سائين شفيع محمد سولنگيءَ جهڙو شفيع استاد مليو، جنهن کان مون ڪافي ڪجهہ پرايو پاڻ هڪ مثالي استاد هئا."

حڪيم دين محمد، پاڻ ٽنبو رحيم ۾ والي بال جو باني پڻ رهيو آهي، پاڻ سٺا رانديگر بہ هئا ۽ سندس سرپرستيءَ ۾ اتي ٽورنامينٽ بہ ڪرايائون.

سندن وڏو ڀاءُ ميان الهورايو خان، شاهاڻي پاڙي دادو ۾ رهائش پذير هئا ۽ اهو تنهن وقت ۾ اريگيشن کاتي ۾ ايس.ڊي.او هو. جنهن ڪري پاڻ دادو ۾ ان سان گڏ رهڻ لڳا، دادوءَ ۾ رهڻ ڪري 'دادوءَ ۾ آ جادو' جي مصداق سندن واسطا وڌيا ۽ پاڻ بہ شعور شاعري جو ذوق ۽ شوق رکندا هئا ۽ انهيءَ شوق کيس آرام سان ويهڻ ڪرڻ ڏنو. انهيءَ شوق کيس انجمن آفتابِ ادب دادو جي مشاعرن ۾ وٺي آڻي بيهاريو، جتي الحاج محمد احسن چنہ صاحب جي شاگرديءَ ۾ رهي ڪري فيض پرائڻ لڳا ۽ شاعريءَ جي درياءَ مان پنهنجي اندر جي اُڃ اُجهائيندا رهيا ۽ نيٺ درياءَ پار ڪيائون، تنهن کان پوءِ 1955ع ۾ ٽپيداريءَ جو امتحان پاس ڪري روينيو کاتي ۾ سرڪاري نوڪري شروع ڪئي، شروع ۾ ٿاڻي بولاخان ۽ پوءِ حيدرآباد ۾ نوڪري ڪئي، نوڪريءَ جي ڪري جدا جدا شهرن ۾ رهڻ ڪري سندن تمام گهڻي ڏيٺ ويٺ ٿي. ۽ بعد ۾ عبدالرحمان 'انجم' هالائي سان سخن سازيءَ ۾ مشورو ڪندا رهندا هئا، شروع ۾ پنهنجو 'مولائي' تخلص رکيائون، پر احسن چنہ صاحب جي صلاح سان 'اڪرم' جو تخلص اختيار ڪيائون.

سائين حڪيم دين محمد اڪرم پورڙائي کي شعر ادب جي بزمن ۽ مختلف محفلن ۽ مشاعرن ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿيڻ جو بيحد ذوق ۽ شوق هوندو هو ۽ وڏيءَ خوشيءَ سان ڀرپور وٺندو هو.

پاڻ 1957ع ۾ پنهنجي استاد احسن چنه جي صلاح سان پنهنجي ڳوٺ ٻورڙي شريف ۾ بزمِ فدا جو بنياد رکيائون، جنهن ۾ ان وقت جا مشهور شاعر جيئن الحاج حافظ احسن چنه، محسن ڪڪڙائي، استاد بخاري، نشترناٿنشاهي، مولوي عبدالله اثر، احمد خان مدهوش ۽ ٻيا ڪيترائي شاعر اچي ميلا ۽ محفلون مچائيندا هئا. ان سان گڏ پاڻ ميان فيض محمد عباسيءَ سان گڏجي مرحوم ثنائي جي ڊرامي فقير بادشاهه جي تياري ڪرائي ان ۾ پاڻ فقير جو ڪردار ادا ڪيائون.

اهو ڊرامو ايترو مشهور ٿيو جو ان وقت جي ڪليڪٽر سيد مدد علي شاهه، سائين شفيع محمد سولنگي جي معرفت دادو هاءِ اسڪول ۾ وري ٻيهر پيش ڪرايو، جيڪو لڳاتار ٽي ڏينهن پيش ڪيو ويو ۽ ڪليڪٽر صاحب ٽئي ڏينهن اتي موجود هو، ان کان علاوه ثنائي صاحب جو ٻيو ڊرامو 'درياءَ بادشاهه جو آندو مون کيرو پلو' پڻ ڳوٺ ٻورڙي ۾ پيش ڪيو ويو.

ڳوٺ ۾ رونقون لڳيون پيون هونديون هيون، ۽ ٻورڙائي صاحب پنهنجون نڪور لکڻيون، اخبارن ۽ رسالن ۾ وقت بوقت شايع ڪرائيندو رهندو هو. سندس هڪ وڏو ادبي حلقو هوندو هو، سندس شروعاتي شاعري جو مجموعو 'اکيون پسي آيون' 1983ع ۾ شايع ٿيو، تنهن کان پوءِ منقبت ديوان، سڄڻ نت سوجهرا ٿيون ڪتاب نعتيه ديوان 'سندي سڪ پرين' نسوروئي نور نعتيه غزل، هينئڙي سڄڻ ساريا، جيڏو تنهنجو نانءُ حمديه ديوان، نائي نيڻ نهار غزلن جو ديوان ڇپيل آهن ۽ ٻيو اڻڇپيل مواد سندس فرزند حڪيم جنيد امام ۽ طارق امام جوڻيجو جيڪي خوشبخت آهن جو سندس ڪيل قلمي ۽ ادبي پورهيو سنڀاليو ۽ سهيڙي رکيو اٿن ۽ اميد ته اڃا به وزن کان وڌ سندن ادبي ڪيل خدمتون عوام جي هٿن ۾ هونديون، جنهن مان نئون نسل فيضياب ٿيندو ۽ سندس ڪيل پورهئي مان ايندڙ نسل لاءِ مشعلِ راهه ثابت ٿيندو.

خيرپورناٿن شاهه ۾ حضرت جڙيل شاهه جي ميلي جي سلسلي ۾ پاڻ ڪي هاري تحريڪ جي سلسلي ۾ لکيل ڊرامو 'هاريءَ جي پڪار' پيش ڪرڻ لاءِ ڇپيو ويو، جيڪو ان وقت باباءِ سنڌ حيدر بخش جتوئي جي ميلي تي اچڻ وقت پيش ڪيو ويو، ان ڊرامي ماڻهن تي ايترو اثر وڌو جو ماڻهو اوڇنگارون ڏئي روئندا هئا، اهو ڊرامو ميلي کان پوءِ به 15 ڏينهن تائين پيش ٿيندو رهيو.

هندستان جي ورهاڱي کان پوءِ ٻورڙيءَ ۾ جڻ نئين زندگي موٽي آئي هئي. ٻورڙي ڳوٺ ۾ بزمِ فدا جي طرفان ادبي محفلون رانديون، ڊراما ۽ راڳ رنگ جون محفلون اڪثر ٿينديون رهنديون هيون، دادو شهر ۾ رهڻ دوران سندس ملاقات مرحوم خادم حسين انڙ صاحب سان ٿي جنهن جي صحبت ۽ صلاح سان پاڻ اچي ڪوٽڙيءَ ۾ درياءَ جي ڪپ تي اڏايل شهر جي ٿڌڙين شامن ۾ زندگي گذارڻ لڳا ۽ ڪجهه وقت حيدرآباد ۾ علي سائين جي قدمن وٽ به رهيا باقي زندگي جا حسين پل پنهنجي دلي دوست مرحوم خادم حسين وڪيل سان هڪ روح ٻه جسم ٿي رهيا ۽ ڪافي عرصو پاڻ بزمِ ادب ڪوٽڙي ۾ مشاعرا ۽ محفلون مچائيندا رهيا. پاڻ بزمِ ادب ڪوٽڙي جا صدر به رهيا. پاڻ ڪوٽڙي حيدرآباد کان سواءِ ٻين شهرن ۾ به ادبي مشاعرن ۾ ڀرپور نموني سان شرڪت ڪندا هئا.

حڪيم دين محمد 'اڪرم ٻورڙائي' جو ادب سان تمام گهڻو چاهه هوندو هو، پاڻ ريڊيو ۽ ٽيليويزن

پاڻي وارو شخص هر وقت موجود آهي جيڪو هڪ لمحي ۾ مظفر جهڙن شاعرن جون بہ ڪوتاهيون ڇاڻي ٿو وجهي تہ هن جي پنهنجي شاعري ڪيڏي توريل تڪيل انداز ۾ لکيل هوندي. جڏهن مون هڪ دفعو مرثين تي ذڪر ڪيو ۽ پڇيو تہ يزدان ڇا آهي تہ ان تان قديم ايراني ثقافت ۽ قديم ايراني مذهب زرتشت تي روشني وڌائون تہ زرتشت مذهب ۾ 2 خدا لکيا ويندا هئا هڪ "يزدان" ٻيو "احرض" هڪ سٺين خوبين جو خدا هڪ برائين جو خدا. ائين ئي ايران مان ٿيندي ٿيندي اِهي لفظ بغداد ۽ پوءِ هِند جي علم و ادب ۾ آيا ۽ اڄ تائين خدا کي يزدان جي نالي سان بہ سڏيو وڃي ٿو جڏهن تہ يزدان ۽ "احرض" کان اڪثر ماڻهو ناواقف آهن.

مرثين تي جڏهن ٻيهر ذڪر ٿيو تہ مون سائين جن سان "مرزا دبير" تي ڳالهايو، مرزا دبير جي شاعري هميشہ منهنجي دل کي ڇُهيو آهي پر ان ۾ ڏکي اردو ۽ فارسي هجڻ جي ڪري مون هميشہ سائين جي طرف رُخ ڪيو تہ معنيٰ ٻڌايو تہ جيئن آئون شعر مان وڌيڪ محظوظ ٿي سگهان، هڪ شعر پڙهيم جيڪو جناب سجاد عليہ السلام تي "دبير" لکيو هو:

دیکھتی کیا ہے کہ اک شعر ہے آہن میں نہاں
لاغر و خستہ تنو فاقہ کشو تشنہ دہاں
نہ تو چلنے کی سکت ہے نہ کوئی رشتۂ جاں
اُستخواں سے لرزنے کی صدا آتی ہے
قیدخانے میں طلاطم ہے کہ ہند آتی ہے

لاغرو خستہ تنو لفظ ۾ آئون منجهي پيس تہ سائين ٻڌايو تہ ٻنهي جي هڪ ئي معنيٰ آهي مطلب "ڪمزور". ان مان مون کي اندازو ٿيو تہ ڪيئن الڳ الڳ لفظ ساڳي ئي معنيٰ سان ڪيڏي نہ خوبصورت انداز ۾ لکي سگهجن ٿا. "نہ تو چلنے کی سکت ہے نہ کوئی رشتۂ جاں" جو مطلب ٻڌايائون تہ روح سان جسم جي رشتي کي "رشتۂ جان" چئبو آهي، سو ان مان مذهب ۽ وحدت الوجود بہ ٿورو ٿورو مون کي سمجهہ ۾ اچڻ لڳو.

ڳالهہ نڪتي آهي مذهب جي تہ سائين جو مذهب سان بہ تعلق ڪمال جو هو، خدا جي وحدانيت تي ايترو يقين ۽ اهلِ بيت سان ايڏي تہ اُلفت جو سندن اڳيان صرف اهلِ بيت جو نالو ڪٽبو هو تہ لُڙڪ ڳاڙي ڏيندا هئا. سندن گهڻي شاعري نعت ۽ مرثين تي آهي. سائين عربي، فارسي جا لفظ ۽ "پاڻ سڳورن" جن جا اهي نالا پنهنجي شاعري ۾ وجهندا هئا جو ٻڌي ئي تسڪين ايندي هئي ۽ انهن نالن سان شناسائي ٿيندي هئي، جهڙوڪ:

"آڙين جو آسرو هيڻن جو حامي
حجازي هاشمي هادي تِهامي."

هنن ٻن سٽن ۾ سچو Historical Background بہ اچي ٿو وڃي، تہ پاڻ سڳورن ﷺ جن حجاز جي علائقي جا هئا، هاشمي قبيلي سان تعلق هئن، ڪائنات جا هادي (رهنما) هئا ۽ تِهامي سندن جو نالو هو.

ان سان گڏ سائين قلندر ٻين نالن کي پنهنجي شاعري ۾ آندو جهڙوڪ: ڪهفل وريٰ، شمس الضحيٰ، بدُرجا وغيره.

جهڙوڪ:

توسان شمس الضحيٰ جهان روشن
واهہ بدرالدجيٰ رسول الله.

خير اُمت ۾ خير ڪونہ رهيو،
ور تون "خيرالوريٰ" رسول الله.

منهنجي هر سوچ ۾ فڪر دين متين
منهنجي هر ساهہ ۾ ذِڪر خيرالوريٰ

ظلم ۽ ظلمن جو ٿئي خاتمو،
ڪو ڪٿي مشعلِ نور نورالهديٰ

محل ماڙيون ڇڏي خاڪسري ڪري،
تنهن جو ٿئي مرتبو سدرة المنتهيٰ.

حڪومت بابا کان ايترو متاثر ٿي جو سال لاءِ يونيورسٽي آف ٽيچرس ۾ بابا کي فارسي پڙهائڻ لاءِ گهرايائون. تاريخ ۾ پهريون ڀيرو ائين ٿيو جو ايراني سرڪار جي خرچ تي ڪو سنڌي ماڻهو ٽيچر ٿي جامع علمي ۾ وڃي ايرانين کي فارسي پڙهائي. ايرانين بابا سان آخر تائين نڀايو جو بابا جو غائبانه جنازي نماز باجماعت مولئ علي رضا جي روضي مبارڪ ۾ منعقد ڪئي وئي هئي.

سنڌ يونيورسٽي وارو دور به ڪمال جو رهيو، بالخصوص شيخ اياز جڏهن وائيس چانسلر هو، شيخ اياز سدائين بابا جي نظرياتي مخالفت ڪئي ۽ ذاتي انتقام پڻ ورتا صرف نظرياتي اختلافن جي ڪري شيخ اياز بابا جي ٽرانسفر ڪري شاهه لطيف يونيورسٽي خيرپور موڪلي ڇڏيو، ته لاڙ جو ماڻهو اُتر جي گرمي ڪونه برداشت ڪري سگهندو ۽ بيزار ٿي مون اڳيان سرينڊر ڪندو پر بابا اٽل رهيو ۽ بهترين نموني نوڪري نڀايائين. سينڊيڪيٽ ۾ هميشه بابا ئي واحد ماڻهو بيهي اياز خلاف نعرا هڻندو هو ۽ آپشن ۾ بيٺو رهندو هو جڏهن ته پوري يونيورسٽي اياز جي چمچاگيري ۾ پوري هوندي هئي، آخر تائين بابا نه سرينڊر ڪونه ڪيو پر شيخ اياز بابا کي نياپو ڪرائي پنهنجي آفيس گهرايو ۽ بابا کان قرآن پاڪ پڙهڻ ۽ سمجهڻ جي گذارش ڪئي جنهن تي بابا شيخ اياز جي پوري رهنمائي ڪئي جنهن نتيجي ۾ اياز پنهنجو ڪتاب ”دعائون“ ڇپرايو.

بابا اهڙو ماڻهو هو جنهن تي هر ڌر ۽ نظريي جا ماڻهو نه صرف متفق هوندا هئا بلڪ وس ڪونه گهٽايائون ته قلندر شاهه اسان جي تنظيم ۾ شامل ٿي، ڪابي ڌر ۾ شامل ٿيڻ لاءِ محمد ابراهيم جويو ۽ قاسم ميمڻ (عرف پٽر سنڌي) بابا کي ڏاڍو چيو ته توهان جهڙي ادبي ماڻهو جي اسان جي تنظيم کي ضرورت اهي، پر بابا هميشه انڪار ڪيو، ٻي پاسي جماعت اسلامي وارا ايترو own ڪندا هئا جو اڄ تائين ڳالهه مشهور آهي ته سائين جماعت اسلامي جو ميمبر هو پر سائين ڪڏهن به جماعت جو ميمبر نه رهيو. هر سياسي ڌر پوءِ اها پيپلز پارٽي هجي يا مسلم ليگ، فنڪشنل، بابا کي پنهنجو سمجهندي هئي پر بابا ڪنهن به سياسي پارٽي جو ڪڏهن به حصو نه رهيا.

سادات هجڻ باوجود انتهائي پروگريسو ٻيءُ وارو ڪردار مون لاءِ نڀايائين ۽ خاندان جي مخالفت باوجود مون کي انگريزي ادب ۾ ڊگري ۽ وڪالت جي تعليم سان گڏوگڏ سياست ۾ پير پائڻ لاءِ به راغب ڪيائين. ۽ ڪتابن ۽ شاعري سان روشناس ڪرايائين، منهنجي لاءِ Modem Feminist Father قلندر سان ڪان سواءِ ڪوبه هيستائين نظر ڪونهي، آيو جيڪو عملي طرح به هڪ ڪليل ذهن جو ماڻهو هو. پڻن ڪان وڏيڪ منهنجي علم تي زور ڏنائين ۽ شايد ئي ڪو سياسي سماجي پروگرام هجي جنهن ۾ مون بابا کي ڪمپني نه ڏني هجي، مون کي هر پروگرام ۾ پاڻ سان گڏ ڪنيائين ۽ پوري سنڌ کان واقف ڪيائين.

ڪتابن سان چاهه رکندڙ جڏهن آخري ڏينهن ۾ ICU ۾ هيو ته ڪين C-Pap ۽ Oxyjen Bi-Pap لڳنديون رهيون پر پڙهڻ جو حوصلو ايترو جو ICU ۾ پڻ ڪتاب پڙهندو رهيو ۽ خوشي خوشي پڙهندي پڙهندي ابدي آرام ڪيائين. قلندر شاهه سيڪاري ويو ته مدبر ڪيئن ٿجي، صبر ڪيئن ڪجي ۽ باوقار زندگي ڪيئن گهارجي ۽ مرڻ گهڙي تائين اميد جو دامن نه ڇڏجي ۽ هن دنيا کي خوشي خوشي ۽ مطمئن ٿي رخصت ڪجي.

**مقتل کان ٿورو اڳتي محفل جو ڏس مليو آ،**
**مان موت کي لتاڙي ٿو زندگيءَ کي ڳولهيان.**
(استاد بخاري)



**رڪيل مورائي**
ڪراچي

# وڃن سور سنڌا ڪيو
## مصنف: محمد خان ابڙو

آتم ڪٿا ايڪيهين صديءَ جي غير افسانوي ادب ۾ اهم جڳهه والاري بيٺي آهي، شايد ئي ڪي موضوع اهڙا هوندا جن جي پيٽ ادب ۾ آتم ڪٿائي ادب سان ڪري سگهجي، ان ڳالهه ۾ ڪو به وڌاءُ نه ٿيندو جو لکجي ته، هن صديءَ ۾ آتم ڪٿائي ادب دنيا اندر گهڻي ۾ گهڻو پڙهيو پيو وڃي. سهوليت اها آهي ته زندگيءَ جي ڪنهن به شعبي ۾ جيئندڙ شخص آتم ڪٿا لکي سگهي ٿو، ان لاءِ اديب هجڻ ضروري نه آهي شرط فقط هڪ آهي ته لکندڙ کي پنهنجي لکڻ سان ايماندار هجڻ گهرجي، ائين پاڻ سان پڻ!

تازو ئي سنڌي ادب ۾ هڪ آتم ڪٿائي ڪتاب جو واڌارو ٿيو آهي، ڳالهه خوشي ڏيندڙ آهي، پر گهڻي خوشي ڏيندڙ ڳالهه اها آهي ته هيءَ آتم ڪٿا فقط ڪتاب جو واڌارو نه آهي. بيحد اهم ڪتاب جو واڌارو آهي، ان ڪري جو هن ڪتاب ۾ لکندڙ پاڻ سان به سچو آهي ته پنهنجي لکڻ سان به ممڪن حد تائين سچو آهي ۽ ان سچ لکڻ ۾ هن جو اندر به آهي ته ٻاهر به آهي. جنهن جو سبب اهو آهي ته لکندڙ پنهنجي زندگيءَ ۾ جيترو کرو رهيو آهي، پنهنجي ڪتاب/لکڻ ۾ به اوترو کرو رهيو آهي، هن ليکڪ جو نالو محمد خان ابڙو صاحب آهي ۽ سندس آتم ڪٿائي ڪتاب جو نالو 'وڃن سُور سنڌا ڪيو' آهي.

محمد خان ابڙي صاحب جيڪو ۽ جيترو سچ اظهاريو آهي، ان جي شروعات هن پاڻ ۽ پنهنجي گهر، گهٽيءَ، پنهنجي پاڙي ۽ شهر کان ڪئي آهي، ان ڪان پوءِ يار، دوست ۽ سنڌ جا سماجي، اخلاقي ۽ سياسي قدر جيڪي هيٺا ٿي رهيا آهن ۽ ان کان پوءِ پيو جهان، جنهن جا ڪيترائي روپ اُروپ آهن.




هڪ ڳالهه ٻي به، جيڪڏهن ائين آهي ته محمد خان ابڙو صاحب هن ڪتاب جا وڌيڪ جلد لکي رهيو آهي، جيئن هن ڪتاب ۾ ڪيترا داستان اهو لکي پاسيرا ڪيا ويا آهن ته انهن جو ذڪر اڳتي هلي ڪبو ۽ اهو ذڪر هن ڪتاب مان رهجي ويل آهي، ته اهو ممڪن لڳي رهيو آهي ته هيءُ ڪتاب مڪمل صورت ۾ اچڻ کان پوءِ، سنڌ جي ويجهي سماجي ۽ سياسي جاڳرتا ٽوٽي ويساهه گهاتين جي تاريخ جو هڪ ننڍڙو دستاويز بڻجي پوي، جنهن جي اهميت ان ڪري به هوندي

تہ ان ۾ جيڪو بہ ڳالهايو ويندو/لکيو ويندو، اهو گهڻو ڪڙو سچ هوندو، جنهن ڪري هن آتم ڪٿائي ڪتاب کي سندس زندگيءَ جي سموري سچ جو مهاڳ ئي قبولي سگهجي ٿو ۽ ان سموري رهجي ويل سچ جا هن ڪتاب ۾ اشارا بہ موجود آهن.

ڪتاب ۾ اڄ جي حوالي سان شايد بہ اهم تحريڪون جن ۾ ليکڪ جو اهم حصو/اڳواڻي رهي آهي، رهجي وڃن ها، هڪ ڪراچيءَ ۾ سنڌين جا ڳوٺ اڏي انهن جي مالڪي ڪرڻ ۽ ٻي اسٽيٽ بينڪ يونين ڪراچيءَ مان ايم ڪيو ايم جي نيڪالي يا شڪست.

سچ پچ علامہ آءِ.آءِ قاضيءَ جو اهو چوڻ تہ، هر ماڻهوءَ کي آتم ڪٿا لکڻ کپي، اڄ ان روپ ۾ ظاهر ٿيو آهي تہ، صديءَ جي چوٿائي محمد خان سان گڏ گذارڻ کان پوءِ بہ، سندس زندگيءَ جا ڏک سور، تڪليفون، جدوجهد اسين جنهن طرح ڪتاب ۾ پڙهي سگهيا آهيون، ائين ساڻس رهندي، ملندي جُلندي، ڪچهريون ڪندي، ڪڏهن بہ سمجهي نہ سگهياسين. نبي اڪرم ﷺ جن فرمايو آهي تہ: لِکڻ، کوهہ کوٽائڻ ۽ وڻ پوکڻ وارن جو مرتبو نرالو آهي.

محمد خان ابڙي پنهنجي لکڻ ۾ انهن مڙني شخصن سان ممڪن انصاف ڪيو آهي جيڪي، جنهن بہ موڙ تي ساڻس گڏ رهيا آهن يا دوست رهيا آهن. هو جيئن محسوس ڪندڙ آهي ائين اظهاريندڙ آهي. اهو سڀ انهن وٽ هوندو آهي جن پنهنجي آتم ڪٿائن کي افسانو نہ بڻايو آهي.

هر سٺو ڪم اهو آهي جيڪو پنهنجي گهر کان شروع ڪيو وڃي، محمد خان ائين ڪيو آهي. هن ائين نہ لکيو آهي تہ مان ڇا آهيان هن اهو لکيو آهي تہ مان ڇا هُيس ۽ زندگيءَ جو سفر ڪيئن ڪري آيو آهيان. هن هلندڙ تاريخ کي ٺيڪ ڪرڻ جي نيت سان جيڪو لکيو آهي، ان ۾ مصلحت بنهہ نہ آهي هن شايد شاهہ سائينءَ جي ان سٽ تي عمل ڪيو آهي تہ:

مون سان مون پرين، پورائيءَ ۾ پال ڪيا.

شاگرد سياست جي حوالي ۾ هُن کي واقعا لکيا آهن، جنهن جو جائزو هو ٻئي جلد ۾ لکي رهيو آهي، پڪ سان اهم دور اڄ جي شاگرد سياست (جيڪڏهن اها آهي تہ) لاءِ اهم هوندو. جنهن کي لکڻ لاءِ ضروري آهي تہ ان ۾ سربستو جائزو هجي. ڇاڪاڻ تہ ليکڪ ان دور جو اکين ڏٺو شاهد هجڻ سان گڏ، هو ان جو حصو بہ رهيو آهي.

ائين بہ آهي تہ ڪتاب ۾ آيل ڪيترن ئي ڪردارن تي هلڪو هٿ رکندي، محمد خان ابڙي "ٿورو لکيو گهڻو سمجهندا" واري لکت ۾ آيل چوڻيءَ جو مظاهرو ڪيو آهي ۽ پنهنجي سنڌي مروت کي هٿان نہ ڇڏيو آهي.

ان سڀ جي باوجود ليکڪ لاءِ پنهنجي آتم جو اظهار بنهہ ضروري هئو، ڇو تہ هيءَ آتم ڪٿا آهي ۽ ان ۾ ڪٿا جو حصو وڌيڪ اچي ويو آهي، ٻيءَ طرح هي ڪتاب پنهنجي دور جي هڪ ننڍي دائري ۾ نجي سچائپ ٻڌجي ايندو ۽ دلچسپيءَ سان پڙهيو بہ ويندو تہ ياد بہ رکيو ويندو، جيڪو ياد رکيو ويندو اهو ڪتاب ۾ اظهاريل سچ آهي. جنهن ۾ سندس لڙڪ بہ آهن تہ مُرڪن سان گڏ جدوجهد پڻ!

ڪتاب ۾ شامل تصويرن ڪتاب جي سونهن وڌائي آهي. سنڌيڪا اڪيڊميءَ پاران ڇپيل هن ڪتاب ۾ ٽي سئو ايڪيتاليهہ صفحا آهن، پڪي جلد ۽ ليکڪ جي تصوير سان سُهڻي ٽائيٽل واري هن ڪتاب جو ملهہ چار سؤ رپيا آهي.

▣



**غلام زينب شر**
حيدرآباد

# سنڌيءَ ۾ ڪالم نويسيءَ جي ادبي اهميت

## (تحقيقي ۽ تنقيدي مطالعو)

(1885-1970ع)

'سنڌيءَ ۾ ڪالم نويسيءَ جي ادبي اهميت' ڊاڪٽر سعيده ميمڻ جو پي ايڇ.ڊي جي ڊگريءَ لاءِ پيش ڪيل تحقيقي ۽ تنقيدي مطالعو 1885ع کان 1970ع تائين آهي، جيڪو پيڪاڪ پبلشرز، ڪراچي 2020ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو آهي.

ڪتاب جي مصنف سعيده پروين جو تعلق ڏيپلي جي علمي ۽ ادبي خاندان سان آهي، مختلف موضوعن تي سندن لکيل تحقيقي ۽ تخليقي مضمون مختلف رسالن ۾ شايع ٿيندا رهن ٿا. هن کان پهريائين سندن هڪ ڪتاب 'سنڌي ادب ۾ ڏيپلائي ميمڻن جو حصو' شايع ٿي چڪو آهي، سنڌيءَ سان گڏ اردو زبان ۾ پڻ تصوف جي حوالي سان سندن لکيل 15 کان وڌيڪ مضمون ماهوار 'قلندر شعور' ۾ شايع ٿي چڪا آهن.

هن ڪتاب ۾ 1885ع کان 1970ع تائين سنڌي ٻوليءَ ۾ شايع ٿيندڙ ڪالمن جو ادبي، سياسي ۽ سماجي جائزو پڻ ورتو ويو آهي ته ڪالمن جي ارتقا تي پڻ روشني وڌي ويئي آهي. ڊاڪٽر آفتاب ابڙو ڪتاب جي موضوع جي اهميت جي باري ۾ لکي ٿو ته:

ڪالم نويسي جيڪا ٻاهرين صنف آهي، اسان وٽ انگريزي ٻوليءَ جي وسيلي آئي آهي، ان جي وصف کان وٺي اُن جي قسمن، موضوعن، تاريخ ۽ ارتقا جي باري ۾ فني لحاظ کان بهتر انداز ۾ لکيو آهي. ڊاڪٽر صاحبه جن پنهنجي تحقيق کي ٻن دورن ۾ ورهايو آهي، پهريون دور 1885ع کان 1947ع ۽ ٻيو دؤر 1947ع کان 1970ع تائين. ان دؤر ۾ ڪهڙيون اخبارون نڪرنديون هيون ۽ ڪهڙا ليکڪ ڪالم لکندا هئا، انهن ڪالمن جو موضوع ۽ مواد ڪهڙو هوندو هو، ان تي ڊاڪٽر صاحبه ڀرپور انداز ۾ لکيو آهي. پنهنجي پاران ۾ ڊاڪٽر سعيده پروين لکي ٿي ته:




"ڪالم نويسي منهنجي پسنديده نثري صنف آهي ۽ هن موضوع تي لکجندڙ هيءُ پهريون تحقيقي ڪتاب آهي."

پيش لفظ ۾ ناليوارو محقق ۽ اديب ڊاڪٽر قاسم ٻگهيو صاحب لکي ٿو ته:

"پي ايڇ.ڊي ٿيسز لاءِ ڊاڪٽر سعيده پروين جو موضوع هن وقت تائين سنڌيءَ ۾ ٿيل روايتي تحقيق کان الڳ ۽ محنت طلب هو، پر سعيده ان کي

چيلينج ڪري ورتو ۽ ڪيترن ئي غير علمي ۽ سماجي روين کي پٺيرو اُڇلائيندي منزل ڏانهن سفر جاري رکيو.“

تحقيقي مقالي جي اهميت جي پيش نظر موضوع جي تعارف جي باب ۾ هڪ سروي رپورٽ به ڏنل آهي، جيڪا سنڌي ٻوليءَ جي مختلف اديبن کان ڪالم نويسيءَ جي صنف جي اهميت ڪرڻ لاءِ سوالن جوابن تي مشتمل آهي. جنهن مان هيءُ نتيجو ڪڍيو ويو آهي ته:

”ڪالم نويسي هڪ ادبي صنف آهي، دنيا جي ٻين ٻولين وانگر سنڌيءَ ۾ به ڪالم نويسيءَ جي ابتدا طنزيه ۽ مزاحيه لکڻين سان ٿي. مرحوم شمس الدين ’بلبل‘ هفت روزه ’مجمع معاون‘ ۾ سڀ کان اول ڪالم لکڻ شروع ڪيا ۽ اهو دؤر 1885ع کان شروع ٿئي ٿو.“

ڊاڪٽر صاحبه جي تحقيق مطابق برصغير ۾ ڪالم جي جديد انداز جو باني مولانا ابوالڪلام آزاد آهي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪالم نويسي جي ابتدا ۽ ارتقا بابت ڊاڪٽر صاحبه لکي ٿي ته:

”1866ع ۾ سنڌي اخبارن جي اشاعت جو سلسلو شروع ٿيو ۽ 1885ع ۾ هفتيوار ’معاون مجمع‘ جو اجراء سنڌ مدرسته الاسلام مان ٿيو، جنهن جي ادارت جي ذميداري شمس الدين بلبل جي حوالي ڪئي وئي. اداريه تحرير ڪرڻ سان گڏ شمس الدين بلبل هن اخبار ۾ ڪالم پڻ لکندو هو، جيڪي طنز و مزاح جي انداز ۾ هوندا هئا. سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪالم نويسي جو باني شمس الدين بلبل آهي، جنهن پنهنجي ظريفانه طرزِ تحرير سان سنڌي ٻولي جي وڏي خدمت ڪئي، اول اول ڪالم جي طرز تي ظرافتي چٽڪا اخبار ’مجمع معاون‘ ڪراچيءَ ۾ لکيائين.

سنڌي ڪالم نويسيءَ جي ٻئي دور 1920ع کان 1947ع ۾ سياسي منظر تبديل ٿي چڪو هو، ڪالمن ۾ سياسي ۽ سماجي عهد پنهنجي مخصوص تناظر ۾ محفوظ ٿي ويندو آهي ان حوالي کان به هيءُ ڪتاب تاريخي ۽ علمي اهميت وارو آهي.

1920ع ۾ سيٺ حاجي عبدالله هارون ’الوحيد‘ اخبار ڪراچيءَ مان جاري ڪئي، جنهن ۾ شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ ڪالم لکيا.

اهڙي طرح ’الوحيد‘ ۾ عبدالمجيد سنڌي، ’مسلمان‘ اخبار ۾ محمد هاشم مخلص ’نورسلام‘ نورمحمد نظاماڻي، ’ستاره سنڌ‘ ۾ پير علي محمد راشدي، ’الاصلاح‘ ۾ حڪيم فتح محمد سيوهاڻي ۽ عبدالله ’عبد‘ ڪالم لکيا.

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ کي جيڪي خطرا لاحق هئا اُهي اڄان تائين موجود آهن. ان دور جي ڪالمن جي اڀياس مان اها خبر پئي ٿي ته سنڌي قوم اڄان تائين پنهنجي بقا جي جدوجهد ۾ آهي، ون يونٽ جو ٺهڻ ۽ سنڌي کي قومي ٻولي قرار نه ڏيڻ، اهڙي صورتحال ۾ سنڌي اخبارن پنهنجي ڪالمن ذريعي سنڌين ۾ اتحاد ۽ يڪجهتي پيدا ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي. پير علي محمد راشدي، محمد عثمان ڏيپلائي، ڊاڪٽر عزيز رحمان ٻگهيو، غلام محمد گرامي، شيخ علي محمد، ۽ هن دور جي ٻين ڪالم نويسن جو هن مطالعي ۾ تفصيلي ذڪر ڏنو ويو آهي.

هن ڪتاب ۾ ڊاڪٽر صاحبه جيڪا ٻولي استعمال ڪئي آهي اها عام فهم ۽ سليس آهي، مجموعي طور تي هن تحقيقي مطالعي تي لکيل ڪتاب جي اڀياس کان پوءِ اهو يقين سان چئي سگهجي ٿو ته هيءُ ڪتاب سنڌي علمي، ادبي ۽ صحافتي تاريخ ۾ حوالي طور مڃيو ويندو. ڇو ته هن ڪتاب ۾ نه صرف سنڌي صحافتي دور ۽ ڪالم نويسي جي ابتدا ۽ ارتقا تي جامع تحقيق آهي، پر علم و ادب ۽ موضوع جي لحاظ کان به مڪمل جائزو پيش ڪيو ويو آهي.

وحشي آهن. ساڻن گڏ ماس کائيندڙ پوائتا ڄناور بہ آهن تہ ڦڙتيلا گهوڙا بہ. هر شئي کائي وڃن ٿا، پوکن کي ناس ڪري ڇڏين ٿا ۽ ڏهاڙي سنڌيا پٽر کي ٿڪيندا رهن ٿا. ڪلال ناليٰ همراھ جيڪو سنتوءَ جي ٻي ڪنڌيءَ کان آيو آهي سو بہ تصديق ڪري ٿو تہ اهي اتر کان گهاندارا ديس کان آيل وحشي پاڻ کي اسان کان اوچو سمجهن ٿا. نيٺ اها گهڙي بہ اچي ٿي ۽ سنتو لوڪن ۽ گهاندارا ديس جي وحشين ۾ يُڌ لڳي ٿي ، هوڏانهن آمري کان راڻي ساڏنا پنهنجي پُٽ موهين ۽ نُنهن ساڏنا کي آمريءَ وٺي وڃڻ لاءِ ڪجھ لشڪر ساڻ ڪري نڪري چڪي آهي. پر جيسين اهو لشڪر پهچي تيسين گهاندارا وحشي يُڌ ۾ تہ هارائي وڃن ٿا پر موهين کي ماري وجهن ٿا ۽ هُو سنڌيا پٽر ۽ سنتوءَ جي سَٽ درياهي تهذيب تان وارجي وڃي ٿو .

راڻي ساڏنا شهيد موهين جو ميٽ کڻي، سنڌيا سان گڏ آمريءَ موٽي اچي ٿي ۽ جنهن ڏينهن موهين جو اگني سنسڪار سنتوءَ ڪپ تي ٿي رهيو آهي، ان ڏينهن مهاراجا وٽ هڪ ٻوڍي سَهڪندو اچي پهچي ٿو. هوڏانهن موهين جو انتم سنسڪار ٿي چڪو آهي هيڏانهن هي خوشيءَ جي خبر اچي ٿي تہ سنڌيا هڪ پٽر کي جنم ڏنو آهي ۽ مهاراجا خوش ٿي چوي ٿو، موهين وري نئون جنم وٺي آيو آهي.

ائين هي ناوليٽ پنهنجي پُڄاڻيءَ کي پهچي ٿو.

ناوليٽ ۾ بيان ڪيل جاگرافيءَ مان ائين لڳي ٿو تہ هزارين ورهيہ اڳ سنڌ ۾ شهري رياستون هيون. جن مان آمري ۽ سنڌيا پٽر اهم هيون. اڄ اها تاريخي سچائي بہ آهي تہ دنيا جي پهريون شهري رياستون اسپارٽا ۽ ايٿنز نہ پر مهر ڳڙھ، مُهين جو شهر ۽ آمري جو شهر هيون. مهر ڳڙھ جي تهذيب جيڪا اسان سنڌين جي تهذيب هئي، تنهن ٻارهن هزار سال اڳ آمري ۽ موهين جي شهرن کي جنم ڏنو. هِن ناوليٽ وسيلي ڏاڍي سهڻي نموني اسان جي تاريخ جي انهيءَ اهم دور کي بيان ڪيو ويو آهي. توڙي جو مُهين جي دڙي جي بربادي ۾ آريا گهندارين جي هٿ هجڻ واري ٿيوري کي قبول ڪرڻ ڏکيو ٿو لڳي، پر فڪشن تہ نيٺ فڪشن آهي، تنهنڪري ’آمري‘ ۾ اها ڳالھ وڏي سهڻي انداز ۾ بيان ڪئي وئي آهي. محمد يوسف جويي وڏي سياڻپ سان سنڌيا پٽر (مُهين) جي شهر جي پهرين بربادي ٻوڏ وسيلي ڏيکاري آهي ۽ ٻي تباهي گهندارين وسيلي.

سڄي ناوليٽ ۾ ڪوشش ڪري سنتو سلطنت جون حدون، ان جون فوجون، ماڻهن جو ڪلچر، مذهب، نالا، ريتون رسمون بيان ڪيا ويا آهن. جنهن دور کي ناوليٽ ۾ چٽيو ويو آهي، ان سان ٺهڪندڙ ٻولي بہ ڪم آندي وئي آهي تہ وڏا خوبصورت نظم بہ جا بہ جا ٺهڪائي بيهاريا ويا آهن.

ڏنو وڃي ها تہ اِجا وڌيڪ بهتر لڳي ها. پر ان جي باوجود ليکڪ مٿئين نظر سان گڏ سَڄي ناوليٽ ۾ هِتي هُتي جيڪي بہ نظم ڏنا آهن اهي ناوليٽ سان ٺهڪندڙ ۽ مَنَ موهيندڙ آهن.

اچو تہ اڳتي وڌون ۽ هڪ پيراگراف پڙهون:

"ميدان جي ٻئي پاسي سنتوءَ جي سئنا پنهنجن پنهنجن جوڌن، ٻلوانن ۽ اڙٻنگ اڳواڻن سان ٻڌ بيٺي هئي. هي ڳاڙهي رتيلي جهنڊي سان ڪوٽ رني جي چونڪيءَ جي مها سئنا پتي سارنگ جي اڳواڻيءَ ۾ اڇي ململ جا پٽڪا ٻڌل، تلوارن، تيرن، ٻڇين سان حڪم جي انتظار ۾ بيٺا آهن. ان جي ٻئي پاسي کان ڪوٽ بيزڻ چونڪيءَ جي مها سيناپتي سوڊل جي اڳواڻيءَ ۾ هي وري اجرڪ جا پٽڪا ٻڌل جوان، جن جي هٿن ۾ لوڙهيون، ڀالا ۽ ڪهاڙيون آهن، سي بہ شڪارين وانگر چاتيون تاڻيون بيٺا آهن. ان جي وري ٻئي پاسي کان شوآستان چونڪيءَ جا جوان گيڙو رتي ڪپڙن سان ۽ ان سان گڏوگڏ لاڙ ۽ ٿر چونڪيءَ جا جانٺا جوان چُنريءَ جي رنگن جهڙن پٽڪن سان، ڏنبن ۽ ڪهاڙين سان تيار بيٺل نظر اچن پيا. ميدان جي سامهون پاڻيءَ سان تار سنتو درياھ ۾ اچن وڏن سڙهن

سان ٻُونٽَن پيڙن جون ڊگهيون قطارون به نظر اچي رهيون آهن. ٻُونڊين ۾ جُنگَ جُوان پيريون وڄائيندا، ملتا سنڌوءَ جا گيت ڳائي رهيا آهن."

هِنَ هڪ پيراگراف ۾ سنڌوءَ جي آمري سلطنت جون حدون به اچي ويون آهن ته فوج جو حال به. ليکڪ جي ذهن ۾ ڪنهن حد تائين قديم ۽ جديد سنڌ جون سرحدون گڏوچڙ ٿي ويون آهن. ٿر ۽ لاڙ چونڪيءَ جو ذڪر ڏکڻ اوپر جي حدن کي طئي ڪري ٿو. جيتوڻيڪ آمري دور ۾ سنڌ جو اوپر ڏکڻ جون حدون اڄوڪي گجرات تائين هيون ۽ اولهه ۾ اهي افغانستان جي هلمند درياءَ تائين ۽ ايران جي اڄوڪي ايراني بلوچستان سيستان صوبي واري علائقي تائين هيون، جنهن ۾ اڄوڪو سڄو پاڪستاني بلوچستان به اچي رڃي ٿو ۽ اتر ۾ ڪشمير تائين سنڌ هئي.

مٿئين ٽُڪري ۾ جن فوجي چونڪين جا نالا بيان ڪيا ويا آهن، تن مان ٻيا نالا ته ٺهڪندڙ آهن پر ٻيڙڻ چونڪيءَ جو نالو گهٽ ۾ گهٽ مون لاءِ نئون ضرور آهي. سُڌ نه ٿي پوي ته اهو نالو ڪهڙي علائقي لاءِ ڪم آندو ويو آهي.

ناوليٽ ۾ جيڪي نالا ڪردارن لاءِ ڪم آندا ويا آهن اهي نيٺ سنڌي آهن.. جيئن موهين، سارنگ، ساڏنا، ڏيولو سنگهه، سوڍو سنگهه، مانڪ، مينهون، جيٺي ٻائي، ڪلال، سوين راءِ، سنڌيا وغيره.

صفحي 12 تي سنڌيائين جي جل پُوڄا واري هڪ رسم کي بيان ڪيو ويو آهي. اها رسم جنهن کي يوسف 'ٻڪا وڄهڻ' سڏي ٿو، تنهن مان سندس مراد 'اڪا وڄهڻ' جي رسم آهي. اها رسم اڄ تائين جَلَ پُوڄارين هندن ۾ هلندي اچي ٿي. ڀٽائي به انهيءَ کي سُر سامونڊيءَ ۾ ڳايو آهي:

> اُڀيون ٿڙ پُوڄين، وَهون وڻجارنِ ـ جون،
> آئيو اڪا ڏين، ڪتوري ڪنڌ کي.

صفحي 26 تي ناوليٽ جي مُنڍَ ۾ ساڏنا راڻي پنهنجي پُٽ موهين جي سکيا لئه ڪيرٿر وڃڻ جا ڏينهن ڳڻي ٿي، 'ايڪم، ٻيجم، ٽيجم، چوٿم، پنجم، ڇٺم، ستم، نُوَم، ڏسم، اڳيارس، ٻارس، تيرس، چوڏس، پونم ...' ائين ليکڪ ڪيڏي نه سهڻي نموني سان اسان جي پراڻي ڳڻپ اڳيان ڪڻي آيو آهي. اهي انگ ٻوليءَ جي علم مطابق به صحيح آهن ته ٻڌڻ ۾ به سٺا لڳن ٿا. اسان جي ليکڪ ائين سڄي ناوليٽ ۾ پراڻي تهذيب، ريت ۽ رسم سان گڏوگڏ مِٺي ويل لفظن کي سُوڌي سنواري اسان کي پيش ڪيو آهي.

هي ناوليٽ منظر نگاري، ڪردار نگاري، شبداولي (Vocabulary) ۽ مڪالمن جي حوالي کان ڏاڍو سَگهرُ آهي. سڀ کان وڏي ڳالهه ته اها سدا ملوڪ ٻولي آهي جيڪا اسان جو يار ڏيڻ ۾ ڪامياب ويو آهي. محمد يوسف جوڻي هِنَ ناوليٽ وسيلي پنهنجي وطن ۽ تاريخ جي هڪ دَور کي جيئرو ڪري اسان اڳيان آندو آهي. سڄي ناوليٽ ۾ سُهڻا منظر، خوبصورت انساني احساس ۽ جذبا پَرٽيا ويا آهن. ۽ هُو ان ۾ گهڻي حد تائين سَڦل ويو آهي. هِنَ ناوليٽ کان پوءِ اميد ڪجي ٿي ته مهر ڳڙهه، ڏولا ويرا، هڙپا، ڪاهو، جهوڪر جي شهرن سميت رني ڪوٽ، لس ٻيلي، شيوي (سِبي) ، ڏادر ۽ مڪران جي تاريخي پس منظر ۾ به ڪي جُنگَ جُوان لکندا ۽ اسان پنهنجي قديم تاريخ سان ادب جي وسيلي به جڙي پونداسين.

▣

**بشير احمد ڪلهوڙو**
راڻيپور

# ڪليات حسيني
## سيد عبدالغفار شاهہ راشدي حسيني رحہ جو ڪلام
### (مرتب: عبدالجبار عبد سومرو)

محترم سائين عبدالجبار 'عبد' سومرو شڪارپوري سنڌي ادب جي پڙهندڙن لاءِ ڄاتل سڃاتل نالو آهي، پاڻ تازو قبلہ پير سيد عبدالغفار شاهہ راشدي 'حسيني'رحہ جو شاعريءَ وارو ڪتاب 'ڪليات حسيني' وڏي محنت ۽ سمجهداري سان ترتيب ڏنو آهي ۽ اهلِ ڪتاب جي پوڻي قبلہ پير سيد لطف علي شاهہ راشدي مدظلہ العالي 861 صفحن جي هن ڪتاب کي 'رومي ڪتاب گهر' حيدرآباد مان ڇپائي پڌرو ڪيو آهي. ڪتاب جو مقدمو ڪتاب مرتب ڪندڙ لکيو آهي، جنهن ۾ هن ڪتاب ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون ادبي صنفون ڪيئن شامل ڪيون ويون آهن ۽ بزرگ جو مڪمل ۽ مفصل تعارف پڻ ڪرايو آهي. هُو لکي ٿو: "قبلہ پير سيد عبدالغفار شاهہ راشدي 'حسيني'رحہ عرف 'سچي ڏنو شاهہ' 17 شعبان المعظم 1301هجري بمطابق 1884ع ڳوٺ ريلڻ تعلقي، ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ڄاوا هئا، ابتدائي تعليم پرائمري عربي، فارسي لاڙڪاڻي مان ئي حاصل ڪئي هئائون. جيئن تہ ڪين مطالعي جو تمام گهڻو شوق هو، سندن اڪثر وقت ڪتاب پڙهندي گذرندو هو ۽ اُتان ئي سندن لاڙو لکڻ ڏانهن ٿيو۔ ۽ سندن طبيعت شاعري طرف مائل هئي، تنهنڪري پاڻ شاعري تي توجهہ ڏيندي شاعري جي مڙني صنفن تي طبع آزمائي ڪيائون، سندن نثر بہ بهترين ۽ سگهارو لکيل آهي، سندس نثر نظم جي مطالعي مان پروڙ پئي ٿي تہ هو سنڌي ٻوليءَ سان گڏ عربي، فارسي، اردو ۽ سرائيڪي ٻولين تي دسترس رکندڙ هئا. جيئن تہ سندن والد سڳوري جو پيشو حڪمت هو، تنهنڪري پاڻ بہ ننڍپڻ کان حڪمت سمجهندا ۽ ڪندا رهيا ۽ آخري وقت تائين جاري رکيائون. پاڻ حڪمت سان گڏ لکڻ واري




شوق کي 'نئين زندگي' سنڌي رسالي ۾ مضمون ۽ شاعري لکي پورو ڪندا هئا. قبلہ پير سيد عبدالغفار شاهہ راشدي رحہ شاعريءَ ۾ پنهنجو تخلص 'حسيني' پر ڪٿيڪٿي 'عبد'، 'غفار' ۽ 'سچي ڏنو' بہ استعمال ڪندا هئا.

سونهاري سنڌ جو هيءُ حاذق حڪيم عظيم صوفي درويش شاعر 20 محرم الحرام

1381هجري بمطابق 4 جولاءِ 1961ع ۾ ميمڻ ڳوٺ ملير ڪراچي ۾ پنهنجي حصي جي حڪمت ۽ فيض ورهائي پنهنجي ٻي بقا زندگي ۽ دنيا کي خيرآباد چيو، سندن مزار مبارڪ مراد ميمڻ ڳوٺ ملير ڪراچي ۾ زيارت جو مرڪز آهي.“ ڪتاب ’ڪليات حسيني‘ جي شاعري آساني سان سمجھ ۾ اچي ٿي ڇو جو شاعريءَ ۾ نزاڪت ۽ وضاحت، فصاحت ۽ بلاغت ڏيکاري ڏيئي ٿي. ڪليات ۾ ادب جي مڙني صنفن کي انتهائي سهڻي سيبتي ۽ پُرڪشش انداز ۾ لکيو ويو آهي، پر ڪجھ ادبي صنفون جن تي اسان جا شاعر ضرور طبع آزمائي ڪندا هوندا پر اهي صنفون سندن ڪتابن ۾ ڪين هونديون آهن، مثال: مسدس، مخمس، مثمن پر بزرگ انهن ۾ ڪمال ڪاريگريءَ سان شاعري ڪئي آهي.

ڪتاب ۾ ضروري ۽ مقدس موضوعن، شخصيتن کان سواءِ معاشرتي موضوع دل جي احساس ڪيفيتن کي به شاعريءَ جي زينت بڻايو آهي، ’ڪليات حسيني‘ ڪتاب کي جيڪڏهن شاعريءَ جو بحر چئجي ته وڌاءُ ڪين ٿيندو. هيءُ ڪتاب شاعري ڪندڙن ۽ پڙهندڙن جي دل جي آبياري ڪندو رهندو. هيءُ ڪتاب برابر ادب ۾ واڌارو ۽ ساهن جي صندوق ۾ سانڍڻ جهڙو آهي

◙

## نئون ڪتاب




**ڪتاب:** آگم آگم نيڻ
**موضوع:** شاعري
**شاعر:** ڪريم جان پلي
**ڇاپو پهريون:** جنوري **2021**ع
**قيمت:** -/250 رپيا
**ڇپيندڙ:** سمبارا پبليڪيشن. دوابا پوليس لائين سامهون عبرت پريس گاڏي کاتو حيدرآباد

◙

**پروانو سيوهاڻي**
سيوهڻ



# مهراڻ سان اڌ ملاقات

## (ٽماهي مهراڻ 2020/4ع تي تبصرو)

مانواري ڀيڻ ثميڻه ميمڻ صاحبه سدا سلامت هجو خوش هجو شال.

حق موجود

زندگيءَ جي ڪيترن موسمن کان پوءِ منهنجو اچڻ سنڌي ادبي بورڊ جي آفيس ۾ اوچتو ٿيو، سالن جا سال سنڌي ادبي بورڊ نه آيو هئس، منهنجو ٻالجتيءَ کان وٺي سنڌي ادبي بورڊ سان روح جو رشتو هو ۽ اڃا تائين سنڌي ادبي بورڊ سان منهنجو روحاني رشتو آهي.

آءٌ جيئن ئي داخل ٿيس ته منهنجي نظر وڃي بورڊ هڪ پراڻيءَ وين تي پئي جيڪا بورڊ جي مکيه دروازي جي اندران بيٺي هئي، مون پراڻيءَ وين کي ڏٺو ته مون کي پراڻو زمانو ياد اچي ويو، جڏهن سنڌي ادبي بورڊ جي ملازمن کي شام جو بورڊ مان موڪل ملندي هئي ته آءٌ ۽ اڪبر جسڪاڻي انهي وين ۾ چڙهي شهر ويندا هئاسون، انهي زماني ۾ مان گل ڦل جو ٻانهن ٻيلي هيس ۽ اڪبر جسڪاڻي ٻارن جي رسالي ماهوار گل ڦل جو ايڊيٽر هو، انهيءَ وين تي هاڻي لکيل هو سنڌي ادبي بورڊ بڪ شاپ. آئون سنڌي ادبي بورڊ ۾ اها نواڻ ڏسي تمام گهڻو خوش ٿيس، وري منهنجي نظر سامهون آڊيٽوريم تي پئي ته اڃان به گهڻي خوشي ٿي، ڀلا خوشي ڇو نه ٿئي پنهنجي خوبصورت گهر کي ڏسي ڪير نه خوش ٿيندو، سنڌي ادبي بورڊ جي سڀني اديبن جي وڏي ۾ وڏي سڃاڻ ۽ وڏي ۾ وڏي ميراث آهي ۽ پنهنجي ميراث جي حفاظت ڪرڻ سنڌ جي هر باشعور جو فرض آهي. مان اڃان به گهڻو خوش تڏهن ٿيس، جڏهن منهنجي نظر هڪ عاليشان عمارت تي پئي. پڇا ڪرڻ تي مون کي خبر پئي ته هيءَ عاليشان عمارت بورڊ جي سيڪريٽريءَ جي آهي، آءٌ پاڻ کي ائين محسوس ڪري رهيو هوس ڄڻ مان سنڌي ادبي بورڊ ۾ اجنبي هجان، ۽ مان پهريون ڀيرو سنڌي ادبي بورڊ آيو هجان، منهنجي لاءِ سڄو ماحول نئون هو ۽ ماڻهو به منهنجي لا نوان چهرا، نه مان انهن کي سڃاڻان پيو ۽ نه مون کي پيا سڃاڻن، ته هيءُ پروانو سيوهاڻي آهي، سچ پڇو آءٌ پنهنجي ماحول ۽ پنهنجي گهر ۾ اجنبيءَ وانگر بيٺو هئس، اوچتو ڪنهن منهنجيءَ پٺيءَ تي اچي هٿ رکيو، مون پنهنجي پويان ڏٺو ته مجيد پنهور آهي، بس منهنجو مجيد پنهور کي ڏسڻ ٿئي ڀاڪرن ۽ چمين ڏيڻ ۾ لڳي وياسون، ڪيترن بهارن ڪانپوءِ پياري ۽ دل واري دوست کي ڏٺو هو، مون کي پراڻو زمانو ياد اچي ويو جڏهن منهنجيءَ "سرهاڻ پبليڪيشن" جي آفيس ۾ سنڌي ادبي سنگت جي گڏجاڻي ٿيندي هئي ۽ آءٌ انهيءَ زماني ۾ سنگت جو سيڪريٽري هوندو هئس ته ادو مجيد پنهور سنگت جي گڏجاڻين ۾ پنهنجون نڪور تخليقون پڙهندو هو، انهيءَ زماني کان وٺي مجيد پنهور منهنجو پڳ مٽ يار آهي، مون کي اها خبر ڪانه هئي ته ڀيڻ ثميڻه ميمڻ ٽماهي علمي، ادبي ۽ ثقافتي رسالي جي ايڊيٽر آهي، مهراڻ سان منهنجو روحاني رشتو تڏهن کان آهي جڏهن سائين غلام محمد گرامي ٽماهي 'مهراڻ' جو ايڊيٽر هو، انهيءَ زماني ۾ سيوهڻ ۾ مهراڻ ڪونه ايندو هو. ڪڏهن ڪڏهن منهنجو وڃڻ حيدرآباد ٿيندو هو ته گاڏي کاتي ۾ ڪيتراڻي بڪ اسٽال هوندا

پنهنجي شاعريءَ چپراڻ لاءِ سائين عابد لغاريءَ کي ڏيئي ايندو هئس، عابد لغاريءَ جي هڪ خاص خوبي اها هوندي هئي ته نماز پڙهڻ لاءِ اذان جو آواز ٻڌندو هو ته پنهنجا ڪم ڪار ڇڏي نماز پڙهندو هو، مون کي اهو زمانو اڃا تائين ياد آهي. ٽماهي ’مهراڻ‘ رسالي جو اپياس ڪندي منهنجي نظر ذاڪر ڪٽيءَ جي تصوير تي پئي ۽ مون کي ذاڪر ڪٽي ياد اچي ويو، انهيءَ زماني ۾ سيوهڻ ۾ ڪوبه ريسٽ هائوس نه هوندو هو، سرهاڻ پبليڪيشن جي آفيس سنڌي اديبن جو آرامگاهه هوندو هو ۽ سنڌ جا سمورا نالي وارا قلمڪار، فنڪار مون وٽ مهمان ٿيندا هئا ۽ آءٌ پنهنجي مهمانن جو ميزبان هوندو هئس، اهو منهنجي جي لاءِ هڪ وڏو اعزاز آهي، جهڙو منهنجو حال هوندو هو مهمانن جي اڳيان شانائتي ۽ مانائتي انداز ۾ پيش ڪندو هئس.

’مهراڻ‘ پڙهندي پڙهندي مون خواجه محمد زمان، روحل فقير، روشن الدين ’روشن‘، سيد رڪيل شاهه، شمس الدين ’بلبل‘، محمد بخش واصف، فقير هدايت علي نجفي، حافظ عبدالله بسمل، محمد صديق مسافر، مرزا علي بخش بيگ، ڊاڪٽر عطا محمد حامي، راڄ محمد جمال پلي، عبدالڪريم گدائي، ڊاڪٽر تنوير عباسي، ڀڳت ٽيئون رام ۽ شمشيرالحيدريءَ جو لافاني ڪلام پڙهي منهنجي موڳي من کي سڪون ملي ويو. ۽ منهنجي اکين ۾ ادبي ۽ علمي نشي جو خمار طاري ٿي ويو ۽ ٽماهي مهراڻ لاءِ لکڻ جو جنون پيدا ٿي ويو. منهنجي پنهنجي راءِ آهي ته ٽماهي مهراڻ ۾ سنڌ جي نون شاعرن لاءِ هڪ نئون شاعريءَ جو سلسلو شروع ڪيو وڃي ۽ انهيءَ سلسلي جو نالو هجي ’ٽماهي مهراڻ جو طرحي مشاعرو‘. آءٌ پنهنجي زماني ۾ تمام گهڻو لکندو هئس ۽ سڄي سنڌ ۾ هڪ مهيني ۾ ٻه چار مصرعه طرح تي مشاعرا ٿيندا هئا، ۽ آءٌ به پابند عروضي شاعري ڪندو هئس.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ٽماهي مهراڻ ۾ اوچتو تصوير ڏسي مون کي بلوچ صاحب جو هڪ واقعو ياد اچي ويو، مون کي اهو زمانو ياد اچي ويو جڏهن اڻويهه سو ٽيانوي 1993ع ۾ سنڌ جي نگران حڪومت ۾ سنڌ جي تعليم جو وزير هو، مون کي ڪراچيءَ گهرائي پرائمري استاد جو آبر ڏنو هئائين، رب سائين ڊاڪٽر صاحب کي جنت ۾ جايون ڏيئي، سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي ته ”ٿورو لاهجي پلي نه پر ڳائجي ضرور.“

مهراڻ ۾ قاضي قاضن جي زندگيءَ تي لکيل ڊاڪٽر نواز علي شوق جو مقالو مون کي پڙهندي ئي محسوس ٿي رهيو هو ڄڻ شوق صاحب جو مقالو علم ۽ ادب جي کاڻ هجي، ها، هاڻ ڊاڪٽر نواز علي شوق سنڌ جو قيمتي ماڻهو آهي.

ڊاڪٽر الطاف جوکئي صاحب جو مقالو لسانيات جي موضوع تي ڀرپور انداز ۾ تحرير ٿيل هو، ڊاڪٽر صاحب جو هيءُ مقالو سنڌيءَ ٻوليءَ جو جامع دستاويز آهي، مراد ڳبول ساڪري واري جو مضمون ساڪري جا ٻه شاعر شمشاد ساڪرائي ۽ اسلم ساڪرائيءَ جي عنوان سان پڙهي ساڪري جي ٻن شاعرن جي زندگيءَ جي ڄاڻ ۽ معلومات ملي.

سائين حاڪم علي شاهه بخاريءَ کي سنڌ ۾ ڪير نه سڃاڻي، آرڪيالاجيءَ ۽ سنڌ جي تاريخ جو وڏو ماهر آهي ۽ سنڌ جي مهان شاعر استاد بخاريءَ جو ننڍو ڀاءُ آهي. سنڌ جي سهاڳڻ ۽ ڏهاڳڻ جي عنوان سان پڙهڻ سان منهنجي روح کي راحت ملي ۽ تاريخي ۽ علمي معلومات ملي، قاضي غلام عليءَ جو مقالو پڙهي سنڌ جو نامور ۽ برک اديب پير حسام الدين راشدي جي ياد اچي ويئي، مون کي قاضيءَ جو مقالو جاندار لڳو ۽ سهڻي ٻوليءَ ۾ تحرير ڪيل هو، هن مقالي مان مون کي تمام گهڻي معلومات ملي، ڏاتل خان چني جو مقالو ’دادو ضلعي جون مشهور ديئون‘ پڙهي مون کي ائين محسوس ٿي رهيو هو

چڻ اڄ ٿئين درجي سماجي اڀياس جو ڪتاب پڙهندو هجان، ۽ مون کي پنهنجي ٻالڪپڻ وارو زمانو ياد اچي ويو.

نئين ٿهيءَ جي محقق ڊاڪٽر شير مهرائيءَ جو مقالو سنڌ جي مشهور سگهڙ قادر بخش جي زندگيءَ تي لکيل هو، سڄو مقالو سهڻن لفظن سان چٽيل هو، ۽ مقالو جامع ۽ شاندار هو ۽ چوڻ لڳس ته ”اڄان ڪي جوڳي جوءِ ۾ آهن.“

محترم تاج جويو منهنجو ٻالڪپڻ واري زماني جو سچو ۽ سٺو دوست آهي، سندس بهترين مقالو پڙهي معلومات حاصل ٿي ۽ منهنجي علم ۾ اضافو آيو. مقالي جو عنوان هو: ”شاهه لطيف تي حافظ شيرازيءَ جو اثر“ تاج جويو صاحب جو هيءُ مقالو سنڌيءَ ۾ ايم.اي ڪندڙ دوستن لاءِ رهنما آهي.

ٽماهي علمي ۽ ادبي رسالي ’مهراڻ‘ ۾ شاعريءَ واري ڀاڱي ۾ ڪيترن سنڌ جي نئين ٿهيءَ جي شاعرن جي شاعري پڙهي سرهائي ٿي. ادل سومرو، شبنم گل، وسيم سومرو، مخلص چانڊيو، مشتاق آريسر، شاهه مردان شاهه، عاجز ڪريم پوري، مشتاق چانڊيو، نور نبي ناچيز، اسد جمال پلي، نجمه پنهور، پريت گهمرو ۽ ڪوثر هالائيءَ جي نڪور شاعريءَ منهنجيءَ دل کي سڪون ڏنو ۽ مون کي لکڻ جو جنون ڏنو.

هاڻي مان مهراڻ جي ڪهاڻين واري ڀاڱي جو اڀياس ڪري رهيو آهيان، مير سجاد اختر جي ڪهاڻي ڀرپور هئي، ڪهاڻيءَ جي منظرنگاري به ڪهاڻيڪار فني مهارت سان ڪئي هئي، ڪهاڻيءَ جو لهجو ۽ لفظن جي اٿت به عمدي نموني سان ڪيل هئي، مون کي قوي اميد آهي ته مير سجاد اختر اهڙي طرز تي لکندو رهندو ته اهو وقت پري ناهي مير سجاد اختر سنڌ جي نالي وارن ڪهاڻيڪارن ۾ شمار ٿي ويندو. عبدالرزاق جي ڪهاڻي ’غفلت‘ ۽ اوڀس پٺي جي ڪهاڻي ساراهڻ جوڳي هئي. پريت گهمري جي ڪهاڻي مهراڻ رسالي ۾ هڪ شاهڪار ڪهاڻي هئي، ڪهاڻيءَ کي پڙهندي مون محسوس ڪيو ته اڄ نورالهديٰ شاهه جي ڪهاڻي پڙهي رهيو آهيان.

سڄي مهراڻ رسالي ۾ محترم نصير مرزا جو غلام حسين فنائي جي زندگيءَ تي لکيل خاڪو تمام بهترين هو، پڙهڻ ۾ خاڪي مونکي دلچسپ معلومات ڏني خاڪي جو عنوان هو ”بي درد جي اقرار ۾ هرگز نه سچائي آ.“ اهو هيون 2020ع جو آخري رسالي ٽماهي مهراڻ جي سڄي زماني جو نچور جيڪو مون پڙهي ۽ پروڙي اوهان تائين پهچايو ٻيو مڙئي خير آهي، خط شايع ڪرڻ جي جسارت ڪجو......

وسلام پروانو سيوهاڻي.

اديءَ ثميند ميمڻ کي مبارڪن جا مڻ هجن، ڏاڍي خوش ۽ جذبي سان ’مهراڻ‘ رسالي کي سهيڙي رهي آهي، مون کي قوي اميد آهي ته مهراڻ رسالي جي ايڊيٽر اڃان به گهڻو مهراڻ رسالي کي سنواري سينگاري مهراڻ جي پڙهندڙن جي هٿن تائين پهچائيندي.



**نياز مسرور بدوي**
شڪارپور

# ٽماهي 'مهراڻ' جديد ادب جو سرواڻ

جڏهن به سنڌي ادب جي ادبي تاريخ لکي ويندي ته ان ۾ ٽماهي 'مهراڻ' جو نالو سنهري حرفن ۾ لکيو ويندو، ٽماهي 'مهراڻ' جو ايڊيٽوريل بورڊ تخليقڪارن، ۽ محققن طرفان موڪليل مواد جي ڇنڊڇاڻ ڪري ٿو. ۽ نهايت غير جانبداريءَ سان تحقيقي معيارن تي پرکيندي، احترام جي نظر سان ڏسي ٿو ۽ لائق مضمونن کي سنڌي ادبي بورڊ جام شورو پاران شايع ٿيندڙ ٽماهي 'مهراڻ' ۾ شايع ڪري ٿو. جيڪڏهن ڪنهن مضمون ۾ ڪا اوڻائي يا پيچيدگي آهي، ته واسطيدار محقق يا مضمون نگار سان رابطو ڪري ان سان بحث مباحثو ڪري، ان جي ڄاڻ حاصل ڪري، مواد کي وڌيڪ معياري بڻائي سرجڻهار کي ماڻ ڏين ٿا.

ٽماهي 'مهراڻ' جي هن تازي شماري ۾ ايڊيٽر ثميٺه ميمڻ صاحبه پنهنجي پاران تازو وڇڙي ويلن اديبن جا تعزيت ناما لکيا آهن، جن ۾ محترم انعام ٽڪڙائي، سائين حاڪم علي شاهه، کيمچند شرما جن شامل آهن. ان کان علاوه اداري پاران سيد حاڪم علي شاهه جي ياد ۾ ڪرايل گڏجاڻيءَ جو پڻ ذڪر ڪيو آهي.

ٽماهي 'مهراڻ' جو پهريون مقالو 'سنڌ جي صوفيانه روايت ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائي' جيڪو ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو صاحب جو لکيل آهي، جنهن کي سنڌي ويس ڊاڪٽر شجاع احمد مهيسر پهرايو آهي. هن مقالي ۾ سنڌ اندر جيڪا صوفيائي لهر آئي، ان اثر جو تاريخي طور تي بيان ڪيو ويو آهي، ۽ جن صوفيائن سلسلن سنڌ اندر پنهنجا گونچ، گلاب ڪيا، تن جو پڻ ذڪر ڪيو ويو آهي. تصوف جي ترقي ۾ ترڳندڙ مانجهين جو ذڪر ڪيو آهي. مضمون اندر اهڙيون ڪافي نيون شيون آهن، جن جي تشريح ۽ توضيح ڪئي وئي آهي.

ٽماهي 'مهراڻ' ۾ نذير شاڪر صاحب جو مقالو 'سلمي جي شاعريءَ ۾ منداري، دراوڙي ۽ براهوائي لفظ' شامل ڪيو ويو آهي. نذير شاڪر بروهيءَ جو اهو مقالو لسانيات جي حوالي سان ڪافي معلوماتي آهي. مقالي پڙهڻ کان پوءِ ائين محسوس ٿئي ٿو ته سلميءَ جي شاعريءَ جي نئين سر ارٿ لکڻ گهرجي.

خود لسانيات سان تعلق رکندڙن جي لاءِ پڻ اهو موضوع اهم آهي، ان تي پنهنجي راءِ رکن ته جيئن سلمي جي شاعريءَ جي بلند مقام جي خبر پوي.




ڊاڪٽر الطاف محبوب جوکيو لسانيات جو صاحب آهي. سندس مقالي جو عنوان 'مولوي احمد ملاح جي شاعريءَ ۾ تجنيس لاحق جو جائزو' آهي. موضوع سان خاصو نياءُ ڪيو اٿائين، اهو بحث خاصو دلچسپ آهي، ۽ عروضي شاعري سان شغف رکندڙن لاءِ ڪارائتو ۽ تجربن ڪرڻ جو مواد ۽ ميدان مهيا ڪري ٿو. ڊاڪٽر صاحب حرف لاحق جي سڃاڻپ جا معقول طور طريقا ٻڌايا آهن ۽ اهڙا لفظ پڻ ڏنا آهن، جن سان پڙهندڙن کي تجنيس حرف لاحق سمجهڻ ۾ آساني ٿيندي.

ڊاڪٽر نواز علي شوق صاحب جي ’قاضي قادن جي ڪلام‘ جي ٽين قسط مطالعي لاءِ موجود آهي. ڊاڪٽر صاحب جي اها ڪاوش قاضي قادن جي ڪلام جي معنيٰ ۽ مفهوم کي واضح ڪري رهي آهي، قاضي قادن جي ڪلام ۾ جيڪي معنوي ۽ روحاني رمزون رکيل آهن، تن جو تجزيو نهايت سگهارو آهي.

قاضي مقصود احمد ’پير آقا غلام مجدد سرهندي رحه‘ جي سياسي، سماجي ۽ روحاني خدمتن تي ڳوڙهي نظر وجهي، سندس شخصيت کي نمايان ڪيو آهي. اها وقت جي ضرورت به آهي، ته نوجوانن کي پنهنجن وڏڙن جا ڪارناما پڙهايا وڃن.

ڊاڪٽر انور ’فگار‘ هڪڙو صاحب، مرزا خاندان جي علمي ادبي شخصيت ’مرزا گل حسن ’احسن‘ ڪربلائي‘ جي ادبي خدمتن تي ڀرپور روشني وڌي آهي. سندس شايع ٿيل مواد جا اقتباس ڏيئي، مرزا صاحب جي علمي ڪارنامن کي اجاگر ڪيو آهي، ڊاڪٽر صاحب جي محنت قابل داد آهي.

انهن مٿين مقالن کان علاوه ’اي.بي آڏواڻي ايم.ايل.ايل.بي هڪ وساريل مؤرخ‘، (محمد حبيب سنائي)، ’تمير- ٿهيم قبيلو تاريخ جي آئيني ۾‘ (رسول بخش تميمي)، ’مخدوم قاضي غلام محمد گچيرائي‘ (رسول بخش گچيرائي)، ’ٽنڊي محمد خان مان گذرندڙ اڳئين وهڪرا‘ (ڊاڪٽر محمد ابراهيم ’سنڌي‘)، ’سنڌو اسان جو ساهه‘ (تاج جويو)، ’ديوان معمور تي هڪ نظر‘ (ميرزا فياض بيگ)، ۽ ٻيا به ڪيترائي مضمون شامل آهن جن جي اهميت ۽ افاديت کان انڪار نه ٿو ڪري سگهجي. وقت جا مؤرخ انهن مضمون مان پڻ فيض ضرور حاصل ڪندا.

ٽماهي ’مهراڻ‘ ۾ شامل شاعريءَ جو معيار اعليٰ آهي. جنهن ۾ نازڪ خيالي، تخيل جي اڏام، خيالن ۽ احساسن جي ترجماني ۽ فن ۽ فڪر جو سنگم لاجواب ڏسڻ ۾ اچي ٿو. شاعريءَ ۾ پيغام سان گڏ گهڻي پختگي نظر آئي.

هڪ خاص ڳالهه ته گذريل ڪجهه سالن کان سنڌي زبان جي ڪافي ڪهنه مشق ۽ گوشه نشين ۽ نون ايرندڙ شاعرن کي ’مهراڻ‘ ۾ مناسب جڳهه ڏيئي سندن همت افزائي ڪئي ويئي آهي.

شبير ’هاتف‘ سنڌ جو ڀلوڙ شاعر آهي، سندس شاعريءَ ۾ تمام گهڻي سادگي ۽ رواني نظر آئي. ان کان علاوه سندس خيال پنهنجي معنويت جي لحاظ کان سنڌر هئا ۽ سماجي روين کي نروار ڪري رهيا هئا.

نياز پنهور جي شاعري به رومانس سان ڀرپور هئي، هن پنهنجي شاعريءَ ۾ وجودي ۽ خارجي ڪيفيتن کي اظهاريو آهي.

ان ۾ ڪو شڪ نه آهي ته دل جي دنيا جا دستور، سڀني دستورن کان نرالا هوندا آهن، جن جي بيان ڪرڻ بابت ڊاڪٽر بشير احمد ’شاد‘ پنهنجي محبت جا منڪور بيان ڪيا آهن.

اسد جمال پلي جو لکيل نظم ۾ به سندس اکين ڏٺي وارتا بيان ٿيل آهي. سچ ته جڻ انبن جي ميلي جي ڪهاڻي لکي آهي ۽ محبوب کي دعوت پڻ ڏني اٿئين، پر سندس نظم جي اختتام تي جيڪا دعا ڏني آهي، سا شاندار آهي.

ان کان علاوه مهراڻ ۾ شامل سرجڻهارن جون ڪافي تخليقون دل پسند ٿيون، جن ۾ سيما عباسي، عابد نياز ميمڻ، ارباب علي ’عادل‘ چوهاڻ، ادل سومرو جو حيدرآباد بابت لکيل بيت، الله بچايو ’مشتاق‘ آريسر، جوهر بروهي، بيتاب ٽالپر، مايا ساگر اوڏ، ساگر ميراڻي، خطائي ٽيبو اقبال شاهين، وغيره وغيره مطلب ته ڪهڙا ٽالا لکي ڪهڙا ڪهڙا ٽالا لکان. سڀ ٽماهي ’مهراڻ‘ جا نگينا آهن، جيڪي پنهنجي جوت سان جرڪن پيا.

ٽماهي مهراڻ ۾ شبنم گل، رسول ميمڻ، بهادر ٽالپر مير سجاد اختر ٽالپر، يار محمد چانڊيو، راقم، محمد قاسم ڪلوئي، ڊاڪٽر رضا چانڊيو ۽ پرويز جون ڪهاڻيون شامل آهن.

ان کان سواءِ متفرقات ۾ ادبي سرگرمين جون رپورٽون، ۽ هڪ تعزيتي شخصي مضمون شامل آهي.

ٽماهي مهراڻ جي ترقيءَ ۽ معيار جي لاءِ محترم ٿمينه ميمڻ، ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ، ڊاڪٽر نواز علي شوق، ڊاڪٽر اسد جمال جي ڪيل ڪوششن کي نظرانداز نه ٿو ڪري سگهجي.

ايترو چوڻ ڪافي آهي ته ٽماهي ’مهراڻ‘ سنڌي ادب جو اهو سرواڻ رسالو آهي، جنهن تي هر ادب دوست کي فخر آهي.

# مهربان لکندڙن لاءِ ڪجهه گذارشون

1. ”مهراڻ“ جي مواد ۾ ڇپيل راين، تجزين، نتيجن ۽ علمي فڪري زاوين جي سموري ذميواري مانوارن ليکڪن جي هوندي. سنڌن راين کي ”سنڌي ادبي بورڊ“ جي راءِ نه سمجهڻ کپي.
2. پنهنجون تخليقون موڪلڻ وقت ”مهراڻ“ جي معيار ۽ روايتن کي خيال ۾ رکڻ کپي ۽ اِها خاطري ڪرائڻ لازمي آهي ته اُهي اڻڇپيل آهن ۽ ڇپجڻ جي لاءِ ڪنهن به رسالي يا اخبار کي نه موڪليل آهن.
3. تحقيقي مواد موڪلڻ وقت، مقالي جي اندر حوالن جا نمبر ۽ آخر ۾ جن ڪتابن تان حوالو ڪنيل هجي، ان ڪتاب جو صفحو محقق جو نالو ڇپجڻ جو سال ۽ ڇپائيندڙ اداري جو نالو ڏيڻ تمام ضروري آهي ته جيئن حوالا پيش ۾ آساني ٿئي. ترجمي جي صورت ۾، جتان مواد ترجمو ڪيو وڃي، اُن اصل لکت جي صاف فوٽو ڪاپي ساڻ موڪلڻ بيحد ضروري آهي. ان طرح واضح حوالو پڻ ڏجي، جتان اهو مواد ترجمو ڪيو ويو آهي.
4. ڪتاب تي تبصري ڇپائڻ لاءِ اُن ڪتاب جون به عدد ڪاپيون ايڊيٽر ’مهراڻ‘ کي موڪليون وڃن، ٻي صورت ۾ مواد ڇاپڻ کان معذرت ڪئي ويندي.
5. فوٽو اسٽيٽ صورت ۾ پهتل مواد ڪنهن به صورت ۾ قبول ڪونه ڪيو ويندو. ان طرح ڪاغذ جي ٻنهي پاسن تي لکت پسند ڪانه ڪئي ويندي ۽ لڪيرن وارو پنو استعمال نه ڪجي.
6. مانوارن شاعرن کي خاص استدعا آهي ته هڪ ئي صفحي تي هڪ کان وڌيڪ ڪلام لکي موڪلڻ به کان پرهيز ڪندي، هر ڪلام لاءِ الڳ ڪاغذ استعمال ڪرڻ واري مهرباني کي هميشه قائم رکن.
7. مواد سمجهه ۾ ايندڙ صاف ۽ سُٺن اکرن ۾، مس سان، A-4 سائيز ڪاغذ تي لکيل هئڻ گهرجي. آخر ۾ پنهنجي ائڊريس ڄاڻائڻ نه وسارجي. فون نمبر، موبائيل نمبر يا اي ميل هجي ته اُهو به لکجي. (نئون نڪور فوٽو موڪلڻ نه وسارجي).
8. پنهنجي مواد جو نقل پاڻ وٽ ضرور رکڻ کپي، ادارو آيل مواد موٽائڻ لاءِ پابند نه رهندو.
9. ايڊيٽر کي مواد ۾ ضروري درستين ۽ گهربل ڦيرڦار ڪرڻ جو پورو اختيار آهي. البت ان ڳالهه جو خيال رکيو ويندو ته جيئن ليکڪ جو مخصوص اُسلوب ۽ مواد جو اصل مفهوم قائم رهي.
10. نظرثاني کان سواءِ ۽ ٽُڪ ٽُڪر ۾ رَهيل موڪليل مواد جي ڪري هڪ طرف غلطين جو امڪان رهي ٿو ته ٻئي طرف درستين لاءِ بنهه گهڻو وقت سيڙائڻو پوي ٿو. جيتري قدر ٿي سگهي، پنهنجي طرفان آخري طرح پورو اطمينان ڪجي ته مواد صاف ۽ واضح، مڪمل ۽ صحيح آهي.
11. اهو ضروري ڪونهي ته ڪوبه مواد بروقت شايع ٿي وڃي يا ضرور ڇپجي. چونڊ ۽ اشاعت جي باري ۾ ايڊيٽر جو فيصلو آخري سمجهيو ويندو. نه ڇپجڻ جي حالت ۾، سبب ڄاڻائڻ لاءِ ايڊيٽر پابند نه رهندو.

■

**همايون جو کوھ:** شهنشاھ همايون، جڏهن شير شاھ سوريءَ هٿان شڪست کائي سنڌ ڏانهن پئي آيو تہ راجپوتانا جي ايراضي ۾ کيس پاڻيءَ جي ڏاڍي تڪليف پهتي پر جڏهن کپري تعلقي جي ايراضيءَ ۾ هن جو قافلو راڻڪ ڍر ڳوٺ وٽ پهتو تہ اتي جي رهاڪن ڪوشش ڪري، ٻوڙي ڏُڪي، پري پري کان پاڻي آڻي، بادشاھ جي قافلي کي پياريو، جنهن کان بادشاھ ڏاڍو خوش ٿيو.



جڏهن همايون بادشاھ کي پنهنجو تخت واپس مليو تہ هن راڻڪ ڍر واري هنڌ کوھ ۽ حوض ٺاهڻ جو حڪم ڏنو ۽ جلدئي کوھ بہ تيار ٿي ويو ۽ ان جي چوڌاري گول چڪر ۾ هڪ ٻئي جي ڀران ست آواڙا بہ ٺهي ويا. جيڪي هڪ ٻئي کان لهوارا آهن. اهو هيئن جو کوھ جي ويجهو آواڙو سيني کان مٿي ۽ چيڙي وارو سيني کان جهڪو آهي. سيني آواڙن سان، پاڻي جي نيڪال لاءِ جارا آهن، جن مان پاڻي مٿين آواڙي کان هيٺين آواڙن طرف ايندو رهي ٿو. هي کوھ 125 فوٽ اونهون آهي ۽ آواڙن سميت پٿر جو ٻڌل آهي. هن کوھ جو پاڻي ذائقي ۾ وچولو آهي. راڻڪ ڍر، اصل نڪرن جو ڳوٺ آهي، جيڪو کپري کان 45 ميل، چور کان 32 ميل اُتر اوير ۽ چوڏنگي کان21 ميل ڏکڻ طرف آهي.

هن وقت اتي نڪر ۽ مسلمان حجام رهن ٿا ۽ کوھ هن وقت بہ قابلِ استعمال آهي ۽ آواڙا بہ مضبوط آهن. (ڪتاب: ٿرپارڪر جو مطالعو ـ مصنف: معمور يوسفاڻي)